
عالمي وبائن
جي
مختصر تاريخ
ڪرؤنا
جا
ڪلور
ڊاڪٽر سرور خاصخيلي
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

# عالمي وبائن جي مختصر تاريخ
# ۽ ڪرونا جا ڪلور

## ڊاڪٽر سرور خاصخيلي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: عالمي وبائن جي مختصر تاريخ ۽ ڪرونا جا ڪلور
ليکڪ: ڊاڪٽر سرور خاصخيلي
ڇاپو پهريون: 2020ع
ڪمپوزنگ: محمد ايوب زرداري
لي آئوٽ: فيصل ميمڻ
ٽائيٽل: مهراڻ سهتو
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
دوابا پوليس لائين سامهون عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

**مُلهه: =/250**

# CORONA JA KALOOR
## (Research)

**Writer:** DR SARWAR KHASKHELI
**First Edition:** 2020
**Composing By:** Muhammad Ayoub Zardari
**Lay Out:** Faisal Memon
**Title Design:** Mehran Sehito
**Published By:** Sambara Publication Hyd
03003513966

# ارپنا

آئون هي ڪتاب ارپيان ٿو سنڌ جي وڏي وزير"سيد مُراد علي شاهہ" کي جنهن ڪووڊ-19 خلاف انقلابي قدم کڻي اڳئين صف تي بيهي هن وبا خلاف جهاد ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر سرور خاصخيلي**

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب "**عالمي وبائن جي مختصر تاريخ ۽ ڪرونا جا ڪلور**" اوهان اڳيان حاضر آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ ۽ محقق **ڊاڪٽر سرور خاصخيلي** آهي. ڪووڊ 19 دنيا جي سماجي ۽ معاشي ڍانچي کي تباهه ڪري رکيو آهي ۽ ڏسندي ئي دنيا ۾ لکين ماڻهو هن موتمار وبا جو شڪار ٿيا آهن. ڊاڪٽر سرور لکي ٿو:

"حقيقت ۾ هي هڪ دستاويز آهي جيڪي وبائي بيمارين جي تاريخ ٻڌائي ٿي ۽ ڪووڊ جي ڪري، جيڪي ڪلور ۽ اٿل پٿل ٿي آهي ان جي هڪ تصوير آهي. مستقبل ۾ جڏهن ۽ جيڪو تحقيق ڪندو ته هي ڪتاب سندس رهنمائي ڪندو. هي ڪتاب انٽرنيٽ تي موجود وڪي انسائيڪلوپيڊيا، صحت جي عالمي اداري طرفان موجود ڄاڻ ۽ واٽس ايپ تي آيل بهتر مواد کي ترجمو ڪري هڪ دستاويز ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد** پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر سرور خاصخيلي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


- پنهنجي پاران (ڊاڪٽر سرور خاصخيلي) ---------------------------- 8
- مهاڳ (ارشاد علي اونو) -------------------------------------------- 12
- منهنجي بهترين ٽيم (ڊاڪٽر آصف رضا بروهي) ---------------- 17
- ڪرونا جي وبا لاءِ ٻانهن ٻيلي تيار ڪرڻ (روبينہ راجپوت) ---- 19
- اٿينس جو طاعون 430 قبل مسيح ------------------------------------- 21
- ايٽونائين طاعون ---------------------------------------------------- 23
- سائيپرين جو طاعون ------------------------------------------------- 24
- جسٽنين جو طاعون -------------------------------------------------- 25
- ڪاروموت ------------------------------------------------------------ 26
- ڪوڪوزائٽي وبا ------------------------------------------------------ 27
- آمريڪا جو طاعون --------------------------------------------------- 28
- لنڊن جو وڏو طاعون ------------------------------------------------ 29
- مارسيلي جو وڏو طاعون -------------------------------------------- 30
- روس جو طاعون ------------------------------------------------------ 31
- ڪالرا ----------------------------------------------------------------- 32
- زڪام جي وبا ------------------------------------------------------- 34
- آمريڪن پوليو (1916ع) -------------------------------------------- 35
- اسپنش فلو ---------------------------------------------------------- 36
- ايشيا فلو ------------------------------------------------------------ 37
- ايڊز ----------------------------------------------------------------- 38

- سوائن فلو ---------- 39
- اولهه آفريڪا ايبولا ---------- 40
- ماتا ---------- 41
- ارڙي ---------- 42
- ٽي بي ---------- 43
- ذيڪا وائرس ---------- 44
- ڪوڙهه ---------- 45
- مليريا ---------- 46
- ڪرونا ---------- 47
- پاڪستان جي صورتحال ---------- 88
- پنجاب ---------- 98
- بلوچستان ---------- 101
- خيبرپختونخواهه ---------- 103
- گلگت بلتستان ---------- 105
- آزاد ڪشمير ---------- 107
- اسلام وفاقي دارلحڪومت ---------- 108
- سنڌ ---------- 109
- خواهشون (ڪهاڻي) ---------- 118
- چري (هڪ سچي ڪهاڻي) ---------- 122
- مسيحا ...! (هڪ معصوم گڏڙيءَ جي ڪهاڻي) ---------- 125
- لاڪ ڊائون (ڪهاڻي) ---------- 132
- سنڌ جي واليءَ ڪي، ٻالڪ جا هٿ ادب جا ٻڏي عرض ---------- 136

# پنهنجي پاران

جئين تہ مان هڪ غريب هاري سوڍو خاصخيلي جي گهر ۾ پيدا ٿيس بابا سائين ترجو محنتي، سچو انسان بهترين ملهہ ۽ يارن جو يار ٿي گذريو آهي جنهن پنهجي اولاد کي هميشہ محنت ايمانداري ۽ سچائي سيکاري، مونکي اهو ڏينهن ياد ناهي جو اسان جي اوطاق تي مهمان نہ هجي، بابا سائين پاڙي جي ڪيترن ئي برادرين جو وڏو ليکيو ويندو هو، سوڍو علائقي جي مشهور شخص طور سڃاتو ويندو هو.

منهنجو وڏو ياءُ محمد خان خاصخيلي جيڪو سپاهي کان وڏي صوبيدار جي عهدي تي پهتو مونکي پنهنجي پيءُ جهڙو پيار ڏنو ۽ ان جي ڪوشش سان مان ڊاڪٽر ٿي سگهيس، منهنجو پيءُ زنده نہ آهي پر منهنجو ياءُ زنده آهي، خدا ڄاڻي ٿو منهنجي لاءِ منهنجو وڏو ياءُ پيءُ جي جاءِ تي آهي. جنهن مون کي پنهنجي پيءُ جهڙو پيار ڏنو آهي.

باقي منهنجي پنهنجي زندگي غربت جي هينين لڪير کان گهٽ گذري آهي، هارپو، مزدوري، ڳاهہ ڳاهڻ، مال چارڻ، فصل لڻڻ، ڪاٽي ڪٽڻ ۽ بڪون ڪاڻڻ جهڙا مڙئي عمل ڪري چڪو آهيان.

غربت جو هي حال بہ گذريو آهي جو پائڻ جي لاءِ ڪپڙا نہ هوندا هئا .اسين ننڍا هوندا هئاسين تہ يوريا ڪلر ڪپڙي جي ٻوري ۾ ايندو هو. زمين ۾ ڪلر ڇٽي ڪلر واري ٻوري گهر آڻيندا هئاسين تہ اسان جي جيجل ماءُ ان ڪلر واري ٻوري جي ڪپڙي مان اسان کي ڪپڙا سبي ڏيندي هئي. پرائمريءَ ۾ اسڪول ويندا

هئاسين ته پيرن ۾ پائڻ جي لاءِ جتي به نه هوندي هئي جو اسڪول کان گهر ايندا هئاسين ته تتل واري مان اڪن جي پنن مان جوتا ٺاهي گهر ايندا هئاسين. غربت جو اهو دور پرائمريءَ کان ايل.ايم.سي ڄامشورو تائين رهيو. ايم.بي بي.ايس ڪري نواب ولي محمد ۾ ڪلينڪ هلائي ٻچا تاتيم ۽ پنهنجي اولاد کي پڙهايم، نواب ولي محمد جي دوستن سائين نذير ڪوکر، مجيب ماڇي، شاهنواز خاصخيلي، بهاول لاکو، منصور لاکو، مرحوم شاهنواز لاکو، يوسف رند جهڙن باشعور ماڻهن سان گڏ رهڻ ڪانپوءِ ادبي شعور ۽ لکڻ وارو شوق پيدا ٿيو. نواب شاهه ۾ نياڻين جي تعليم جي ڪري ڪشالا ڪري رهيو آهيان.

ڪووڊ-19 تي ڪتاب لکڻ جي پهرئين شروعات آهي، جو چين جي شهر ووهان ۾ ڪووڊ 19 شروع ٿيو ۽ دنيا اندر تيزي سان هي وبا ڦهلجي وئي جنهن بيدردي سان، رستن تي تڙپندڙ لاش ڏسي، حساس ماڻهون جو جيءُ جهري تي پيو، اهڙي پريشاني واري ماحول ۾ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي ته ڇا ڪرڻ کپي......؟

اُن صورتحال ۾ هلياسون پئي، پر پوءِ خيال آيو ته خاموشي بجاءِ ڪجهه ڪجي، ائين ڪووڊ جي حوالي سان ڪجهه لکڻ کپي ائين ترجما ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم، انهن ڪهاڻين ۽ ترجمن کي شوشل ميڊيا تي ونديم ته بهتر رايا ۽ خيال اچڻ لڳا.....!

سائين ارشاد اوني سان ذڪر ڪيو ته سائين مون کي همٿايو ۽ چيو ته تنهجي لکڻين ۾درد ۽ خيال سمايل آهن ائين لکڻ ۾جنبجي ويس. سائين ارشاد اونو سان هر لکڻي شيئر ڪندو رهيس، سائين جو وڏ ماڻهپو آهي جو ڪڏهن به ناراض نه ٿيو پر ٻار جيان آگر وٺي رهنمائي ڪندو رهيو. يقين ڪريو ته هي سڄو ڪتاب مون پاڻ موبائيل تي لکيو آهي.

هڪ ليکڪ سان گڏوگڏ سائين ارشاد اونو جو اهو ڪمال آهي تہ موبائيل تي سنڌي لکڻ بہ سيکاري ڇڏي، سائين جو اهو احسان لاهي نہ سگهندس.

سائين احمد مهر جن جو پڻ سچي دل سان ٿورائتو آهيان جو پروف ۽ سنڌي ٻولي جي ترتيب جوڙي ڏني، حقيقت ۾ هي ڪم سيني ڪان ڏکيو هو جيڪو سائين احمد مهر صاحب ممڪن ڪري ڏنو آهي. ڊاڪٽر آفتاب خاصخيلي ۽ ڊاڪٽر خالد لغاري ٽيڪنيڪل طور مدد ڪئي، ان ڪانسواءِ محمد ايوب زرداري، شعيب قريشي ۽ رياض حسين ڏاهري منهنجي انٽرنيٽ جي حوالي سان تمام گهٽي مدد ڪئي. هن ڪتاب کي ڇپائڻ ۾ سائين محمد حنيف سومرو جون ڪوششون ۽ ڪاوشون شامل آهن، سائين جي وڏي مهرباني.

منهنجي هن ڪتاب جو عنوان" عالمي وبائن جي مختصر تاريخ ۽ ڪرونا 19 جا ڪلور " آهي.

حقيقت ۾ هي هڪ دستاويز آهي جيڪي وبائي بيمارين جي تاريخ ٻڌائي ٿي ۽ ڪووڊ جي ڪري، جيڪي ڪلور ۽ اٿل پٿل ٿي آهي ان جي هڪ تصوير آهي. مستقبل ۾ جڏهن ۽ جيڪو تحقيق ڪندو تہ هي ڪتاب سندس رهنمائي ڪندو.

هي ڪتاب انٽرنيٽ تي موجود وڪي انسائيڪلوپيڊيا، صحت جي عالمي اداري طرفان موجود ڄاڻ ۽ واٽس ايپ تي آيل بهتر مواد کي ترجمو ڪري هڪ دستاويز ناهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هي ڪتاب آئون سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ کي ارپيان ٿو، جنهن هن ڪووڊ 19 ۾ سنڌ اندر اڳيئن صف جي سپاهي طور ڪم ڪيو آهيءِ انقلابي قدم کنيان آهن، سچائيءَ محنت ۽

جذبي سان ڪم ڪيو آهي منهنجي طرفان سائين سيد مراد علي شاهه کي سلام پيش ڪريان ٿو. آئون پنهنجو هي پورهيو ڪرونا جي انهن شهيد ڊاڪٽرن جي نالي پڙ ڪريان ٿو. جن ڪرونا جي مريضن کي بچائيندي پنهنجون قيمتي جانيون قربان ڪري ڇڏيون، مونکي اميد آهي تہ پڙهندڙن وٽ هي منهنجو پورهيو قبول پوندو.

ساٿ سلامت سنڌ سلامت

دعائن جو طلبگار

**ڊاڪٽر سرور خاصخيلي**

نوابشاهه

03003029705

تاريخ: 18-7-2020

# مهاڳ

ڪرونا سان مقابلو ڪندڙ هڪ دلير ڊاڪٽر نالي ڊاڪٽر سرور خاصخيلي ڪي مان ان وقت کان سڃاڻان ٿو جڏهن پاڻ ميڊيڪل ۾ پڙهندو هو، ميڊيڪل ڪاليج مان نڪرندڙ مئگزين ۾ مضمون لکندو هو، پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکو وٽ ساڻس ملاقاتون ٿينديون هيون، دولتپور جا لانگاهه اسان جا گڏيل دوست هجڻ سبب وڌيڪ ويجهڙائپ ٿي، منهنجو پيارو دوست ڊاڪٽر خليل احمد لاکو ۽ ڊاڪٽر سرور هڪ ٻئي جا چڱ وڏيا يار آهن، ڊاڪٽر وزير لانگاهه ٻه سندن جوڙ جو آهي، ڊاڪٽر وزير سان منهنجي ڇهين ڪلاس کان دوستي رهي آهي، اڄ کان ويهه سال کن اڳ ڊاڪٽر خليل سان گڏ دولتپور ۾ مفت اکين جي ڪئمپ جي شروعات ڪئي سين، تہ ڊاڪٽر سرور سان وڌيڪ ويجهڙائي ٿي، پهريائين دولتپور ۾ لڳندڙ اکين جي ڪئمپن ۾ پاڻ اسان سان سات ڏنائين، اڳتي هلي نواب ولي محمد اسپتال ۾ ڊاڪٽر سرور جي اڳواٽي ۾ اکين جي ڪئمپ لڳارائي سين. اکين جي ڪئمپ ۾ هڪ هفتي تائين اسان گڏجي ڪم ڪيو پر ڪٿي بہ ڊاڪٽر سرور ڪي مون ٿڪل ڪون ڏٺو .

صبح جو اٺين بجي کان رات جو دير تائين مسلسل ڪم مريضن جي ماني، دوا، مريضن جي شوگر جون ٽيسٽون چيڪ ڪرڻ، هيپاٽائيٽس جون ٽيسٽون چيڪ ڪرڻ سندس عملي جي ذميواري هوندي هئي، جنهن جي نگراني ڊاڪٽر سرور خاصخيلي

ڪندو هو، ڊاڪٽرن جي رهائش، ٽيڪنيشن جي رهائش انهن جو ڪاڏو پيتو ان سڄي ڪم ۾ به سندس صلاح مشوري سان سندس دوستن وٽ ٿيندي هئي، ڪڏهن منصور لاڪو قرب ڪندو هو ته ڪڏهن پيارو حميد ڪلهوڙو ۽ شاهنواز خاصخيلي قرب ڪندا هئا، ڊاڪٽر خليل صاحب، آپريشن ٿيٽر جي نگراني ڪندو هو ته ڊاڪٽر اجمل صاحب، ڊاڪٽر خضر بشير صاحب مريضن جو آپريشن ڪندا هئا. ڊاڪٽر حنيف ڪوڪر به اسان سان ساٿ ڏنو انهن سيني جو تعاون ڊاڪٽر سرور سان هوندو هو، اکين جي ڪئمپ ڪامياب ٿي هڪ به ڪيس خراب نه ٿيو.

پياري دوست محمد حنيف چانڊئي ٽن ڏينهن تائين ڊاڪٽرن جي رهائش ۽ ڪاڌي پيتي جو بندوبست ڪري ڏنو، سائين دادن شاهه به ٽيڪنيشن جي رهائش ۽ ڪاڌي پيتي جو بندوبست ڪيو. سائين احمد مهر ۽ سچل ماڇي ورڪرن جا اڳواڻ هئا، سائين زاهد سومرو، سرور انڙ، خالد ٻرڙو ۽ سليم انڙ مطلب ته سڄي ٽيم اکين جي ڪئمپ ۾ ڪم ڪار ۾ رڌل هئي. روزانه شام جو مرحوم سائين امير بخش چانڊيو پنهنجي پٽ امتياز چانڊئي سان گڏ اسان جي سار لهڻ ايندو هو، صبح جو هڪڙا دوست ۽ ورڪر شام جو ٻيا دوست ۽ ورڪر خدا ڪارڻ مفت اکين جي ڪئمپ ۾ ڪم پيا ڪندا هئا، دولتپور ڪاليج جي شاگردن ڪم ۾ گهڻو ساٿ ڏنو، ڇا ڳالهه ڪجي سيني دوستن کي سلام آهي، ڊاڪٽر سرور خاصخيلي جو اصل ڳوٺ ڪڙ جي پرسان آهي، سندس هڪ ياءُ پوليس ۾ محمد خان خاصخيلي صوبيدار رهيو آهي پراڄ تائين مون ان صوبيدار جي هڪ به شڪايت ڪو نه ٻڌي آهي ته ڪو پاڙي اوڙي جي ڪنهن غريب ماڻهو کي تنگ ڪيو هجيس هاڻ ته نوڪري مان رٽائرڊ ڪيو اٿس، ڊاڪٽر سرور جڏهن نواب ولي

محمد اسپتال جو ميڊيڪل آفيسر ٿيو ته اسپتال جي پلاٽ ۾ وڻ، ٻوٽا، گل لڳرايائين اسپتال ۾ اندر ۽ ٻاهر صفائي سترائي، فرنيچر وغيره، جو انتظام ڪيائين سچ ته ڪڏهن به اسپتال وڃبو هو ته گلن ۽ ٻوٽن جي خوشبو پئي ايندي هئي. مريضن جي دوا درمل، هيلٿ ورڪرس جو خيال رکڻ ڪو هن ڪان سکي. ڊاڪٽر سرور جا ٻار به اسان وٽ دولتپور ڪاليج ۾ پڙهندا هئا، انهن جي پالنا ۽ اٿڻ ويهڻ مان ڪنهن خانداني سڌريل ٻارن جي جهلڪ محسوس ٿيندي هئي، سندس پٽ ۽ نياڻيون تمام سٻاجها ۽ محنتي هوندا هئا، الله سائين سندس اولاد کي ڪامياب ڪري اسان وٽ ڪڏهن به ڊاڪٽر پنهنجي اولاد جي غلط سفارش لاءِ نه آيو، اهو ڊاڪٽر جي بهترين پرورش جو ئي ثبوت هيو، جو سندس اولاد محنت سان پڙهيو، نواب ولي محمد ۾ رهندي پاڻ دولتپور تي هڪ ويب سائيٽ ٺاهيائين جنهن جو اظهار گهڻن ئي دوستن سان ڪيائين، مون کي خبر پئي ته مون سندس ڪم کي ساراهيو، منهنجو مقصد هوندو آهي ته زندگي تمام مختصر ۽ ٿوري آهي جيڪو دوست ڪم ڪري ان کي همٿائجي ان جي عزت ڪجي ته جيئن هو وڌيڪ بهتر ڪم ڪري سگهي، مون ڳالهه پئي ڪئي ڊاڪٽر سرور جي ان ويب سائيٽ ٺاهڻ جي ان تي پاڻ دولتپور جو تعارف، ملهه پهلوانن جو تعارف عالمن ۽ اديبن جو مختصر ذڪر ڪيائين، اڳتي هلي ڪيس شوق ٿيو ته پاڻ نوابشاهه پوسٽنگ وٺي ته جيئن پنهنجي نياڻين کي يونيورسٽي ۾ بهتر تعليم ڏياري سگهي، ان سلسلي ۾ مون سان به صلاح مشورو ڪيائين ته ڪنهن کي چئجي ته منهنجي پوسٽنگ نوابشاهه ڪرائي ڏي مون ڪوشش ڪئي پر مون ڪان سندس پوسٽنگ ڪونه ٿي سگهي. پاڻ اهڙي قسم جو اظهار وقت جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سان ڪيائين، جنهن کي سندس ڪم

جي ڄاڻ هئي، ان ڪيس ضلع شهيد بينظير آباد ۾ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ فوڪل پرسن ڪري رکيو. ضلعي سطح تي ٿوري وقت ۾ پنهنجي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان پنهنجون صلاحيتون مڃائي ورتيون. هڪ پيرو شام جو ستين وڳي مان سائٽس ملڻ ويس ته ان وقت به پاڻ آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو هو، مون کين چيو ڊاڪٽر گهڻي دير ٿي وئي آهي، چيائين ادا اسين ڪم ڪنداسين تڏهن معاشري ۾ پنهنجي جاءِ ناهي سگهنداسين، ان ڪري رات ڏينهن ڪم ڪبو ۽ دير تائين ڪم ڪبو، ڪم کان انڪار ناهي ، مون کي سندس اها ڳالهه ڏاڍي وڻي.

جڏهن دنيا جي اندر ڪرونا جهڙي خطرناڪ بيماري پيدا ٿي ته ڊاڪٽر جي اندر لڪل اديب جاڳي پيو ۽ پاڻ ڪورونا جي بيماري جي مريضن تي به ٿي اندر کي ڇهندڙ درد واريون ڪهاڻيون لکيون سندس اُهي ڪهاڻيون پڙهي آءُ گهڻو متاثر ٿيس ۽ مون سندس ڪهاڻين تي مختصر راءِ ڏني ۽ کيس لکيم ته اوهان ۾ لکڻ جون صلاحيتون آهن وڌيڪ لکو، ائين ڊاڪٽر صاحب ڪورونا جي بيماري تي قلم کڻي پاڻ هڪ تحقيقي مقالو لکڻ شروع ڪيائين ، روزانو جيڪو لکندو هو اهو مون کي واٽس ايپ ڪندو هو جيڪو آءُ پڙهي کيس پنهنجي سمجهه آهر صلاحون ۽ مشورا ڏيندو رهندو هوئس، ائين سندس مقالو ڪتاب ۾ تبديل ٿي ويو مون کيس چيو ته اوهان ايم فل ۾ داخلا وٺو ۽ ان موضوع تي انگريزي ۾ مقالو لکي ايم فل جي ڊگري وٺو پر ڊاڪٽر صاحب چيو ته سنڌي ۾ مقالو لکي مان عام ماڻهن کي ڪرونا جي بيماري جي باري ۾ مفيد معلومات ڏيڻ ٿو چاهيان مون کي اميد آهي دوستن، عالمن ۽ اديبن کي ڊاڪٽر سرور جي ڪيل هي محنت وڻندي ۽ سنڌ ۽ پاڪستان حڪومت کي ڊاڪٽر جي ڪتاب مان

صحيح نموني سان انگ اکر ملي سگهندا، وقت جو ايندڙ مورخ جڏهن به ڪرونا جهڙي بيماري تي لکندو ته ڪيس هن ڪتاب مان ڪارائتي معلومات ملندي .

ساٿ سلامت

**ارشاد علي اوٺو. دولتپور**

**تاريخ** 18-7-2020

# منهنجي بهترين ٽيم

مون کي نهايت خوشي ٿي آهي ته منهنجي ٽيم جو هڪ فرد صوفي خيالن سان سرشار، ڊاڪٽر سرورخاصخيليءَ ڪووڊ تي معلوماتي ۽ حقيقت تي ٻڌل ڪتاب "عالمي وبائن جي مختصر تاريخ ۽ ڪرونا جا ڪلور" لکيو آهي ڊاڪٽر سرور نه فقط اي پي آءِ جي فوڪل پرسن، انفيڪشن ڪنٽرول جي فوڪل پرسن، تعلقه فوڪل پرسن ڪووڊ قاضي احمد جي اهم ذميوارين کي بهتر نموني سان سرانجام ڏنيون آهن ۽ پر ان ڪانسواءِ ٻيا ٽاسڪ به سچائي ۽ هڪ ذميوار آفيسر جيان پورا ڪيا آهن. يقين ڪريو ته مون کي اعتبار نه ٿو اچي ته ايترن ذميوارين هوندي هن ڪتاب لکيو آهي. مان اهڙن مثبت ڪم جو قدر ڪيان ٿو. هر ممڪن مدد ڪرڻ جي لاءِ حاضر آهيان. مان ان موقعي جو فائدو وٺندي. منهنجي ٽيم جيڪا ڪووڊ جي هن Pandemic ۾ رات ڏينهن اڳين مورچي تي وڙهي رهي آهي. جنهن جي ڪري 25 ڊاڪٽر، 54 پيراميڊيڪل اسٽاف ۽ ، 20 ليڊي هيلٿ ورڪرن ڪووڊ ۾ مبتلا ٿي ويا. جنهن ڪري نه فقط ڊاڪٽر، پيراميڊيڪل اسٽاف ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرن خود ۽ بلڪ سندن خاندان پڻ پريشانن ۾ شامل ٿيا، مالڪ جي مهر جو ڪووڊ جي ڪري ڪو فرنٽ لائين ورڪر جو لاڏاڻو نه ٿيو آهي.

ڊاڪٽر محسن شاهه ڪمشنر صاحب ۽ مسٽر ابرار احمد جعفر ڊپٽي ڪمشنرصاحب، پروفيسر ڊاڪٽر گلشن ميمڻ، وائس

چانسلر پمس يونيورسٽي، ڊاڪٽر پروفيسر محمد صالح خاصخيلي، پرووائيس چانسلر پمس ۽ ڊاڪٽر سعيده بلوچ ايم ايس. پي ايم سي نوابشاھ جن جي رهنمائي ۽ شفقت جي ڪري بهتر ڪارڪردگي ممڪن ٿي آهي.

منهنجي ٽيم ڊاڪٽر دولت جمالي اي ڊي ايچ او، ڊاڪٽر محمد عمرجمالي فليڊ سپروائز ميڊيڪل آفيسر، ڊاڪٽر آفتاب خاصخيلي، ڊاڪٽراسدالله ڏاهري سرولنس آفيسر، ڊاڪٽر امينہ بروهي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام، ڊاڪٽر رياض شاھ پي پي ايز فوڪل پرسن، ڊاڪٽر امجد پٺي فوڪل پرسن اينٽي ڪوئڪري، ڊاڪٽر غلام قادر راجپوت، ڊاڪٽر نصير ميمڻ، ڊاڪٽر امداد اوتيرو، ڊاڪٽر اعجاز رند، ڊاڪٽر طاهره اسد ۽ ڊاڪٽر جمشيد خا نزاده جن جي سچائيءَ ۽ مستقل مزاجي سان ڪم ڪري ڪووڊ سان جنگ ۾ سرخرو ٿيڻ وارا آهيون.

ان ڪانسواءِ ٽيڪنشن، ليڊي. هيلٿ ورڪرن، پيراميڊيڪل اسٽاف ۽ ڊرائيور ٽيمن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن جيڪي ڪووڊ جي اول صف جا ورڪر ثابت ٿيا آهن. هاڻي ٿورو وقت رهيو آهي تہ ان وبا مان ڇوٽڪارو حاصل ڪنداسين.(آمين).

**ڊاڪٽر آصف رضا بروهي**
ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر
شهيد بينظير آباد.

# ڪرونا جي وبا لاءِ پاڻهن پيلي تيار ڪرڻ

اڄڪلهه دنيا جديد تاريخ جي مشڪل ترين دور مان گذري رهي آهي. ڪرونا هڪ اهڙي خطرناڪ وبا آهي جنهن معاشرتي، معاشي ۽ نفسياتي اثرات مرتب ڪيا آهن، سڄي دنيا جون معاشي حالتون ته خراب ٿيون آهن پر گڏوگڏ لکين جانيون به ان جو شڪار ٿي ويون آهن ان کان علاوه ذهني صحت ۾ به خلل پيدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن بيماري جي خوف، لاڪ ڊائون ۽ قرنطينه جي سبب تنهائي جو شڪار ٿيل ڪافي ماڻهن جي آپگهاتن جا واقعات به ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن، لاڪ ڊائون ۽ ڪاروبار بند هجڻ ڪري خاص ڪري ڪجهه آفريڪي ملڪن ۾ماڻهو بک سبب به موت جو شڪار ٿيجي رهيا آهن.

محترم ڊاڪٽر سرور صاحب پنهنجي ڪتاب لاءِ هن موضوع جو انتخاب ڪري هڪ وڏو جهاد جو ڪم ڪيو آهي. هن نه رڳو هن وبا جي ڦهلاءَ ۽ ڪنترول ڪرڻ جي ڪوشش تي تفصيلي معلومات ڏني آهي پر ان سان گڏ ان کان بچاءُ جي طريقن کي به تمام آسان، عام فهم ۽ سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، هن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي هن وبا جي خلاف انقلابي قدم کڻڻ ۽ فوري لاڪ ڊائون جهڙن فيصلن جي تعريف ڪندي کيس مرد مجاهد قرار ڏنو آهي-

ڊاڪٽر سرور صاحب پاڪستان جي سيني صوبن سنڌ، بلوچستان، پنجاب، ڪي پي ڪي، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ ڪرونا وائرس جي ڦهلاءُ ۽ بچاءُ جي ڪنيل قدمن جي به تفصيلي ڄاڻ ڏني آهي، ملڪ ۾هيلٿ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ تي زور پريو آهي ته جيئن معاشري جا سڀ شرڪتڪار، يعني حڪومت، اين جي اوز، سماجي، سياسي، تجارتي تنظيمون ۽ شخصيات سڀ گڏجي هڪ پليٽ فارم تان ان وبا جو مقابلو ڪن.

ڊاڪٽر صاحب اها به تجويز ڏني آهي ته ڪرونا جي ٽيسٽ ڪرڻ جي صلاحيت ڪي به تيزي سان وڌائڻ گهرجي.

هن وزيراعظم پاڪستان جي احساس پروگرام جو به ذڪر ڪيو آهي ته وزيراعظم اڳتي وڌي بيروزگار ماڻهن لاءِ في خاندان 12 هزار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن هن مشڪل وقت ۾ ماڻهو بک ۽ فاقن کان بچي سگهن-

هنن وينيليٽرن ۽ صحت جي ٻين سهولتن ڪي وڌائڻ جو به تفصيلي ذڪر ڪيو آهي-

مطلب ته هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب اها ترغيب ڏني آهي ته هر شخص هن وبا سان مقابلي لاءِ ٻانهن ٻيلي تي تيار ٿئي، ۽ اها ئي ان ڪتاب جي اصل روح نظر اچي ٿي هن ڪتاب جي هر پڙهڻ واري ڪي ان مان رهنمائي ملندي-

**روبينه راجپوت**

شاعره، ڪهاڻيڪار، ليکڪ ۽ اديبه

# PLAGUE OF ATHENS 430 BC
# (اٿينس جو طاعون 430 قبل مسيح)

چين جي نارٿ ايسٽن مان پنج هزار سال پراڻا، ماڻهن جا ڍانچا مليا آهن اهڙائي ڍانچا چين جي هڪ ٻئي ڳوٺ Miaozi Jan ۾ مليا آهن، جن جي عمر نوجوان ۽ اڌڙوٽ آهي، جنهن کي آرڪيالاجيڪل Human Magna سڏيو آهي. هنن ڍانچن ۾ هڪجهڙائي آهي، جنهن مان اهواخذ ڪيو ويو آهي ته اها وبا هڪ ئي وقت آئي هئي جو هو ڪجهه به نه ڪري سگهيا. ان وبا کي تاريخ کان پهريان واري وبا سڏيو وڃي ٿو.



اٿينس ۽ اسپارٽا جي وچ ۾ جنگ کي ڪو گهڻو وقت نه گذريو هيو جو طاعون جي وبا پکڙي، جنهن کي اٿينس جو طاعون سڏيو ويو آهي. هن وبا ۾ هڪ لک ماڻهو موت جي گهري ننڊ ستا هئا.

عظيم تاريخدان ٿيوسائڊيڊس لکي ٿو ته "ماڻهون سني صحت سان هئا جو اوچتو، گرم Violet ڪرٽا لڳڻ سان اکيون ڳاڙهيون ٿي سُجي ويون. بعد ۾ سنڌن ڳلو ۽ زبان رتائتو ٿي ڪري

التي تي پئي ۽ غير فطري ساهه تي ڪنيائون.“ گهڻا ماڻهون هن وبا ڪي جنگ جي وبا سڏين ٿا، ڇاڪاڻ ته اسپارٽا وڏيڪ طاقتور هئا.

# ANTONINE PLAGUE
# اينٽونائين طاعون



(165ڪان180 قبل مسيح)

جڏهن رومن امپائر جا سپاهي واپس ٿيا ته هي وبا ڦهلي. 5 ملين ، رومن امپائر جا ماڻهو مري ويا.

ڪجھ تاريخدان اهو لکن ٿا ته "اها وبا انهن سپاهين ذريعي ڦهلي، جيڪي جنگ وڙهي واپس ٿيا هئا."

پراڻن ذريعن جي مطابق پيشنگوئي ڪئي وئي ته اثرائتن ماڻهن کي ارڙي يا ماتا جهڙيون نشانيون هيون. هي وبا 166 قبل مسيح ۾ ختم ٿيڻ کان 9 سال پوءِ ٻيهر شروع ٿي. جنهن ۾ 50 لک ماڻهو دنيا کان رخصت ٿيا. جنهن ۾ روم جي سڄي فوج تباھ ٿي وئي.

## PLAGUE of CYPRIAN
## سائييرين جو طاعون



(250ڪان271 )

هي طاعون يونان جي شهر ٿيبس مان شروع ٿيو. روم ۾ روزانو 5 هزار ماڻهون موت جو شڪار ٿيندا هئا. جڏهن آرڪيا لاجسٽ، ليور مئل ماڻهن جي لاش ڪي ڪوٺي ڏٺو ته لاش ڪي سخت ڪپڙي جي تهن ۾ ويڙهي بند ڪيو ويو هو، جنهن مان اهو ثابت ٿيو ته طاعون جي ڦهلاءُ کان بچڻ لاءِ لاش ڪي جراثيم ڪش ڪيو ويو هو. هن وبا ۾ مبتلا ماڻهن ڪي ماتا، زڪام ۽ تيز بخار جون نشانيون هيون.

PLAGUE OF JUSTINAN

جسٽنين جو طاعون



(541ڪان 542)

هن طاعون بازنطينيہ جي 10 سيڪڙو آباديءَ کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. طاعون بابت حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ، "طاعون هڪ عذاب آهي، جيڪو پهريائين بني اسرائيل جي هڪ گروهہ تي موڪليو ويو هو". پاڻﷺ جن اهو بہ فرمايو تہ اهڙو طاعون گذريل امت تي بہ موڪليو ويو هو. جيڪڏهن ڪنهن جڳهہ تان توهان ٻڌو تہ (طاعون ڦهلجي ويو آهي) تہ اتي نہ وڃو. جيڪڏهن ڪنهن جڳهہ تي ڦهلجي ويو آهي، اتي اوهان پهريائين موجود آهيو تہ اتان نہ نڪرو. هن وچڙندڙ بيماري ۾ هڪ پرسينياپيسٽس نالي بيڪٽيريا جي ڪري ٿيندي هئي. هن وبا ۾ اندروني ميڊيزينيٽ، بيسن، يورپ جا علائقا اثرانداز ٿيا. هي بيڪٽيريا ڪوئي ان جهڙي ٻين نسلن جي جانورن سان ڦهلجي ٿي.

## BLACK DEATH
## ڪارو موت



هن وبا 14 صدي ۾ تمام گهڻو نقصان ڪيو، 47500،000 جانيون ضايع ٿيون. نشانين ۾ (bubonic plague)، (Pnenmonic Plague)، (Septicemic Plague) شامل هئا. 1353ع ۾ هي وبا ختم ٿي. ڪاري موت جي وبا ايشيا کان ڦهلي، جنهن وڏي وجي يورپ جي اڌ آبادي کي وڪوڙي ڇڏيو. چون ٿا ته ڪو ماڻهو نه بچيو لاشن کي دفن ڪري ها. هن وبا يورپ جي تاريخ بدلائي ڇڏي. موت ايترا ٿيا جو ڪو مزدور ملڻ جي لاءِ نه رهيو. هي وبا يرسنياپيٽس نالي بيڪٽيريا سان ٿي. جنهن ۾ تيز بخار، زڪام جون نشانيون شامل هيون. هي دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ وبا هئي. هي وبا ڪُئن ۽ ان جهڙي ٻين نسلن جي جانورن سان ڦهلي.

# COCOLIZITI EPIDEMIC
# ڪوڪوزائٽي وبا



هي وبا ڪوڪولائيزٽي انفيڪشن ذريعي خوني بخارطور سامهون آئي، جنهن ميڪسيڪو ۽ وچ آمريڪا جي 15 لک ماڻهن کي متاثر ڪيو. جڏهن ان جي DNA تي تحقيق ڪئي وئي ته اهي مدي جي بخار جا Salmonella جي گروپ paratyphics هئا. جيڪي مدي جي بخار جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا. ان ۾ تيز بخار، پاڻي جي کوٽ ۽ پيٽ جا مسئلا ٿيندا آهن. ان قسم جي وبا کان دنيا اڄ تائين خوفزده آهي.

AMERICAN PLAGUES

آمريڪا جو طاعون



(16صدي)

آمريڪن طاعون هڪ جهڳٽو (cluster) آهي. يورپ ۽ ايشا ، سياحت ۽ ايزٽيڪ رهائش پزيرن جو، هڪ اندازي مطابق يورپي آبادي جو 90 سيڪڙو خود ساختا موت جو شڪار ٿي ويا.

## GREAT PLAGUE OF LONDON
## لندن جو وڏو طاعون



(1)665ڪان1666)

ڪاري موت برطانيا ۾ گهڻو ڪجھ وڃايو. 1665ع ۾ هڪ دفعو طاعون جي وبا ڦهلي جو لندن جي15سيڪڙو آبادي مري وئي.

هن وبا جي ڪري لندن جي 460،000 جي آبادي مان 100،000 ماڻهو فوت ٿيا. هي وبا يرسنياپيٽس نالي بيڪٽيريا سان ٿي، جيڪو ڪُئن ذريعي انسانن ۾ منتقل ٿيندو هو. هن جو علاج اسٽريپٽومائيسن، جينٽامائيسن ۽ اينٽي بايوٽيڪ سان ڪيو ويو.

بغير علاج 30 کان 90 فيصد ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. هن وبا جي نتيجي ۾ ملڪ جي معيشت کي تمام گهڻو نقصان رسيو. لندن جي ملڪ کي ٻيهر ساڳي حالت ۾ پهچڻ لاءِ ڏھ سال لڳا. لڏل لاشن جي (DNA) ۾ (Yersinia Peshis) مليو. جنهن سان اها پيشنگوئي ڪئي تہ انهن جي موت (Bubinic Plague) جي ڪري ٿي.

## GREAT PLAGUE Of MARSEILLE
## مارسيلي جو وڏو طاعون



1720ع ۾ فرانس جي شهر مارسلي جي شهر اندر وڏو طاعون شروع ٿيو.هن وبا ۾ هڪ لک ماڻهون موت جو شڪار ٿيا. پهرين سال 50 هزار ماڻهو مري ويا، باقي ٻن سالن ۾ 50 هزار موت جو شڪار ٿيا. اهو طاعون هندوستان تائين پهتو. هن طاعون ۾ لاشن جا ڍير لڳي ويا. ڪو ماڻهون نہ بچيو جو لاشن ڪي دفن ڪري. هي وبا 1720ع کان 1722ع تائين ڦهلي.

## RUSSIAN PLAGUE
## روس جو طاعون



(1770 کان 1772)

هي طاعون موسڪو شهر کان شروع ٿيو. هن وبا ۾ هڪ لک ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. حاڪم ڪيٿرئن حڪم نامو جاري ڪيو ته سموريون فيڪٽريون ميڪسيڪو شهر کان ٻاهر ڪڍيون وڃن. هن طاعون کي 1771ع جو طاعون سڏيو ويندو آهي. هي روس جي آخري وڏي ۾ وڏي وبا هئي. هن وبا ۾ روس جا 1500 سپاهي مبتلا ٿيا، جنهن مان صرف 300 بچيا. هن وبا سان September 1771ع ۾ 20،401 موت ٿيا، October 1771ع ۾ 16،651 موت ٿيا، November 1771ع ۾ 5،235 موت ٿيا، December 1771ع ۾ 805 موت ٿيا ۽ January 1772ع ۾ 330 موت واقع ٿيا. 1772ع ۾ وبا ختم ٿي.

## CHOLRA
## ڪالرا



هن بيماري کي اسان جا وڏڙا ساڻي جي بيماري جي نالي سان سڏيندا هئا. هي وبا نيويارڪ سٽي مان 1820ع ۾ شروع ٿي. هن وبا چين، جاپان، پارت، ڪينيا، جاوا، پوٿان، سريا، مورس، ٿائيليند، فلپائين، انڊونيشيا ۽ ٻين ملڪن جي 30 لک ماڻهن کان جئڻ جو حق کسيو.

هندستان ۾ هي وبا بنگال کان ڦهلي، جنهن ۾ 10 هزار ماڻهو تہ برطانيا جا فوت ٿيا. هندستان ۾ 1817ع کان 1860ع تائين 15 ملين ماڻهو هن وبا ۾ مري ويا. 1865ع کان 1917ع تائين 25 لک ماڻهو روس جا مري ويا. 1832ع کان 1834ع تائين آمريڪا مان 1 لک 50 هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا 1848ع ۾ انگليند ۾ 52 هزار ماڻهو، ڪالرا سبب فوت ٿيا. 1854ع کان 1855ع ۾اسپين جا 2 لک 36 هزار ماڻهو موت جي ور چڙهيا. 1863ع کان 1875ع ، يورپ مان 30 هزار جانيون ضايع ٿيون ۽ 90 هزار ڪالرا ۾ مبتلا ٿيا. 1866ع ۾ روس اندر90 هزار ماڻهن موت کي چمي ڏني.

سائوٿ آفريڪا ۾ 50 هزار ماڻهو فوت ٿيا. 1892ع ۾ روس جا ٻہ لک ستهٺ هزار اٺ سئو نوي (267890) ماڻهو مري ويا. 1883ع

ڪان 1887ع دوران يورپ جا ٻہ لک پنجاھ هزار (250000) ماڻهو مري ويا. اسپين جا 1 لک 20 هزار ماڻهو فوت ٿيا. 1891ع ڪان 1895ع تائين روس جا 5 لک ماڻهو ڪالرا وگهي مري ويا . 1902ع ڪان 1909ع تائين هندستان جا 8 لک ماڻهون ڪالرا عيوض فوت ٿي ويا. فلپائين جي 2 لک ماڻهن موت سان ملاقات ڪئي. 1961ع ڪان 1965ع دوران هي وبا انڊونيشيا ڪان ڦهلجي، بنگلاديش، ڀارت، سويت يونين، آفريڪا، سائوٿ آمريڪا ۽ سينٽرل آمريڪا پهتي. انگلينڊ جي ڊاڪٽر جان 1954ع ۾، رهائش جي حساب سان نلڪن جي نقشا بندي ڪئي، جنهن نلڪي مان ڪالرا ڦهلي ان کي بند ڪرائي جديد دنيا اندر ايپڊيميالوجيءَ جي ابي جو اعزاز ماڻيو. هن بيماري جو سبب (Vibrio Chollerae) آهي. هن جو علاج (ORS, Antibiotics and Zinc Supplements) سان ڪيو ويندو آهي.

## FLU PANDEMIC
## زڪام جي وبا



جديد تجارتي دنيا ۾ انفليونزا وائرس، ٿورن مهينن اندر ڦهلجي ويو صرف پنجن هفتن ۾ سڄي دنيا کي وڪوڙي ويو. هن وبا ڏهه لک ماڻهن کي موت جي ور چاڙهيو.

## AMERICAN POLIO
## آمريڪن پوليو (1916ع)



نيويارڪ سٽي ڪان شروع ٿي27 هزار ٻارن ۾ پوليو جا ڪيس ٿيا جن مان 6 هزار ٻار موت جو شڪار ٿيا. 1921ع تائين ... ڪيس ٿيا.

# SPANISH FLU
# اسپنش فلو



(1918 ع کان1920ع)

19صدي جي شروعات ۾ اسپينش فلو دنيا اندر ترٿلو مچائي ڇڏيو. هن وبائي بيماري ذريعي دنيا جا 5 ڪروڙ ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويا. ڀارت ۽ پاڪستان جي ويجهن علائقن ۾ 8 لک ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ايترا ماڻهو عالمي جنگ ۾ ڪونہ مئا هئا جيترا هن وبا سبب فوت ٿي ويا. هي وبا HIVI نالي وائرس جي ڪري ٿي. هي وائرس ڪنهن اثرانداز مريض سان لاڳاپي ۾ اچڻ تان يا ڇنڇ يا ڪنگهہ جي ڪري ڪنهن ٻئي مريض تائين منتقل ٿئي ٿو. 1918ع ۾ ان وبا جي ويڪسين ناهي وئي. هي وائرس 1918ع ۾ ڳوليو ويو، هن وائرس سان گهٽي پاڳي مرندڙن جي عمر 5 سالن کان گهٽ هئي. 1918ع کان 1919ع تائين هي وبا دنيا جي مختلف علائقن ۾ ڦهلي. هن وبا جي ڪري پنجاهہ لک ماڻهن جو موت ٿيو. جنهن مان 675،000 صرف موت آمريڪا ۾ ٿيا.

# ASIA FLU
# ايشيا فلو



(1957ع کان 1958ع)

هي فلو ايشيا مان ڦهلجي سنگاپور،هانگ ڪانگ ۽ آمريڪا تائين پهتو. دنيا ۾ 1.5 ملين ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. هي وبا 1956ع ۾ چائنا مان ڦهلجي. هي وبا انساني ۽ جنگلي بدڪ جي (Mutakonstrain DNA) سان ٿيو. 1957ع ۾ ان جي ويڪسين ٺاهي وئي.

# AIDS
# ايڊز



(1981ع)

HIV هڪ اهڙو وائرس آهي جيڪو انساني جسم ۾ داخل ٿي، قوت مدافعت جي نظام کي ڪمزور ڪري ٿو. هڪ اندازي مطابق دنيا اندر 35 ملين ماڻهو HIV جي وائرس سبب موت جي ور چڙهيا آهن. وائرس پنهنجا رستا ٺاهيندي دنيا جي 64 سيڪڙو يعني ڳڻيل آباديءَ جا 40 ملين ماڻهو ايڊز جي وائرس جا شڪار ٿيا آهن.

HIV جي بيماري ايڊز وائرس جي ڪري ٿئي ٿي. (HIV) انسان جي جسم ۾ (T-Cells) تي حملو ڪري قوت مدافعت کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. هن وقت تائين هن جي ڪا به دوا يا ويڪسين نه ٺهي آهي. پر ڪجهه دوائون ڏئي ڪري وائرس جي ڦهلجڻ جي رفتار گهٽ ڪري سگهجي ٿي. هي وائرس انساني جسم جي رطوبات (Body fluids) ۾ موجود هوندو آهي.

## SWINE FLU

## سوائن فلو



(2009ع کان 2010ع)

هن وبا آمريڪا، برازيل، انڊيا، ميڪسيڪو، چائنا، ترڪي، ارجنٽينا، رشيا، انگلينڊ، اٽلي، ڪولمبيا، يوڪرين، جاپان، آسٽريليا، پولينڊ، سائيبيريا، گريس، ايران، هنگري، سعودي اربيه، يوروگائي، رومانيا، زيچ، ريپبڪ، اسرائيل، سائوٿ آفريڪا، ملائيشيا، بيلارس، سيربيا، هانگ ڪانگ، ڪوريا، موروڪو، نيدرلينڊ، بوليويا، ويتنام، الجيريا، فنلينڊ، پارگئي، نيوزيلينڊ، تائيوان، سريلنڪا، اراق، آسٽريا ۽ بلگيريا ملڪ شامل ٿيا. سوائن فلو جي وبا 2009ع کان شروع ٿي ۽ دنيا کي پنهنجي وڪڙ ۾ ويڙهي ڇڏيو. سڄي دنيا ۾ 1.4 ملين ماڻهو موت جي ور چڙهي ويا. سڄي ڌرتيءَ جي گولي تي پنج لک پنجهتر هزرا چارسئو (575400) ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. هي بيماري چاليهن ڏينهن جي اندر اثر ڪري ٿي. هي وبا (Flu) وانگر اثر ڪندي هئي. هي سڀ کان پهريان سور مان ٿي ۽ پوءِ انسانن ۾ نظر آئيءَ هي بيماري 2009ع ۾ وبا جي شڪل ورتي ۽ سڄي دنيا جي مختلف علائقن ۾ هلي.

WEST AFRICA EBOLA

## اولهه آفريڪا ايبولا



(2014ع کان 2016ع)

هي وبائي بيماري اولهه آفريڪا کان شروع ٿي جنهن ۾ ابتدائي طور اناويهه هزار ڇهه سئو ماڻهو متاثر ٿيا. يارهن هزار ٽي سئو پنجويهه ماڻهو مري ويا. هن وبا ۾ پڻ تيزيءَ سان اضافو ٿيو. ليبريا، سيرياليون، نائجيريا، سينگال، سوئيڊن ۽ عوامي جمهوريه ڪانگو ۾1976ع رپورٽ ڪيون. هي وبا گائينيا مان شروع ٿي پوءِ لبيريا، سيراليون، سنيگل، نائيجيريا، مالي، انگلينڊ، اٽلي، اسپين، آمريڪا به شامل هئا.

# SMALLPOX
# ماتا



هن بيماري ۾ متاثر ماڻهن جي مرڻ جو شرح 30% هيو. جنهن مان صحتياب ٿيندڙ کي بہ نشان بيهي ويندا هئا. هن بيماري جي ويڪسين 1796ع ۾ E.Jennar ناهي. 1977ع ۾ ماتا جو آخري ڪيس سوماليا مان رپورٽ ٿيو. 1980ع تائين اها بيماري ختم ٿي وئي. ماتا تيزيءَ سان ڦهلجڻ واري بيماري جيڪا viriola virus ذريعي ٿيندي هئي. ارڙهين صدي جي ختم ٿيڻ وقت هن وبا 4 لک ماڻهن کي موت جي گهاٽ اماڻيو. 20 صدي تائين ماتا 300 کان 500 ملين ماڻهو ماريا. 1950ع جي رپورٽ مطابق 50 ملين ماڻهن ۾ ماتا ظاهر ٿي. اوڻويهين ۽ ويهين صدي ۾ ڪامياب ٽڪن جي مهم ڪان پوءِ هي بيماري دنيا مان ختم ٿي وئي. 3 صدي کان ماتا جي شروعات ٿي. 6 صدي ۾ ماتا جاپان تائين ڦهلي. 7 صدي ۾ ماتا اتر آفريڪا، اسپين ۽ پرتگال ۾ ڦهلي. 11 صدي ۾ اها يورپ ۾ ڦهلي. 15 صدي ۾ اولهہ آفريڪا ۾ ڦهلي. 16 صدي ۾ آمريڪا، 17 صدي ۾ اترآمريڪا ۽ 18 صدي ۾ آسٽريليا ۾ ڦهلي.

# MEASLES
# ارڙي



ارڙي تيزيءَ سان ڦهلجڻ واري وبا آهي. آمريڪا جي رپورٽ مطابق 15 سال عمر جا 40 سيڪڙو ٻار هن بيماري ۾ وڪوڙجي ويا آهن. ارڙي دنيا ۾ 200 ملين ٻارن کي ماريو آهي. سڄي دنيا مان 150 سالن جي اندر 40 ملين ٻارن مان 7 لک 77 هزار ٻار مري چڪا آهن.

هي بيماري (Measles Morbillivirus) جي ڪري ٿئي ٿي. جنهن جي نشانين ظاهر ٿيڻ جو وقت 7 کان 9 ڏينهن آهي. جنهن ۾ کنگهه، بخار، زڪام، نڪ وهڻ شامل آهن. هنن نشانين جي ظاهر ٿيڻ جي 3 کان 5 ڏينهن کانپوءِ جسم تي ڳاڙها داڻا نظر اچي ويندا آهن.

## TUBURCLOSIS
## ٽي بي



14 مارچ 1882ع ۾ ڊاڪٽر رابرٽ ڪاڪس مائيڪوبيڪٽيريم ٽيوبرڪلوزز کي ڳوليو. ان وقت آمريڪا ۾ TB هر ستن مان ٽن ماڻهن کي موت جو منهن ڏيکاريو. هي (Airborne) هوا جي ذريعي ڦهلجندڙ بيماري آهي. دنيا جي آباديءَ جو هڪ ڪوارٽر حصو مائيڪو بيڪٽيريم ٽبر ڪلوزز ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي. اوڻويهين صدي ۾ آبادي جو هڪ حصو ٽي بي جي ڪري فوت ٿي ويو. ويهين صديءَ ۾ ٽي بي 10 ملين ماڻهو ماريا.

# ZIKA VIRUS

## ذيڪا وائرس



ذيڪا وائرس مڇر جي ايڊيزجينس جي ذريعي ڦهلجي ٿو. هيءَ وبا اولهه آمريڪا ۽ وچ آمريڪا مان ظاهر ٿي. هيءَ وبا جنسي لاڳاپن ذريعي به ڦهلجي ٿي. هي وائرس وڏن تي نه پر 40 ڏينهن کان گهٽ ٻارن ۾ ساه ڪٽڻ ۾ مونجهه پيدا ڪري ٿي. ذيڪا وائرس سڀ کان پهريان آگنڊا ملڪ جي پولڙن ۾ 1947ع ۾ ٿيو. پوءِ 1952ع ۾ انسانن ۾ به لڌو. هي بيماري ايڊيزجينس جي ڪري ٿئي ٿي. جيڪو ڏينهن جي وقت چڪ هڻندو آهي. هن بيماري ۾ متي جو سور، جوڙن جو سور، بخار، جسم تي داڻا، ٿيندا آهن. هي وائرس 2 کان 7 ڏينهن تائين نشانيون ظاهر ڪندو آهي. هن بيماري آفريڪا، آمريڪا، ايشيا ۽ پيسفڪ ۾ 1960ع کان 1980ع تائين وبا جي شڪل ورتي. 2007ع ۾ هي وبا ييپ جي جزيري کان شروع ٿي. 2013ع ۾ اها فرينچ بولينيا تائين ڦهلي. 2015ع ۾ اها برازيل تائين ڦهلجي وئي. ذيڪا وائرس (Blood Transfusion) يا جسماني عضوي جي تبديلي سان به ڦهلجي سگهي ٿي.

# LEPORSY
# ڪوڙهه




ڪوڙهه جي بيماري 6 سئو قبل مسيح کان دنيا اندر سن 1000ع تائين ڦهليل هئي. تيرهين صدي ۾ ويسٽرن يورپ ۾19 هزار ڪوڙهه جا ڪيس هئا. 1985ع ۾ ڪوڙهه جي بيماري جو علاج شروع ڪيو ويو ۽ هن وقت تائين 15 ملين ماڻهو صحتياب ٿي چڪا آهن. ڊاڪٽر جرهرڊ هفرڪ ناروي جو پهريون شخص هو جنهن هن بيماري جي جراثيم کي ڳوليو. 1940ع ۾ ڊاڪٽرن (Chanlmoogrant) جي تيل سان متاثرب جو شروع ڪيو. 1921ع ۾ (Public Health Service) هڪ ادارو ناهيو. جتي ليپروسي تي ريسرچ ۽ علاج ڪيو ويندو هو. 1941ع ۾ شلفون دوا ناهي وئي. 1950ع ۾ ڊينوز گوريون ناهيون ويون. 1970ع ۾ MDT (Multi Drugs Therapy) ناهيو ويو، جنهن ڪانپوءِ اڄ تائين اهو طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي. هي بيماري مائيڪوبيڪٽيريم ليپراءِ سان ٿيندي آهي. هي بيماري ڪنهن اثرائتي ماڻهو سان لاڳاپي ۾ اچڻ سان ڦهلجي ٿي.

MALARIA
مليريا



مليريا جي ڦهلاءُ دنيا خاص ڪري آمريڪا جي ڪجھ حصن، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ هرسال 350 کان 500 ملين مليريا جا ڪيس ظاهر ٿين ٿا. ان ڪانسواءِ انفلوئنزا وائرس آمريڪا ۾ ڦهليو، جنهن جي ڪري 17 هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. اهو وائرس پکين ذريعي ڦهليو. سفيلس يورپ کان دنيا ۾ داخل ٿيو 1602ع کان 1796ع تائين يورپ ۾ موت جو وڏو سبب هو.

تائيفس جنهن کي ڪيمپ بخار ۽ گول بخار جيڪو جهازن ۽ جيلن ۾ ڦهليو هو .

دنيا ۾ ميڊيسن رزسٽنس جي وبا ڦهليل آهي جو هاڻي دوائون MDR (Multi Drug Resistance) ۽XDR (Extensively drug-Resistance) ٿي ويون آهن.

COVID-19

ڪرونا



ڪرونا وئرس سڀ کان پهرين 1960ع ۾ ڦهليو. تنهن وقت ٽيڪنالاجي گهٽ هجڻ ڪري ڪجهه سالن کانپوءِ انهي وائرس تي ليبارٽري ۾ تجربا ڪيا ويا. جنهن ۾ يونيورسٽي آف ٽيڪساس جي هڪ ٻارن جي ماهر جيفري ٻڌايو تہ هن ٻن قسمن جي ڪرونا وائرس کي ڏٺو ۽ تجربو ڪيو (او سي فور ٿري OC43) ۽ (ٽو ٽو نائين اي 229E) ۽ 2003ع ۾ SARS ( Severe Acute Respiratory Syndrome) ، COV جي وبا جيڪو وائرس ڪري رهيو هو، اهو 229E ۽ OC43 وانگر هو. هن وبا متاثر ماڻهن ۾ ڏهہ فيصد ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. يونائيٽيڊ ڪنگڊم جي نيشنل هيلٿ سروس جي مطابق اهو وائرس چمڙن مان انسانن ۾ منتقل ٿيو. 2004ع ۾ نيڌرليند مان رپورٽ ڏني وئي. هڪ ٻار کي نمونيہ آهي ۽ انهي جي جسم ۾ 229E ۽ OC43 نما هڪ وائرس آهي. جنهن کي پوءِ NL63 جو نالو ڏنو ويو. متاثر کي ذڪام جون نشانيون هيون. NL63 جي ڳولا کان پوءِ هانگ ڪانگ مان هڪ ٻيو ذڪام ڪندڙ ڪرونا

وائرس مليو. جنهن کي HKU1 جو نالو ڏنو ويو ۽ انهي وائرس کي آسٽريليا، آفريڪا ۽ فرانس ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. 2004ع واري ڪرونا جي وبا ڪانپوءِ 2012ع تائين ڪو به ڪيس نه مليو. 2012ع ۾ سعودي عربيه ۾ هڪ ڪيس مليو، جنهن ڪانپوءِ اتي 2500 ڪيس مليا، جنهن ۾ 35 فيصد ماڻهو مُئا. 2003ع ۾ اٽلي جي فزيشن ڪارلو ارباني سارس کي هڪ نئين خطرناڪ وچڙندڙ بيماري طور تشخيص ڪيو. بعد ۾هو هن بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي فوت ٿي ويو.

## ڪرونا 19



ڪرونا 19 جي شروعات چين جي ووهان شهر ۽ حبائي صوبي کان ٿي. ڊسمبر 2019ع جي آخر ۾ هڪ جهڳٽي (ڪلسٽر) مان ARI جا ڪيس رپورٽ ٿيڻ شروع ٿيا. جنهنجي ڪووڊ ١٩ نالي طور سامهون آئي. جو ڏسندي ڏسندي چين، ويسٽرن يورپ، ايران، آمريڪا کان ٿيندو، دنيا جي 218 ملڪن ۾ تيزي سان ڦهلجي ويو.

صحت جي عالمي اداري 11مارچ 2020ع تي عالمي وبا طور اعلان ڪيو. 19 مارچ تائين 1990811 ڪرونا 19 جا ڪيس ٿي چڪا هئا. جن مان 320189 ماڻهو موت جو شڪار ٿي چڪا هئا. جڏهن مان

ڪتاب پريس ۾ ڇپائي لاءِ موڪلي رهيو آهيان ته دنيا اندر 4799061 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن ۽ انهن مان 568053 موت جو شڪار ٿيا آهن ۽ 7496724 مڪمل صحتياب ٿي ويا آهن. اڄ جڏهن هي آئون سٽون لکي رهيو آهيان تاريخ 9 آگسٽ 2020ع ته دنيا اندر ٽوٽل ڪيس 19817575 ٿيا جڏهن ته صحتياب 12729896 ٿيا، ۽ 729748 ماڻهو لاڏاڻو ڪري چڪا آهن.

ڪرونا 19 وائرس جي وڏي فيملي آهي ،عام طور تي SARS-COV ۽ SARS-COV 2 ڪرونا 19 جا وڏا سبب آهن، ڪرونا جا ڪجھ وائرس جانورن مان انسان ڏانهن منتقل ٿيندا آهن. سارس ڪوو ٻه ٻلين ذريعي منتقل ٿيو آهي. مارس ڪوو، اٺن مان انسان ڏانهن منتقل ٿيو آهي.

هن بيماريءَ جون نشانيون، زڪام، ڪنگھ، ساهه ۾سوڙهه ۽ ساهه کڻڻ جي تڪليف بعد ۾ نمونيا، ساهه جي شديد بيماري (Sever Respiratory Syndrom)، گردا فيل ۽ موت واقع ٿيڻ آهي.

هن بيماريءَ کان بچڻ لاءِ چند هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. جن مان مکيه هي آهن.

مسلسل هٿ ڌوئجن؛

ڇڪ يا ڪنگھ ٿئي ته منهن ٻانهن ڏانهن ڪجي؛

منهن ماسڪ (ٻوٿاڙو) سان ڍڪجي؛

انهن ماڻهن سان ملڻ ڇڏي ڏجي جنهن کي ڪنگھ يا ساهه جي بيماري هجي؛

هڪبئي جي وچ ۾ ڇهه فٽ وٿي هجڻ گھرجي.

ڏسندي ڏسندي جيڪا وبا ووهان جي شهر کان شروع ٿي، دنيا جي 218 ملڪن ۾ وائرس پهچي ويو. ڪلندي ڪلندي روشنين، رنگن سان ڀرپور، چمڪندڙ، صاف سٿرا خوبصورت شهر ويران ۽

خاموش ٿي ويا. ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪو واسينگ نانگ سماج کي ڪکي ويو آهي يا وري ڪو ديو يا راڪاس گهمي ويو آهي.

ماڻهو خوف وچان غارن ۾ لڪي ويا آهن. عمارتون ته موجود آهن پر عمارتن ۾ رهڻ واراخوف ۾ ونجي ڪُنڊن ۾ لڪي ويهي رهيا آهن. گهٽين، شهرن، واهڻن وستين، اوطاقن ، اوتارن، خانقاهن، اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، بازارن، محفلن، مدرسن، مسجدن، امام بارگاهن، هوٽلن، ڪلبن، ڊسڪو ڊانسنگ جي هجومن، راندين جي ميدانن، ائيرپورٽن، بسن، ريل گاڏين وغيره ۽ دنيا جي هر هڪ جاءِ تان زندگيءَ جي رونقن جو پکي اڏامي ويو آهي.

اظهار جا سڀ هنڌ بند گلي جيان وائڙا ۽ نراس آهن. ٽڙندڙ گلن تي ۽ مکڙين مٿان شبنم به اڏامي وئي آهي. پيار جون رس پريون چميون به فلائينگ ڪس تيڻ لڳيون آهن. ڪوبه ڪنهن جو نه رهيو آهي. ماڻهو، ماڻهوءَ کان لڪي پيو. هڪڙو ننڍڙو جيو، آدم بوءِ، آدم بوءِ! ڪندو پيو گهمي. ان هڪڙي نه ڏسڻ ۾ ايندڙ جيوڙي اڳيان عالمي طاقتون بيوس ۽ لاچار آهن. دنيا جا ميزائيل، ائٽم بم، ڪروز ميزائيل، جنگي ٻيڙا ۽ جديد هٿيارن سان ليس فوجون به ڪجهه نه پيون ڪري سگهن.



7 مارچ 2020ع کان مالڪ سائينءَ جي گھر خانہ ڪعبہ جو امام بہ اڪيلو روئي رڙي رهيو آهي، ۽ عمري جي سعادت پڻ روڪي وئي آهي. ۽ نبي آقا حضرت محمدﷺ جي روضي جي زيارت پڻ بند آهي، نہ ڄاڻان خبر نہ آهي تہ هن سال محدود ماڻهن کي حج جي سعادت نصيب ٿي.

الله سائين جي ناراضگي پنهنجي ڪمزور بندن تان ڪڏهن ختم ٿيندي.



پوپ پڻ اڪيلو خطاب ڪري رهيو آهي. ڪليسائن ۽ مندرن جا گهنڊ وڄائيندڙ پڇي ويا آهن. ائين ٿو لڳي ته دنيا جو گولو سڪتي ۾ اچي ويو آهي ۽ سڄي دنيا جي سونهن ۽ سوڀيا کي نظر لڳي وئي آهي.

اهڙي وبا جي باري ۾ هڪ سئو سال پهريائين ڪنهن ڏاهي هن طرح لکيو آهي، "جڏهن ٻه عدد برابر ٿي ويندا، ان زماني ۾ بيماري ڦهلجي ويندي، حج ڪرڻ رڪجي ويندو، هنگامو ٿي ويندو، تڏيون ماري ڇڏينديون، روم جو بادشاھ مري ويندو، ياءُ ڪان ڊڄي ويندو، بازارن ۾ ٻاڙائي هوندي، گناھ گهٽا ٿي ويندا، بنياد ڪوڪلا ٿي ويندا، خوف مارچ جي مهيني ۾ عروج تي هوندو، ٽيون حصو ماڻهو مري ويندا ۽ ننڍڙا ٻارذهني طور جوان ٿي ويندا!".




1981ع ۾ لکيل ناول The Eyes of the Darkness ۾ ڊين ڪونٽس، ووهان اندر بايولاجيڪل هٿيارن کي استعمال ٿيندي ڏيکاريو آهي. جنهن ۾ ووهان 400 وائرس کي هڪ حياتياتي هٿيار طور ڏيکاريو ويو آهي.

چين، آمريڪا مٿان الزام ٻه لڳايو هو ته آمريڪا، بايو لاجيڪل هٿيار ذريعي ڪرونا 19 جو حملو ڪيو آهي. جنهن جي لاءِ چين وڊيو جاري ڪئي هئي. پر ان جي آمريڪا ترديد ڪئي هئي.

آمريڪا پهريائين ڪرونا کي اهم نہ سمجهيو، پر جڏهن آمريڪا اندر هزارن جي تعداد ۾ ائين ماڻهو مرڻ شروع ٿيا، جو وڏو سپر پاور بي يارو مددگار ٿي پيو تہ هن سپر پاور دنيا ڏانهن مدد جو هٿ ڦهلايو.








مسلمانن جو سخت مخالف آمريڪا جو صدر ڊونلڊ ٽرمپ اجلاسن ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪرائڻ لڳو. نبي ڪريم حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي حديث جا وڏا بورڊ جوڙائي چوراهن تي لڳرائي ڇڏيائين. سڀ کان وڏي ڳالھ تہ موهن جي دڙي جي ڪک مان جنم وٺندڙ سنڌي ثقافت وارو قرب پريو ٻانهن ٻڌڻ وارو سلام دنيا اندر مشهور ٿيو, جو آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کان وٺي برطانيا جي شهزاديءَ تائين ۽ ٻين عالمي آڳواڻن عملي مظاهرو ڪيو.

آمريڪا صحت جي عالمي اداري کي خط لکي 2021ع تائين جدا ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي، ۽ پنهنجي الڳ اداري ناهڻ جو اعلان ڪيو آهي.

چين ۾ دنيا اندر ڪيترائي ماڻهو مسلمان ٿي، آذانون چوڻ لڳا. چين اندر قرآن مجيد جا نسخا ورهايا ويا.

هن وبا جي باري ۾ هڪ ٻئي ڪتاب ۾ هن طرح لکيو ويو آهي تہ "2020ع جي اندر هڪ نمونيا جهڙي بيماري ايندي، جيڪا سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويندي. اها بيماري ساهہ واري نظام کي سخت متاثر ڪري نقصان پهچائيندي، جنهن جو ڪوبہ علاج نہ هوندو.

هيءَ بيماري ڪنهن جي سمجھ ۾ نہ ايندي ۽ اچانڪ ختم ٿي ويندي“.

دنيا اندر سڀ ڪان وڌيڪ جيڪي ملڪ متاثر ٿيا ان ۾ چين، اٽلي، آمريڪا ۽ ايران، جتي ڪرونا 19 جي ڪري انسانن جي لاشن جون سٿيون سٽجي ويون. لاش ايترا گهڻا ٿي ويا جو ڪين اجتماعي قبرن ۾ دفن ڪيو ويو يا ڪين Incinator ۾ ساڙيو ويو.



دنيا جي اهم عهدن تي فائز ماڻهو ۽ سياستدان جيڪي ڪرونا 19 ۾ مبتلا ٿيا يا موت جو شڪار ٿيا انهن جو وچوڙ ڪجھ هن طرح آهي.

ڪواڪو ايگ منگ مانو هيلٿ منسٽر گهانا جي ڪرونا وائرس ٽيسٽ مثبت آئي.

رئيڪ مارچر ڏڪڻ سوڊان جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ ان جي ذال انجلينا ٽيني ڊفينس منسٽر جي ڪرونا ٽيسٽ مثبت آئي.

فيروز دين فيروز افغانستان جي هيلٿ منسٽر جي ڪرونا ٽيسٽ آئي. جيڪو ٻن هفتن ڪانپوءِ صحتياب ٿي ويو.

برطانيہ جي پرنس چارلس ۽ وزيراعظم بورس جانسن جي ٽيسٽ مثبت آئي.

اسپين جي ڊپٽي وزيراعظم ڪارمين ڪالوو جو ٽيسٽ مثبت آيو، ۽ وزيراعظم جي گهر واري پيدرو سينچز جي رپورٽ مثبت آئي.

ڪوزو تاشما جاپان جي فٽ بال ايسوسيئيشن هيڊ جو ڪرونا ٽيسٽ مثبت آيو.

آمريڪا جي شهر ميامي جي ميئر فرانسز سيورز جي ڪرونا ٽيسٽ مثبت آئي، هيليني وينسٽين ۽ چارلس برون، نيويارڪ جو گورنر ايبريو ڪيومو، سينيٽر رينڊپال، ماريو ڊياز بلارٽ ۽ اٿاهه بن ميڪ ايڊمس جون رپورٽون به مثبت آيون.

برطانيه جي هيلٿ منسٽر نادائين ڊوريز جي ٽيسٽ مثبت آئي.

آسٽريليا جي گهرو کاتي جو وزير پيٽر ڊيوٽن ڪرونا ۾ مبتلا ٿيو، جيڪو واشنگٽن ۾ اٽارني جنرل وليم ببئر، ٽرمپ جي ڌيءَ ۽ وائيٽ هائوس جي ٻين لاڳاپيل عملدارن سان مليو هو.

سينيٽر سيوستان مي ڊونالڊ لبرل پارٽي جو هن وبا ۾ مبتلا ٿيو

اندڊويو برگ لبرل پارٽي جي اڳواڻ جي ڪرونا ٽيسٽ مثبت آئي، ۽ ان ڪانسواءِ ريڪس پيٽرڪ سياستدان ڪرونا جي وڪڙ ۾ اچي ويو.

برازيل جي صدر جيئربولسونارو جو پريس سيڪريٽري ڪرونا 19 جي رپورٽ ۾ مثبت آيو.

برازيل جي قومي سيڪريٽري جي صلاحڪار آگسٽو هيلينو ڪرونا 19 جي ٽيسٽ ۾ مثبت آيو.

ان ڪانسواءِ برازيل جي انرجي ۽ معدنيات جي وزير بينٽو البو ڪورينٽو ۾ پڻ ڪرونا تصديق ٿي.

برڪنينا ڦيسو جا چار وزير عمرئو اڊيني، سٽينلس اورو، سائيمن سوادوگو ۽ الفا بيري ڪرونا 19 جي ٽيسٽ ۾ رپورٽ ٿيا.

هن ملڪ جي نائب صدر،قومي اسيمبليءَ روزماري ڪمپوري ڪرونا سبب مري وئي.

ڪيناڊا جي وزيراعظم جي زال سوپيلي ٽريڊيو ڪرونا 19 ۾ مبتلا ٿي.

اٽليءَ جي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي مرڪزي عهديدار نڪولازنگارٽي تائين ڪرونا پهچي ويو، ۽ ٻيو ليڊر رابرٽ سيسيلا به ڪرونا ۾ مبتلا ٿيو.

پراڻن ڊاڪٽرن جو صدر روبرٽو اسٽيلا هن وبا وگهي مري ويو.

اٽليءَ جي سننس ميونسپلٽي جو مئير جيئوروگو ولوٽو ڪرونا سبب حياتي وڃائي وينو.

موناڪو جي پرنس البرٽ ٻڌايو ته مونا اريچ ڪرونا 19 جي ٽيسٽ ۾ مثبت آيو آهي.

نائيجيريا جي صدر محمدو بخاري جي چيف آف اسٽاف ابا قاري ڪرونا 19 جي ڪري فوت ٿيو. ان ڪانسواءِ بلا محمد بخاري اسٽيٽ جي ڪي پڻ ڪرونا جي تصديق ٿي هئي.

ناروي جي وزير مزدور ۽ سماجي ٽربجورن روئياساڪسن ڪرونا جي ٽيسٽ ۾ مثبت آيو هو.

ايران ڪرونا 19 جي جي حوالي سان سخت متاثر ٿيو، جنهن ۾ سياسي ۽ مذهبي اڳواڻ سرفهرست هئا. ايران جي پارليامينٽ جي 24 ميمبرن ۾ ڪرونا 19 وائرس جي تصديق ٿي ان مان محمد علي رمضاني ۽ فتيح رهبر موت جو شڪار ٿيا. اراج هراريچي صحت جو ڊپٽي وزير، مئسومي ابتڪار نائب صدر عورتن ۽ ڪٽنب جي افئير، علي اڪبر ولاعتي خارجا پاليسي جو صلاحڪار، مجتبي رحمان زاده ميجر، محمود سديگهي، مثنود رضا، ڪم هي ميڊيڪل ايمرجنسي جو هيڊ، پرگوسينڪوليوند ڊائريڪٽر ايمرجنسي ميڊيڪل سروسز، اسحاق جهنگيري، پهريون نائب صدر، اسماعيل نجر، ڪرائيسس منيجمينٽ جو آرگنائيزر، مصطفيٰ پورو محمدي وزير جسٽس منسٽر ۽ انفيرر، رضا رحماني، انڊسٽري ۽ بزنس هو وزير علي اصغر مونسان وزير ثقافت، هٽرادو هنر، ۽ سياحت، رضاصلاهي آمري صدر اولمپڪ

ڪاميٽي، مجتبيٰ زنور چيرمين نيشنل سيڪيورٽي ۽ فارين پاليسي، مئسوميا گهاپور پارليامينٽ جو ۽ زورالاهان ميمبر پارليامينٽ کي ڪرونا 19 وائرس جي تصديق ٿي.

آئرلينڊ جي آئرش پارٽي جي ميري ليوڊونالڊ کي ڪرونا 19 جي تصديق ٿي.

اسرائيل جي صحت جي وزير ياڪو لٽزيمين کي ڪووڊ-19 مثبت ٿي.

يورپين يونين جو چيف نگوٽيٽر سائيڪل برئر ڪرونا ۾ مثبت ٿيو.

فرانس جي ثقافت جو وزير ڪرونا ۾ مبتلا ٿيو،

سوماليا جو سابق وزيراعظم يورپ ۾ڪرونا وگهي فوت ٿي ويو.

جرمني ۾ اسرائيل جو سفارتڪار جرمي اساچوراف ڪرونا 19 جي رپورٽ مطابق مثبت آيو، ۽ ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ يونين پارٽي جو سربراھ فريندرچ مرز جو ٽيسٽ مثبت آيو.

پاڪستان ۾ اسد قيصر قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي سڄي فيملي کي ڪرونا 19 جي تصديق ٿي.

فيصل ايڌي (پاڪستان جي سڀ کان وڏي بيت المال جي هيڊ) جو ڪرونا ٽيسٽ مثبت آيو.

گورنر سنڌ اسماعيل کي ڪرونا 19 جي رپورٽ مطابق مثبت آئي.

ريلوي جو وزير شيخ رشيد جي ڪرونا جي ٽيسٽ مثبت آئي.

وفاقي وزير شاھ محمود قريشي جي ڪرونا جي ٽيسٽ مثبت آئي.

ان ڪانسواءِ سنڌ جي پهرين صف ۾ ڪم ڪندڙ وزير تعليم سعيد غني خاصخيلي جي ڪرونا 19 جي رپورٽ مثبت آئي، ان ڪانسواءِ ٻه سابق ايم پي. اي ميان جمشيد دين ڪاڪا خيل، ۽ شوڪت منظور چيمه ڪرونا 19 جي ڪري موت جو شڪار ٿيا آهن.

سنڌ ڪابينا جي غلام مرتضيٰ بلوچ ڪرونا سبب حياتي وڃائي وينو.

## ڪووڊ 19 جا دنيا جي معيشت تي اثر

ڪرونا وائرس جي نتيجي ۾ بين الاقوامي معيشت تي تمام گهڻو اثر پيو. آمريڪا ۾ 10% کان وڌيڪ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو بيروزگار ٿي ويا. وڏين ڪمپنين جيئن نائيڪي وئوجونز ۽ ايف ٽي ايس ٽي سڀ کان وڌيڪ نقصان ڪاڏو. ڪروڊ آئل جي قيمت ڪري پئي. پاڪستان جي تعليم جو نظام تمام گهڻو اثرانداز ٿيو آهي. يونيورسٽي، ڪاليج ۽ اسڪول بند ٿيڻ ڪانپوءِ ڪافي شاگرد تعليم کان محروم آهن. تعليم سان گڏ سياست، معيشت، صحت، رانديون، مذهب ۽ بيروزگاري جا مسئلا پيش آيا آهن.دنيا ۾ آيل بحران جنهن ۾ فلو (1968ع)، سارس، (2003ع)، مارس(2012ع)، ايبولا (2014ع) ۽ ذيڪا ( 2016ع) جي آيل عالمي وبائن جي ڪري به دنيا ۾ معيشت تي بين الاقوامي طور وڏا اثر ظاهر ٿيا هئا. انهن سڀني عالمي وبائن کان وڌيڪ ڪرونا 19 تمام وڏا ڪلور ڪيا آهن. ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشين جي رپورٽ مطابق معاشي بحران جي ڊي پي 2.5 سيڪڙو تائين گهٽجي وئي آهي، جن ۾غربت جي هينان 8 سيڪڙو. مان گهٽجي1.5% تي گهٽي آهي. ٽن مهينن جي موجوده COVID 19 جي صورتحال % 3 کان گهٽجي % 27 تائين ڪري پئي آهي. 520 ملين ماڻهو هينين سطح تي پهتا آهن.

خاص ڪري درآمد جي لحاظ کان ايشيا ۽ اتر آمريڪا وڌيڪ متاثر ٿيا آهن. ڏهاڙيدار مزدورن جي بيروزگاريءَ جي شرح خاص ڪري يورپ، آمريڪا ۽ وچ ايشيا اندر ٻن هفتن ۾ 68 کان 81 سيڪڙو تائين پهتي. گذريل ٻن هفتن ۾118% کان 124% تائين پهتي آهي.

ڪاروباري شعبو بري طرح سان متاثر ٿيو آهي جنهن ۾48 ملڪ، 30 مٿين سطح وارا پيداوار ڏيندڙ ملڪ، وچين سطح وارا

پيداوار ڏيڻ وارا 15 ملڪ ۽ هيٺين سطح وارا پيدار ڏيندڙ ملڪ بري طرح سان متاثر ٿيا آهن. تازو آمريڪا ۾ شروع ٿيل قرلٽ ۽ وائٽ هائوس جي اڳيان لکن جي تعداد ۾ ڌرڻا ان جو تازو مثال آهي.

چمڙي ۽ پوشاڪ جي مصنوعات ۽ موٽر گاڏين واري صنعت هيٺ ويهي وئي آهي، پر ان جي برعڪس ڪاڏي، دوائن ۽ سگريٽن واري انڊسٽري وڏيڪ اپت حاصل ڪئي آهي. صرف آمريڪا اندر ڇهن هفتن ۾ 30 ملين ماڻهو بيروزگار ٿيا آهن.

لاڪ ڊائون دوران بين الاقوامي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمتن 150 ڊالر في بيرل مان گهٽجي، 25 ڊالر في بيرل تائين پهتي آهي. پهريون دفعو آمريڪا جي في بيرل منفي حد تائين قيمتون گهٽ ٿيون آهن. ڪيترن ملڪن جي GDP(Gross Domestic Product) جو گراف منفي تي ويو آهي. جنهن ۾ ڪيناڊا، فرانس، جرمني، اٽلي، جاپان، يوڪي ۽ آمريڪا شامل آهن.

هڪ سئو ملڪن اندر سفري سهولتون مڪمل طور تي بند ڪيون ويون آهن. چين جيڪو دنيا ۾ پنهنجون مصنوعات برآمد ڪرڻ ۾ ٽيون نمبر امير ملڪ آهي، اهو بہ منفي گراف ۾اچي ويو آهي. صرف مارچ ۾ ڪارن جي وڪري جو واهپو گهٽجي منفي 48 سيڪڙو تي ويو آهي.

دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ هن جيو سان مقابلو ڪرڻ وارو، دنيا جو ڪو جديد هٿيار ميزائيل، جنگي جهاز نہ پر معاشري جا نازڪ ۽ نفيس ڊاڪٽر، نرسون ۽ ان سان لاڳاپيل عملو آهن. جن کي دنيا فرنٽ لائين ورڪرن جي رتبي سان سڏي ٿي، جو روزانو سرخ سلامن، عزتن ۽ خوبصورت خيالن سان نوازيو وڃي ٿو.

جڏهن چين جي ووهان شهر جي گهٽين ۾ لاشن جون قطارون هيون، ۽ چيني حڪومت ڪرونا 19 متاثرين کي گولين سان اڏائڻ جو سوچي رهي هئي، تڏهن چين جي ڊاڪٽرن سيني تي هٿ هڻي چيو " تہ اسان ان جيو سان مقابلو ڪري رهنداسين" ٿيو

ٻه ائين جو ٽن مهينن جي سچائي، بهادري ۽ محنتن سان چين جي ڊاڪٽرن ناممڪن کي ممڪن بڻائي ڏيکاريو. چين ، جيڪي واعدا ڪيا ته دنيا جا شاگرد تعليم خاطر آيا آهن انهن جو هر ممڪن بچاءُ ڪنداسين. ڊاڪٽرن جي محنتن رنگ لاتو، جوچين جي ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي سلاميون، پيٽائون ڏيڻ جي لاءِ وڏيون تصويرون لڳائي، سندن مجتا ڪئي وئي.

اهڙي طرح دنيا اندر فرنٽ لائين ورڪرن کي عزت ۽ مان بخشيو پيو وڃي. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته آئرلينڊ جو وزيراعظم لوئي وراڪر ڊاڪٽرن جي ڪوٽ محسوس ڪندي، وزيراعظم جو عهدو ڇڏي ڊاڪٽرن جي ٽيمن ۾ شامل ٿي ويو. نيويارڪ سٽي جي ميئر ڊاڪٽرن جي ڪوٽ جو اعلان ڪيو ته 30 هزار رٽائرڊ ڊاڪٽر ۽ نرسون ميدان ۾ پهچي ويا. باوجود ان جي ته وڏي عمر هئڻ ڪري وائرس ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو موجود هو. پوءِ ٿيو ٻه ائين جو وڏي عمر جي ڊاڪٽرن کي اسپتالن ۽ ايمرجنسي ۾ جلد وائرس وڪوڙي ويو ۽ هو موت جي گهري ننڊ ۾ سمهي پيا. اهڙي قسم جي هڪ وڊيو ٻه وائرل ٿي هئي جنهن ۾ان اسپتال ۾ وڏي عمر جي ڊاڪٽرياڻي کي ويل چيئر تي ڏيکاري ويو هو .سندس اها خواهش هئي ته منهنجي ڪوشش ۽ ڪاوشن سبب جي مريض صحتياب ٿي ويا آهن انهن سان ملايو ۽ جڏهن هو انهن مريضن سامهون ويل چيئر تي گذري رهي هئي. سمورا مريض سندس لاءِ تاڙيون وڄائي رهيا هئا. ان منظر ۾ ڊاڪٽرياڻي جي زندگيءَ جي جيڪا آخري خوشيءَ واري مرڪ هئي، اها محسوس ڪرڻ جهڙي هئي.......!!

دل ڏاريندڙ ڳالهه جيڪا ان ايمرجنسي ۾ سامهون هئي ته سون جي تعداد ۾ ماڻهو انهن اڳيان مري ۽ تڙپي رهيا هئا. سندن جان ٻه جوکم ۾ هئي. اها حالت جُڙي جو اها خبر نه پئي پوي ته آخري ساه جي تند، ڪڏهن ٽي سات ڇڏي......!!؟

جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان تہ دنيا اندر تاريخ .... تائين ڊاڪٽر.....،نرسون....عملو ... هن وائرس ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي. انهن مان ڊاڪٽر. .. نرسون.... عملو ...... موت جي گهري ننڊ ۾ سمهي رهيا آهن.

اهڙن سچن ۽ بهادر ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻين جي ڪهاڻين جيءُ جهوري وڌو آهي. جو سندن اين 95 ماسڪ پائي، خوبصورت چهرن تي ڪارا داغ ڇڏيا آهن. رت جون سيڙهون ڪندي نظر اچن ٿيون ۽ گرم موسم ۾ ٽائيوڪ سوٽ پائي جيڪي ڊاڪٽر ۽ نرسون ڊيوٽيون ڪن ٿيون سندن پگهر پاڻيءَ جيان ٽمي پوي ٿو...... !!

اهڙيون سچيون ، درد ۽ خوف ڀريون ڪهاڻيون ڏسي اکين مان ڳوڙها ڳڙيو پون ٿا. اهڙين سورن ڀرين ڪهاڻين پنيان ،سچائي ۽ بهادريءَ جا وڏا داستان آهن.

اهڙي هڪ درد ڀري ڪهاڻي هڪ نرس جي آهي، جيڪا پنهنجي معصوم ڌيءَ کي ٽيج بہ نہ پئي ڏئي سگهي صرف شيشي جي ٻاهران ننڍڙي جي خيريت معلوم ڪري پئي. هڪ ٻيو ڊاڪٽر ڊيوٽي ڪري پنهنجي گهر کان ٻاهر فوٽ پاٿ تي ويهي چانهہ پيئندي نظر اچي رهيو آهي، عجيب حسرتن سان ڏسي سوچي رهيو آهي تہ اڄ منهنجو پنهنجو گهر بہ اوپرو ۽ اجنبي آهي جو منهنجي ڪري گهر جي ڀاتين کي ڪرونا 19 وائرس نہ وڪوڙي وڃي.......!!

جتي دنيا جي عظيم انقلابين پنهنجي ريٽي رت سان تاريخ جوڙي آهي، اهڙي نموني فرنٽ لائين ورڪرن پنهنجن عظيم جذبن سان هڪ وڏي تاريخ رقم ڪئي آهي. اهڙو هڪ ڪردار ڊاڪٽر دولت جمالي پڻ آهي جنهن ڪرونا 19 جي خلاف جنگ وڙهندي 3 مهينن کان ڏينهن رات هڪ ڪري پنهنجي گهر کان بہ لاتعلق ٿي، اڳين مورچي تي وڙهي رهيو آهي.

ڪرونا 19، دنيا جي نقشي تي جيڪي ڪلور ڇڏيا آهن انهن ۾ غربت وڏو سانحو تي ايريو آهي جو 40کان 60 ملين ماڻهو غربت جي هيٺين لڪير تي پهچي ويا آهن . غير اعتمادي ۽ ان کان وڏو چيلينج گلوب (دنيا) اڳيان اهو آيو تہ هاڻي توازن ڪيئن برقرار رکجي.

فلورش چارٽ مطابق 632 ملين کان 665 ملين ماڻهو غربت جي هيٺن لڪير تي پهتا آهن. ڪووڊ 19 ڪري 49 ملين ماڻهو اجا وڌيڪ غربت جي هيٺين سطح تي ڌڪجي ويا آهن. سيني کان وڌيڪ صحارا آ فريڪا جا 230 ملين ماڻهو ڌڪجي ويندا ۽ ان سان ڏکڻ ايشيا جا 16 ملين ماڻهو پڻ غربت جي هيٺين سطح تي پهتا آهن. ڀارت ۾ 12 ملين، نائيجيريا 5 ملين ۽ عوامي جمهوريا ڪانگو ۾ 2 ملين ماڻهو غربت ڏانهن ڌڪجي ويندا.

ڪرونا 19 وائرس، جنهن دنيا کي تيزيءَ سان وڪوڙيو آهي. جو وڏو خوف ۽ پريشانين وڏي آباديءَ کي جهوري وڌو آهي خاص ڪري، وڏين عمر وارا اهي ماڻهو، جيڪي صحت جون سهولتون ڏيندڙ ۽ اهي ماڻهو جن جي صحت اڳئي سٺي نہ آهي .

جنهن جي ڪري نفسياتي طور ذهني دٻاءُ ۽ فڪر وڌي ويو آهي. اهي ماڻهو جيڪي تنهائي ۾ ڪرونا جي ڪري قرينطينہ جي سينٽرن ۾ رکيا ويا آهن ، ذهني دٻاءُ ۾اچي گهڻو شراب پيئڻ، آرام جون دوائون استعمال ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي نقصان ڏيڻ، خودڪشيون ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن جو دنيا اندر... ماڻهو خودڪشيون ڪري چڪا آهن.

سڄي دنيا اندر ڪووڊ-19 جي ڪري، تعليمي نظام بري طرح متاثر ٿيو آهي. اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون بند آهن. جنهن جي ڪري تقريباً 1725 ملين سکيا وٺندڙ ٻار متاثر ٿيا آهن. يونيسيف مطابق دنيا جي 153 ملڪن مڪمل طور تي اسڪول بند ڪيا آهن. ان جي ڪري دنيا جي% 98.6 شاگردن جي تعليم متاثر

ٿي آهي. ان جي ڪري دنيا جي اڪثر ٻارن جا امتحان ملتوي ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ پرائيويٽ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ڪرڻ سبب انهن ادارن ۾ ڪم ڪندڙ استاد ۽ ٻيو عملو بيروزگار ٿي ويو آهي. انهن مان ڪيترن جي PHD ڊگري ٿيل آهي. ان جي باوجود ڪجهه به نه ڪري پيا سگهن. جنهن جي ڪري بيروزگاري ڪان تنگ ٿي پاڇيون ۽ ميوا ڪپائي رهيا آهن.

اسڪولن جي بند هئڻ جا اثر نه صرف شاگردن، استادن ۽ گهرن تي پيا آهن پر ان جا گهرا اثر سماجي ۽ اقتصادي پڻ ٿيا آهن. وڏو نقصان اهو به ٿيو آهي ته تعليم جي وچ ۾ وقفو اچي ويو آهي جو ٻارن جي ڪاڌ خوراڪ ۽ انهن کي سنڀالڻ جا پڻ وڏا مسئلا سامهون آيا آهن.

جڏهن ڪان ڪووڊ-19 جي وبا دنيا ۾ ديرو ڄمايو آهي، صحت جون سهولتون پڻ اٽلپ ٿي پيون آهن. جنيوا جي بچاءَ ۽ علاج واري اداري مطابق اڻ وچڙندڙ بيمارين تي نه وسرڻ وارا برا اثر ٿيا آهن. مئي 2020ع جي ٽن هفتن جي سروي مطابق 155 ملڪن ۾ ان بيمارين تي وڏا اثر ٿيا آهن. خاص ڪري گهٽ آمدني وارا ملڪ وڌيڪ متاثر ٿيا آهن.

صورتحال نهايت ڳٽيءَ جوڳي آهي جو هڪ طرف اڻ وچڙندڙ بيمارين جي ڪري ماڻهو وڏي خطري ۾ آهن ته ٻئي طرف ڪرونا 19 جي ڪري بيماري ڦهلجڻ جو خدشو ۽ موت آهن.......!!!؟

صحت جي عالمي اداري جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر ٽيدروس مطابق ”جڏهن ڪان ڪووڊ-19 شروع ٿي آهي ته ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماڻهن کي خبر آهي ته ڪينسر، دل جون بيماريون ۽ شگر جي بيماريءَ وارن بيمارن کي علاج جي ضرورت آهي ان جي لاءِ ملڪ ڪو اهڙو ايجادي طريقو اختيار ڪن ته جيئن انهن جو علاج جاري رهي سگهي. باوجود ان جي ته ڪرونا 19 سان ويڙهه جاري هجي.

دنيا اندر صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ رڪاوٽون ٿيون آهن. سروي مطابق 53% ملڪن ۾ بلڊپريشر، 49% شگر, 42% ڪينسر ۽ 31% دل جي بيماري جي علاج ۾ رڪاوٽون پيون آهن.

دنيا اندر 94% ملڪ جي صحت جو عملو مڪمل طور يا ڪجھ گهٽ ڪووڊ-19 جي مريضن جي علاج ۾ رڌل آهي. اهو ئي سبب آهي ته هڪ طرف نہ وچڙندڙ بيمارين جي موت ۾ شرح وڌي رهي آهي تہ ٻئي طرف ڪرونا-19 سبب موتن ماڻهن جو ساهہ مٺ ۾ ڪري ڇڏيو آهي.




دنيا اندر، هن وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ سخي مردن ۽ عورتن تجوڙين جا تالا کولي ڇڏيا آهن. سڀ کان وڏي سخاوت جيڪ ڊورسي ڪئي جنهن 1 بلين ڊالر, ڪووڊ-19 خلاف جنگ جي گلوبل فنڊ ۾ ڏنا. بل گيٽس ۽ سندس گهرواريءَ ميلنڊيا طرفان 2.35 ملين ڊالر گلوبل فنڊ ۾ جمع ڪرايا ويا. اعظم پريم جي 1.32 ملين ڊالر، بلين آري 1.30 ملين، امانزيئو 68 ملين ڊالر، جيفريا سڪال 1 سئو ملين ڊالر، ايڊيريو فارسٽ 1 سئو ملين ڊالر، بلين آري 1 سئو ملين ڊالر، بلونگ برگ 74.5 ملين ڊالر ۽ لين ۽ اسٽيسي 70 ملين ڊالر، جيف بوزس 1 سئو ملين، مائيڪل ڊيل 1 سئو ملين، نڪي اوپين

هيمر 54.5 ملين، جوهن ريوپرٽ 54.5 ملين هن وبا ڪي منهن ڏيڻ لاءِ گلوبل فنڊ ۾ عطئي طور ڏنا. ان ڪانسواءِ ملڪن جي فائونڊيشن، بينڪن، ايمرجنسي فنڊن، ادارن طرفان هن درد ڀرئي نوحي ۾ تمام گهٽي مدد ۽ تعمير نوع جي لاءِ قدم کنيا آهن.

صحت جي عالمي اداري جي طرفان روزانہ بنياد تي هزارن جي تعداد ۾ ڪلينيشن، ايپيڊاملاجسٽ، تعليمدان، تحقيق ڪندڙ، ليب ٽڪينيشن، انفيڪشن جي بچاءَ جا ماهر ۽ ٻيا ڪيترائي پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڪووڊ-19 جي حوالي سان ويچار وندين تا ۽ وائرس تي هرروز تحقيق ڪئي وجي ٿي. اهڙي ڄاڻ دنيا ڪي پهچائي وجي ٿي. اهڙا آن لائين ڪورس ڪرايا وجن پيا. جو 1.5 ملين ماڻهو آن لائين ڪورس ڪري چڪا آهن. تازو صحت جي ورڪرن ڪي PPES ڪيئن استعمال ڪجن تي هڪ ڪورس ڪرايو ويو آهي. وقتن فوقتن دنيا جي لاءِ ڪرونا جي بچاءَ جي رهنمائي ڏني پئي وجي. تازو صحت جي عالمي اداري جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر ٽيڊروس تجربي ۽ تحقيق جي بنياد تي رهنمائي ڏني آهي.

جتي ڪووڊ-19 جو ڦهلاءُ آهي، ڪلينڪ يا صحت جون سهولتون ڏنيون وجن پيو اتي موجود صحت جي ورڪرن ۽ مريضن ڪي ميڊيڪل ماسڪ ضروري استعمال ڪرڻ گهرجن.

جتي ڪميونٽي ۾ ڪووڊ-19 جو ڦهلاءُ هجي.اتي 60 سالن ڪان وڌيڪ عمر جا ماڻهو يا جيڪي پنهنجو پاڻ ڪي بهتر نہ سمجهن ۽ اتي شخصي فاصلو ممڪن نہ هجي اتي ميڊيڪل ماسڪ ضروري استعمال ڪن.

جتي ڪووڊ-19 جو ڦهلاءُ سماج ۾ هجي اتي حڪومت وقت جي ذميواري آهي تہ عام ماڻهن ڪي همٿائين تہ ميڊيڪل ماسڪ ضرور پائين. خاص طور جتي شخصي فاصلو (وٿي) ممڪن نہ هجي.

ميڊيڪل ماسڪ، شخصي فاصلو جي، پنهنجي صفائي جي ۽ هٿ ڌوئڻ واري عمل جو نعمل بدل نہ آهن.

فائبر ماسڪ گهٽ ۾ گهٽ ٽن تهن تي مشتمل هجي.

ڪرونا جي لاڪ ڊائون جي ڪري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن مان عورتن ، سندن مڙسن طرفان جنسي عمل دهرائڻ جي ڪري شڪايتون ڪيون هنيون. ان جو سبب ته، نه هو نوڪري تي ويا ۽ نه روزگار تي ٿي ويا. رڳو جنسي عمل ۾ رڌل رهيا جو يونيسيف پنهجي رپورٽ ڪجهه هن طرح بيان ڪئي آهي. “لاڪ ڊائون جي ڪري دنيا جي آباديءَ ۾ 1 ارب 16 ڪروڙ جو اضافو ٿيندو. جيڪي ٻار مارچ کان ڊسمبر جي وچ ۾ پيدا ٿيندا. ڪيتريون ملين عورتون ۽ ٻار سخت خطري ۾ هوندا، جن مان بيمار نون ڄاول ٻارن ڪي موت جو وڌو خطرو هوندو. ڀارت ۾ 2 ڪروڙ 10 لک ٻار پيدا ٿيندا. نائيجريا ۾ 64 لک، انڊونيشيا 40 لک ۽ پاڪستان ۾ 50 لک ڪرونا 19 جي دنيا جا ٻار هوندا.”

1945ع ۾ جڏهن اقوام متحده نهيو هيو، ته ان جي طرفان هڪڙي آرگنائيزيشن جوڙي وئي هئي جنهن جو ڪم اهو هو ته اها دنيا جي ماڻهن ڪي صحت جي حوالي سان بچائيندي ۽ ترقي وثرائيندي.

هر ماڻهو جو اهو بنيادي حق آهي ته، بنا، نسل، مذهب، سياسي خيالن، معاشي ۽ سماجي ڪنهن به صورت ۾ سٺي معيار واري صحت جي سهولت مهيا ڪئي وڃي.

صحت جي عالمي اداري جي طرفان 30 مارچ 2020ع تي پريس رليز جاري ڪئي وئي هئي ته , ڪووڊ-19 جي وبا صحت جي نظام تي گهرا اثر ڇڏي رهي آهي ان جي ڪري صحت جي سهولتن ۽ صحت جي سارسنڀال ڪندڙن جي ڪوٽ جو خطرو آهي ۽ صحت جو نظام موثر طريقي سان هلڻ کان قاصر آهي.

صحت جي عالمي اداري جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر ٽيڊروس ادهانومگيبيرس چيو ته ڪنهن وبا خلاف، صحت جو مضبوط نظام بهتر دفاع آهي. ان جي لاءِ ملڪن ڪي عوام جي ضرورتن ڪي پورو ڪرڻ جي لاءِ، صحت جو بهتر نظام چونڊڻو

آهي. جهن جي لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ خدمتن ڪي برقرار رکڻ جي لاءِ ، آباديءَ جي لحاظ کان وڌ ۾وڌ فائدو ڏيڻ جي سلسلي ۾ صحت جي سارسنڀال ڪندڙن جي لاءِ سندن بچاءُ جي سامان PPEs جو هجڻ ضروري آهي. حڪومت ۽ صحت جي سهولتن ۽ انهن جي وچ ۾ مضبوط منصوبابندي جي ضرورت آهي. ان سان گڏوگڏ حفاظتي ٽڪا، پيدا ٿيندڙ ٻار ۽ حمل وارين عورتن، ننڍڙن ٻارن ۽ وڏي بالغن جي صحت جون خدمتون برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ضروري آهن. هڪ سٺو منظم صحت جو نظام ئي ايمرجنسي ۾ لازمي سروس پهچائڻ کي برقرار رکي سگهي ٿو. جيڪو سڌي ۽ اڻ سڌي موت کي وڌائڻ کان بچائي ٿو.

حقيقي صورتحال اها آهي تہ ڪورونا 19 جي ڪري اهڙو لڱو واءُ جو ياءُ، ياءُ جو نہ رهيو آهي. ماڻهو، ماڻهوءَ کان لڪندو پيو وتي. سونهن ۽ سوڀيا جا سڀ وکرملڻ محال ٿي ويا آهن. محبوب جي زلفن جي ڇانوَ، نيڻ نيڻن سان ملائڻ جي لاءِ ڪو نہ رهيو آهي. چپن جي چمڻ جي چسڪي ملڻ محال ٿي پئي آهي.

وڏي ڳالهہ اها آهي تہ معصوم ٻار، پنهجي ماءُ کي چون ٿا No Touch ۽ No kiss,, جو ڪرونا آهي،،. مطلب تہ پيو تہ ٺهيو پر فطراڻي شفقت جي لاءِ بہ سڪ پريو ٽڏو شوڪارو پرٽو ٿو پوي. اهڙي قسم جون دل ڏاريندڙ ڪهاڻيون وائرل ٿيون آهن.



هڪ نرس جي ڪهاڻي، جنهن جي شاديءَ کي هڪ مهينو ٿيو جو ڪرونا 19 شروع ٿي ويو، نرس جي ڊيوٽي اسپتال ۾ آهي. جڏهن سندس مڙس ملڻ اچي ٿو ته جيڪا هو هڪٻئي کي چمي ڏين ٿا ان جي وچ ۾ شيشو هجي ٿو. دلن جي ڌڙڪن، ڪهڙي هوندي! احساس ڪهڙا هوندا....!!؟ جذبن ڪهڙي هار ڪاڏي هوندي....!!؟.

اهڙي ٻي ڪهاڻي جو هڪ دوست پنهنجي محبوب ڇوڪري سان ملڻ لاءِ اسپتال ۾ اچي ٿو، ڇوڪري کي ڪرونا هجي ٿو. دوست کي بچاءُ جا ڪپڙا پهريل هجن ٿا. جڏهن پنهنجي محبوب جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي ٿو ته هو بچاءُ جا ڪپڙا ڦاڙي پنهجي محبوب سان ملي ٿو......

اهڙيون درد ڀريون ڪهاڻيون لکن جي تعداد ۾ سرجن ۽ پجرن ٿيون . جيڪڏهن انهن ڪهاڻين تي لکبو ته وڏو داستان جڙي سگهي ٿو. "تون چؤ چاندوڪي ۽ ڇوڙيون توکي چڪ نہ پائينديون هونديون....."




دنيا اندر دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ جن ملڪن جون سربراهہ عورتون آهن اتي ڪرونا 19 جو ڦهلاءُ ۽ نقصان گهٽ ٿيو آهي. آمريڪا جي اندر 2 ملين ماڻهو ڪرونا جو شڪار ٿيا، 1 لک 12 هزار 469 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا آهن. ان جي ڀيٽ ۾ جرمني اندر 8776 ماڻهن لاڏاڻو ڪيو، ان جي چانسلر انجيلا سارڪر عورت آهي. نيوزيليند ۾22 ماڻهو مئا، ان جي عورت وزيراعظم جيندارآرڊف آهي. تائيوان جي صدر عورت سائيبنگ آتي جتي 7 ماڻهو ڪرونا 19 وگهي موت جو شڪار ٿيا آهن. ناروي جي وزيراعظم ايراناسوبرنگ عورت آهي جتي 268 ماڻهو مئا آهن ۽ انهن ۾ اهڙا بہ ملڪ آهن جتي لاڪ ڊائون بہ نہ ڪئي وئي هئي، اتي صرف سماجي وٿي (Social Distance) تي عمل ڪيو ويو هو. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترا ئي ملڪ آهن جن جون سربراهہ عورتون آهن اتي ڪرونا 19 جا ڪلور گهٽ نظر آيا آهن. مجموعي طور اها ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ جتي عورت حڪمران آهي ان جي عوام سان سندن همدردي ۽ سچائي وڌيڪ ڏٺي وئي آهي. شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو مثال اسان سامهون آهي....




## صحت جي سهولتن مهيا ڪرڻ ماحول صفائي ۽ جراثيم ڪشي

**فيوميگشن:** اهو طريقو جنهن سان، ڪليل يا بند هوا ۾ دونهون يا دنڌ ڦهلائي جراثيم ڪشي ڪبي آهي.

**مائڪرو بيڪٽريل ايجنٽ:** اهو مادو جيڪو مڪمل جراثيم کي ماري ڇڏي.

**صفائي:** هن ۾ نظر ايندڙ مٽيءَ کي پاڻيءَ ذريعي صاف ڪيو ويندو آهي.

**ڊس انفيڪشن:** هي عمل سمورين بيمارين جا ڦهلائيندڙ جراثيم ختم ڪري ٿو.

**غيرنازڪ شين جي صفائي:** هن ۾ طبعي سامان جي ناهيندڙ کي سارسنڀال جون هدايتون فراهم ڪرڻ گهرجن.

جيڪڏهن ناهيندڙ جون هدايتون موجود نه هجن ته پوءِ غير نازڪ سامان مثال طور اسٽيٿو اسڪوپ، بي پي ايپراٽس جو ڪف، گردا صاف ڪرڻ جي مشين کي صاف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ايٿائيل الڪوحل، 60 % کان 90% صاف ڪيو وڃي. ربڙ، اسٽاپر ۽ ٿرماميٽر کي، ان ڪانسواءِ ، وينٽيليٽر جي مٿي سطح کي، مريضن کي دستانه پائي پوءِ چيڪ ڪرڻ کپي.

**گهر جي رهڻ جي جڳهه:** گهر جي رهڻ جي جڳهن کي صاف ڪرڻ لاءِ ٻن گروپن ۾ ورهائجي ٿو.

جنهن سان گهٽ رابطو ٿئي، مثال طور ڇت ۽ فرش

جنهن ساڻ گهڻو رابطو ٿئي، مثال طور دروازو، ٽيبل، ڪرسي دري ڪڙو، بسترو، پردا ۽ ڪموڊيز جي صفائي جا طريقا موجود آهن.

تيز رابطي واري جڳهن جي صفائي لاءِ جهڙوڪ دروازن ڪڙن، بسترن ۽ ڪمري جي پردن جي ڪنارن کي Disinfect (جيوڙن کي ختم ڪرڻ) ڪيو.

سخت سطح رکندڙ جاين کي روزانو بنياد تي صاف ڪرڻ گهرجي.

گهر جون شيون پاڻي ۽ صابڻ سان صاف ڪرڻ گهرجن.

ان ڪانسواءِ گندگيءَ کي وڌ کان وڌ صاف ڪرڻ گهرجي.

آلودگي جي قسم ۽ درجي جي لحاظ کان ان تي منحصر ڪري ٿو تہ Disinfect جي جوڙجڪ سوڊيئم هائپوڪلورائيڊ (بليچ) 5000- 6150 ppm سان هجي، يا وري الڳ ڪلورائيڊ سان ماحولياتي آلودگي کي صاف ڪجي، جنهن جي لاءِ ضروري آهي تہ ان جي قيمت، اثر، بچاءُ ۽ گهريلو عمل ڪرڻ جي صلاحيت کي نظر ۾ رکيو وڃي.

ٻن منٽن جي لاءِ هائيپوڪلورائيڊ (بليچ) 4000 ppm سان ڪپڙا، درين ۽ گندگي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ صلاح ڏني ويندي آهي.

مريضن واري جڳهہ جي لاءِ ضروري آهي تہ سيمپل دوران رت نڪري تہ ڊٽرجنٽ، پاڻي ۽ Disinfect سان صاف ڪجي.

ڪرونا وائرس ڪنهن بہ جڳهہ تي 2 ڪلاڪن کان 9 ڏينهن تائين رهي سگهي ٿو. اڪثر مريض 2 هفتن ۾ نيڪ ٿي ويندا آهن. گهڻو بيمار هجي تہ 3 کان 6 هفتن ۾ صحتياب ٿي ويندا آهن.

هاڻي اها ڳالهه واضح ٿي وئي ته ڪرونا کان بچڻ ممڪن ڪونهي. جلدي يا دير هر ماڻهو متاثر ٿيندو، لاڪ ڊائون جي ڪري ڪرونا جي ڦهلاءُ کي آهستي ته ڪري سگهياسين پر روڪي نه سگهيا آهيون.

هاڻي ته تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳو آهي ۽ هاڻي اسان جي اڳيان ٻه رستا آهن. پهريون ته وائرس کي جسم اندر گهٽ ۾ گهٽ داخل ٿيڻ ڏيون. جنهن جي لاءِ ماسڪ پائڻ واري اصول تي سختي سان عمل ڪرڻو پوندو. گهر کان ٻاهر ماسڪ کان سواءِ نه نڪرون، ڪنهن جي گهر وڃون ته ماسڪ پائي پوءِ ملاقات ڪريون حڪومت کي به کپي ته ان تي سختي سان عمل ڪرائي.

ان ڪانسواءِ اسان جو قوت مدافعتي نظام اهڙو بهتر هجي جو جسم ۾ بيماري پيدا ڪرڻ کان پهريائين وائرس تي قابو پائجي. پنهجي قوت مدافعت جي نظام کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ ٽن ڳالهين کي ذهن ۾ رکجي.

**پهريون** ته، ست کان اٺ ڪلاڪ ننڊ ضروري آهي. جنهن جي لاءِ سمهڻ ۽ جاڳڻ جو وقت مقرر ٿيل هجي.

**ٻيون** ته، پروٽين واري کاڌي جو اضافو ڪريو جنهن ۾ هر گوشت شامل هجي، مڇي ۽ داليون به پروٽين مهيا ڪن ٿيون.

**ٽيون** ته، فروٽ کي پنهنجي کاڌي جو حصو ناهيون. اڄڪلهه آڙو ۽ انب بازار ۾ عام جام پيا ملن. اهي جيترا به خريد ڪري ۽ کائي سگهو ضرور کائو.

ان کان علاوه سڪل ميوه بيهي مگ، ڪاجو، انجير، بادام ۽ اخروٽ، به کان ٿي داڻا اوهان جي قوت مدافعت وڌائڻ لاءِ مفيد آهن. ڏونئري يا ڌهيءَ کي پنهنجي کاڌي جو حصو ناهيو. ٿوم جي ڳڙي بطور کاڌي ۾ وجهو. ان ڪانسواءِ حسب استطاعت هي تدبيرون پڻ اختيار ڪري سگهجن ٿيون.

کاڌي ۾ زيتون جو تيل ڪجهه چمچا وجهو.

دالچيني، لونگ ۽ هيڊ، پيهي پائوڊر ڪري، هر ڪاڌي ۾ وجهو.

ليمي جو شربت ناهي روزانو استعمال ڪريو.

سُنڍ، دالچيني ۽ لونگ مان ڪهو ناهي هڪ ڪان ٻه ڪوپ روزانو استعمال ڪريو.

ادرڪ پيهي ماکي سان ملائي استعمال ڪريو.

ڪنڊ جو استعمال ختم ڪري ڇڏيو.

وٽامن ڊي، وٽامن سي ۽ اي جي استعمال ڪي وڌايو.

هلڪي، ڦلڪي ورزش ڪريو.

پنهنجو واندو وقت سنن ڪم ڪارن ۾ گذاريو.

ڪتاب پڙهو، ٻوٽن کي سنياليو، پکي رکو، جانور پاليو، ڦوٽو گرافي ڪريو، ڪپڙا ڊزائين ڪريو ۽ گهر کي سينگاريو.

ڪرونا 19 جي موتن کي نظر انداز ڪيو. ڪرونا جي موتن کي پنهنجي مٿان سوار ٿيڻ نه ڏيو.

پنهنجي رب سان تعلق وڌايو، پرسڪون رهو. پنهنجي اعصاب تي قابو رکو. سماجي رابطا وڌايو. اوهان جو اعتماد اوهان کي ڪرونا جي خلاف تيار ڪندو. اسان سيئي ڄاڻون ٿا ته اسان هڪ تمام مشڪل وقت مان گذري رهيا آهيون پر جلدي ان وقت مان گذري وڃڻو آهي.

ڪووڊ-19 دوران حفاظتي تڪن جي SOP's



### بنيادي صحت جي حفاظتي اپائن متعلق فيصلا

تازو، صحت جي عالمي اداري ۽ اقوام متعده جي ٻين ذيلي ادارن جي پاران حفاظتي ٽڪن واري پروگرام کي برقرار رکڻ لاءِ رهنمائي جوڙي وئي آهي. جنهن رهنمائي تي سختيءَ سان عملدرآمد ڪرڻو آهي. رهنمائي جا مکيه نقطه هيٺ پيش ڪجن ٿا.

حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ واري پروگرام کي جاري رکجي ته جيئن ٽڪن لڳڻ وارين بيمارين، خاص ڪري ارڙي جو، ڦهلاءُ روڪجي ۽ ان سان گڏ سهولتون ڏيڻ دوران ڪرونا-١٩ جي ڦهلاءُ کي به روڪجي.

ڪٽنبن ۾ حفاظتي ٽڪن جو اجراع وڌائجي. جيئن مسجدن ۾ اعلان ڪجي، علائقن جي معززن کي شامل ڪجي، سماجي رابطو رکجي ۽ ذريع ابلاغ ذريعي آگاهي ڏجي پر ان ۾ سماجي وٿي (Social Distance) کي سختي سان بر قرار رکجي.

شخصي وٿي کي برقرار رکندي هڪ وقت ۾ فقط هڪ ٻار ۽ عورت کي ويڪسين ڪئي وڃي.

ماڻهن کي ڪرونا کان بچاءَ لاءِ ضروري آگاهي ڏني وڃي.

انهن ماڻهن تي وڌيڪ ڌيان ڏجي جن ۾ ٽڪن جي بيمارين جي ڦهلجڻ جو وڌيڪ انديشو هجي يا وري گهٽ حفاظتي ٽڪن جي ڪوريج جي ڪري آئوٽ بريڪ جو خدشو هجي.

حفاظتي ٽڪن هڻڻ واري جاءِ جي باري ۾ رهنمائي

مهم هوادار جاءِ تي ڪئي وڃي.

پڪ ڪئي وڃي ته داخل ٿيڻ واري دروازي تي هٿ ڌوئڻ لاءِ صابڻ يا سينيٽائيزر موجود آهي.

مهم واري جاءِ تي مجموعو محدود هوئڻ کپي ۽ انتظار واري جاءِ تي رش نہ هجي.

ان ڳالهه تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ته ويڪسين زيان نه ٿئي، ڇاڪاڻ ته ڪرونا جي وبا جي ڪري دنيا ۾ ملڪ ۾ ويڪسين جي کوٽ آهي.

ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام فوڪل پرسن اي پي آءِ ضلعي جي صحت جي ٽيم ۽ ڊسٽرڪٽ پوليو ڪنٽرول روم سان مائيڪروپلان (هيٺين سطح جي منصوبابندي) شيئر ڪيو وڃي ته جيئن ضرورت مطابق ۽ عمل جوڳو مائيڪروپلان جڙي سگهي.

حفاظتي ٽڪن جو ڪم صحت جي ٻين سهولتن کان جدا هئڻ کپي.

ٽڪا هڻندڙ باربار پنهنجا هٿ صاف ڪري.

مريض کي هٿ لائڻ کان اڳ.

ڪو به صاف يا گندو پروسيجر ڪرڻ کان پهريائين

ڪلائينٽ (گراهڪ) کي ڇهڻ کان پوءِ

جسم جي ڪنهن به رطوبت جي لڳڻ کان پوءِ

ڪلائينٽ (گراهڪ) جي ماحول کي ڇهڻ کان پوءِ

هٿن جي صفائي ڳنڍيل آهي صابڻ ۽ پاڻي سان يا وري سينيٽائيزر جنهن ۾ 60 کان 80 سيڪڙو الڪوحل هجي ۽ جڏهن اوهان جا هٿ صاف نظر ايندا هجن.

کنگهڻ يان ڇڪون ڏيڻ دوران پنهنجو منهن ٻانهن ۽ نونٺ جي وچ ۾ هجي يا ٽشو ۾ ۽ پوءِ فورن ٽشو کي ڪنهن ڍڪيل جاءِ تي خارج ڪجي.

جڏهن ڪنهن ٻار سان يا ڪمري ۾ موجود ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان معاملا طع ڪجن ته ان وقت ميڊيڪل ماسڪ پائڻ گهرجي.

جيڪڏهن اوهان محسوس ڪيو ته اوهان کي کهنگهه ۽ بخار ٿي پيو آهي ته پاڻ کي isolate (الگ ڪرڻ يا ڌار ڪرڻ) ڪيو ۽

پنهنجي آفيسر سان رابطو ڪري ڪيس ٻڌايو ته آئون ڪم نٿو ڪري سگهان.

جيڪڏهن اوهان پنهنجي گهر آئسوليشن (الڳ ٿلڳ) ۾ آهيو ته ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن.

پنهنجي اچ وڃ محدود ڪريو.

ملاقات ڪرڻ وارن سان هرگز نه ملو.

گهر جي ماڻهن کان به حتيٰ الامڪان وٿيرڪا رهو.

هوادار ڪمري ۾ وقت گذاريو.

پالتو جانورن کان پري رهو.

ڪوشش اها ڪريو ته پنهنجي ڪمري ۾ ڪاڏو ڪائو.

هٿ هر هر صابڻ سان 20 سيڪنڊ ڌوئي صاف ڪيو.

جيڪڏهن هٿ گندا نه هجن ته 70% الڪحل مليل سينيٽائزر جو استعمال ڪيو.

ڇڪ يا ڪنگهه اچي ته منهن ٻانهن ۾ وجهو.

مريض ۽ مريض جي خدمت ڪندڙ PPEs (پنهجي حفاظت جو سامان) يعني ذاتي بچاءَ جو سامان ماسڪ ۽ دستانا استعمال ڪن.

خراب ماسڪ ۽ پسيل ماسڪ جلدي تبديل ڪريو. ماسڪ لاهڻ وقت اڳئين حصي کي هٿ هرگز نه لڳايو.

مريض جي خدمت لاءِ اهڙي ماڻهوءَ کي نه لڳايو جنهن جي قوت مدافعت ڪمزور هجي مثال طور ضعيف، حامله عورت، شگر، بلڊ پريشر جي بيماري جو مريض يا دل جو مريض هُجي.

ڪوشش اها ڪجي ته مريض واشروم، ليٽرن، ڪپڙن ۽ ذاتي سامان جي پاڻ صفائي ڪري.

مريض جي استعمال جون شيون صابڻ ۽ پاڻي سان صاف ڪري سگهجن ٿيون.

مريض جا ڪپڙا گرم پاڻي ۽ صابڻ سان ڌوئي سگهجن ٿا پر ڌوئڻ کان پوءِ ڪپڙا اس ۾ چڱيءَ طرح سڪائڻ گهرجن.

آلودا مادي (زڪام، خراب مادو) وارين شين کي بليچ جي سوليشن (چار چمچا بليچ هڪ لٽر پاڻي) سان جراثيم ڪش ڪريو.

رومال، قلم، ميز، دريون، نلڪو وغيره صاف ڪريو.

ٽيلهي لڳل ڍسٽبن جو استعمال ڪيو ۽ مريض جي لاءِ ان کي وقف ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهن ممڪن هجي ته مريض جي لاءِ الڳ واش روم جو انتظام ڪيو وڃي يا وري مريض هر دفعي پاڻ صفائي ڪري. يا وري خدمت ڪندڙ جيستائين ممڪن هجي، انتظام ڪري واش روم جي صفائي ڪري.

مريض جي خدمت ڪندڙ يا مريض پاڻ، هر پيري صفائي ڪرڻ ڪانپوءِ پنهجا هٿ صابڻ سان ڌوئي.

زڪام، ڪنگهه ۽ ساهه ۾ تڪليف وغيره ٿئي ته صحت کاتي سان رابطو ڪريو.

اٽلي جي ڊاڪٽرن هڪ بيو انڪشاف ڪيو آهي ته ڪرونا 19 وائرس ناهي پر بيڪٽيريا آهي جيڪو جسم جي رڳن ۾ رت کي ڄمائي ٿو، جنهن کي ميڊيڪل جي زبان ۾ "Thrombosis,, چئبو آهي. ان جي ڪري سوڄ ۽ آڪسيجن جي کوٽ (Inflammation & Hypoxia) ٿئي ٿي جو آڪسيجن جي کوٽ ڦڦڙن، دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿئي ٿي ماڻهو جلدي ۾ مري وڃي ٿو.

پيٿالاجسٽ مطابق ته ڪرونا 19 جي بيمار وينٽيليٽر ۽ انتهائي نگهداشت جي وارڊ جي به ضرورت ناهي. ڪرونا 19 جي علاج ۾ اينٽي بائيٽڪ، اينٽي انفلامينٽري ۽ اينٽي ڪوگولنٽ واريون دوائون آهن. اٽلي صحت جي عالمي اداري جي ڪرونا 19 جي هدايتن کان انحرافي ڪندي پنهنجي علاج جو پروٽوڪول شروع ڪيو آهي. هڪڙي ڏينهن جي علاج سان 14 هزار مريضن جو علاج ڪري ڪرونا 19 جي مريضن کي اسپتال مان موڪل

ڪرائي آهي. اٽليءَ جي ڊاڪٽرن ايسپرين 100 ملي گرام سان علاج شروع ڪيو آهي.

آمريڪا جي ڊاڪٽر ڊيوڊ سماڊي جيڪو مينس اسپتال جو ڊائريڪٽر آهي اهم انڪشاف ڪيو آهي ته ڪرونا 19 جو مثبت مريض آهي جنهن ۾ علامتون نه آهن اهو ڪرونا جي بيماري نه ٿو ڦهلائي. "هن چيو آمريڪا ۾ هڪ ئي وقت 300 ملين ماڻهن جون ٽيسٽون ڪرائي هڪ ئي وقت ماڻهن کي آزادي سان گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي.

آڪسفورڊ يونيورسٽي جي پروفيسر ايمرجنسي ۽ ڦهلجندڙ بيماري پيٽرهربي پنهنجي تازي تحقيق مان ٻڌايو ته Injection Dexamethasone جي 6 ملي گرام روزانو ڏيڻ سان جيڪي مريض وينٽيليٽر تي آهن انهن جو ٽيون حصو حياتيون بچائي سگهجن ٿيون. آمريڪا جي Injection Dexamethasone جي ڪووڊ جي وينٽيليٽر واري مريضن مان ٽيون حصو موت جي شرح گهٽائجڻ کي 16 جون 2020ع تي صحت جي عالمي اداري پليڪار ڪيو آهي.

يونائيٽيڊ ڪنگڊم حڪومت جي چيف سائنسدان صلاحڪار سرپارسڪوالينڊس اها زبردست خبر ڏني آهي ته ڪرونا 19 جي صورتحال ۾ Dexamethasone جي استعمال سان موت شرح گهٽائي سگهجي ٿي.

دنيا اندر هن وقت تائين صرف هڪ ٽيسٽ پي سي آر منظور ٿيل آهي جنهن ۾ وات يا نڪ مان ڪپهه جو ٻڙو ورتو وڃي ٿو. سيرالاجي ٽيسٽ اينٽي باڊيز (IgM/IgG ) کي منظور نه ڪيو ويو آهي. ٽيسٽن ڪرڻ جي لاءِ ٻن قسمن جا پيمانا 1 ۽ پيمانا 2 مقرر ڪيا ويا آهن. پيمانو1 ۾ گهٽي شڪي کي ضروري ٽيسٽ ڪيو ويندو. جتي بخار، کنگهه ۽ ساهه ۾ بوسٽ جا ڪيس هجن.

14 ڏينهن اندر بين الاقوامي سفر ڪيو هجي.

مثبت ڪيس سان ويجهو تعلق هجي.

صحت جون سهولتون مهيا ڪندڙ نمونہ جي خبر نہ هوندڙ ڪي ڏنو هجي.
گراهڪن سان مصروف جڳهين (بينڪ، درزي ۽ جنرل فزيشن).
وڏي مجموعي ۾ شامل ٿيو هجي.
جتان مريض جي داخل ٿيڻ واري جاءِ جڳهين (اوپي ڊي، ايمرجنسي، رجسٽريشن ۽ استقبال جي هنڌ) اسپتال ۾ نہ خبر هوندڙ نمونيہ يا ساھ جي ناڪامي (Failure) وارو مريض آيو هجي.
گهر جي اندر ڪووڊ 19 جو مثبت موجود هجي.
پيمانو 2 ۾ ڪووڊ 19 جا گهڻ شڪي هجن پر Isolate مريض هجن. بخار، کنگهہ ۽ ساھ ۾ ٻوسٽ هجي.
شهرن جي اندر 14 ڏيهن جو سفر ڪيل هجي.
ويجهو 15 منٽن جو منهن جو منهن سان تعلق هجي.
گاڏين ۾ روزانو سفر ڪيل هجي.
ان مريض سان جنهن ڪي منهن جي مٿين حصي جو انفيڪشن (جسم ۾سور، وغيره) ڪووڊ 19 جي مريضن ڪي علامتون نہ هجڻ. (Asymptomatic). هن ۾نڪ مان ورتل پي سي آر ٽيسٽ مثبت هجي پر ڪابہ علامت نہ هجي.

## هلڪيون علامتون(Mild)

مريض ۾ هلڪيون علامتون، بخار، ٿڪاوٽ، جسم ۾سور، ڳلي ۾خارش، ساھ ۾ تڪليف، نڪ ۾ رڪاوٽ ۽ مٿي ۾ سور هونديون آهن.

## مناسب علامتون (Moderate).

هن ۾مريض ڪي آڪسيجن جي ڪوٽ 95% سيچوريشن گهٽ ٿي ويندي آهي. ڇاتي جي ايڪسري ۾هلڪي Infiltrate نظر ايندي آهي، تيز بخار ٽن ڏينهن کان مسلسل هوندو آهي.

**شديد علامتون (Severe).**

هن ۾ مريض کي ساه ۾ ٻوسٽ ۽ آڪسيجن جي ڪوٽ مناسب ڪان شديد نمونيہ هوندي آهي.

**نازڪ علامتون (Critical).**

هن ۾مريض کي هينين ڪي ٻہ ٽي سگهن ٿيون.
ساھ جي رفتارفي منٽ 30ڪان مٿي ٿي ويندي آهي.
ساه تمام وڏي موجب (جو لفظ بہ ڳالهائي نہ سگهي).
سينٽرل سائنوسس (سڄو نيرو) ٿي وڃي.
بي آرامي ۽ بي خبر ٿي وڃي.
ڪيورب جو اسڪور 3 يا 4 ٿئي.
ڪيوسوفا (QSOFA) اسڪرو 2 يا 2 ڪان مٿي ٿئي.
ڇاتي جي ايڪسري ۾ تمام ڦهليل Infiltrates هجن ٿا.
PaO2/FiO2 جي شرح 300ڪان گهٽ يا PaO2 جي 65 ڪان گهٽ يا PaCo2 وڏي.
دل جي فيل ٿيڻ جي شاهدي ٿئي ٿي (جي وي پي، گلوپ رڌم).
شاڪ جون نشانيون ديرسان ڪيپيلري ري فل، جسم ٿڌوٿئي. سائنوٽڪ (نيروٿئي) بلڊ سسٽولڪ پريشر 90 يا 40ڪان گهٽ ۽ پيشاب جو ,0.5 ملي لٽرفي ڪلو ۽ في ڪلاڪ ڪان گهٽجي وڃي.

**ڪووڊ 19 جي مريضن کي اسپتال ۾داخلا جا شرط Criteria.**

علامتن جو نہ هجڻ وارا ۽ معمولي بيماريءَ وارن مريضنِ کي گهر ۾ Isolation ڪيو وڃي. پر انهن جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ الڳ ڪمرو ۽ الڳ باٿ روم هجي.

هو ائسوليشن ۾ رهڻ لاءِ راضي هجي. پر انهن مريضن کي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سوچيو ويندو ته گهڻو وقت اسٽوراڊس جي استعمال ڪرڻ جي ڪري يا ٻين سببن جي ڪري قوت مدافعت گهٽ آهي.

جنهن جي عمر 65 سال کان وڌيڪ آهي.

بيماريون دل جو فيل، جيري جون بيماريون، ڪنٽرول نه ٿيندڙ شگر ۽ پراڻي گردي جي بيماري هجي.

مناسب، شديد ۽ نازڪ بيماري واري ڪووڊ 19جي مريض کي هاءِ ڊپينڊسي يونٽ (جتي 24 ڪلاڪ آڪسيجن موجود هجي) يا آئي سي يو ۾ داخل ڪرڻ کي ترجيح ڏبي. جيڪڏهن مريض نازڪ بيماري ۾ آهي ته ڪوشش اها ڪجي ته ان کي منفي پريشر واري ڪمري ۾ رکجي.

## انتظام (Management)

ڪلوروڪئين يا هائڊرو آڪسي ڪلوروڪوئين ڪنهن به صورت ۾ ڪووڊ 19 جي بچاءُ جي دوا ناهي، ان ڳالھ کي وڏي پيماني تي نديو وجي ٿو.

ڪووڊ جي معمولي بيماريءَ کي مدد گار طريقي سان علاج ڪيو وڃي ٿو. بخار جي لاءِ acetaminophen , جيڪڏهن دست آهن ته وات وارن Hydration (نمڪيات ۽ پاڻيات) ۽ نڪ وهي ته antihistamine سان علاج ڪيو ويندو آهي.

## مناسب علامتن وارا مريض.

ڪووڊ جي مناسب مريض جو علاج پڻ مددگار طريقي سان ڪيو ويندو. آڪسيجن، بخار کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ نڪ مان نلي لڳائي acetaminophen ڏني ويندي، رڳ ذريعي پاڻيات ڏنو ويندو.

جيڪڏهن ڇاتيءَ جي ايڪسري ۾ لوبار انفلٽريشن هوندي تہ Antibiotic خاص ڪري جڏهن رت ۾ پروڪيلسيٽونن وڌيڪ اچن جزن جي ڳٽپ ٿئي.

علاج دورن خاص ڪري QT انٽرويل جانچيو وڃي. خاص ڪري جڏهن دوائون ڏنيون پيون وڃن.

**تشخيصون (Investigations)**

سي بي سي، ايڪٽرولائيٽ، سيرم ڪرٽنين ڇاتيءَ جو ايڪسري، ڊبليو بي سي ڪائونٽ، لمفوسائيٽ ڪائونٽ، سي آر پي، سي ريئڪٽو پروٽين، پروڪيلسيٽيونن، ليڪٽ ڊي هائيڊريجنيز، ايسپارٽيٽ امائينو ٽرانفرز، الائين امائينوٽارنفريز، ٽوٽل اليورو بن، ڊي ڊمر، اي سي جي، ڪارڊيڪ ان سائين ۽ جيري جو فنڪشن.

## نازڪ بيماريءَ واري مريض جو علاج.

ڪووڊ جي شديد ۽نازڪ بيماريءَ واري مريض جي علاج لاءِ صحت جي سنياليندڙن جو گروپ ڪندو .جنهن ۾ ڦڦڙن جو ماهر، انفيڪشس بيمارين جو ماهر ۽ نازڪ بيماريءَ جو ماهر گڏجي علاج ڪندا .

**تشخيصون (Investigations)**

اهي سموريون بنيادي ٽيسٽون جيڪي مناسب علاج دوران ڪيون وينديون آهن. باقي تشخيصون مريض جي ساه جي بنياد تي ڪيون وينديون، جنهن ۾ آرٽيل بلڊ گيس ۽ ليڪٽيٽ ليول شامل آهن.

## علاج

امپارٽڪ اينٽي بايوٽڪ ان صورت ۾ استعمال ڪباء جيڪڏهن سيڪنڊري بيڪٽريل نمونيہ جو شڪ هجي.

ڊبليو بي سي وڌيل هجن يا پروڪيلسيٽنان ايلويٽ هجي.
مريض ARDS اهو اٽيپيو ٽيٽ هجي. استعمال ڪيو ڪنزرويٽو فليوڊ مينيجمينٽ.
دل جي امپئرمينٽ ڀڏايا ويا آهن ان سان گڏ ڊائيوريٽڪ لاءِ به سوچي سگھجي ٿو.
ڪارٽيڪو اسٽورائڊس جو وڏو ڊوز نه ڏنو وڃي.
مڪينيڪل وينٽيليشن لڳائي وڃي.
آخر ۾ جيڪڏهن سهولتون موجود، نوجوان شديد اي آر ڊي ايس ۾ هجي پرو وينٽيليشن 12 کان 16 ڪلاڪ مقرر ٿيل آهي.
ٻيون دوائون اجا تشخيص ( انويسٽيگيشن ) تي آهن.
انجيڪشن Remdesivir پهرين ڏينهن 200 mg ۽ پوءِ 100 mg روزانو 5کان 10 ڏينهن تائين.
انجيڪشن Tocilizumab 4کان 8 ملي گرام في ڪلو ۽ 800 ملي گرام کان وڌيڪ نه هجي. جيڪڏهن پهرئين ڊوز جو اثر نه ٿئي ته 12 ڪلاڪن کان پوءِ وري ورجايو..
Lopinavir/ritonavir 400 ملي گرام ۽ 100 ملي گرام صبح شام 14 ڏينهن لاءِ.

## ڪرونا وائرس لاءِ احتياتي اپاءُ

بار بار هٿن کي پاڻي ۽ صابڻ سان ڌوتو وڃي.
سماجي فاصلو رکيو وڃي، خاص طور تي جڏهن پر ۾ ڪو بيمار شخص هجي ته.
پنهنجي نڪ، اکين، ۽ منهن کي هٿ نه لائجي.
ماسڪ پائجي خاص طور تي جڏهن ڪنهن جڳهه تي سماجي فاصلو ممڪن ناهي ته، يا ڪو بيمار شخص پر ۾ آهي.
جيڪڏهن طبيعت سحيع نه هجي ته گهر ۾ رهجي.
ڪنگهه يا ڇڪ ڏيڻ وقت پنهنجي منهن کي ٽوٽ ۾ لڪائجي.

جيڪڏهن بخار، ذڪام ۽ ساهه جي تڪليف هجي ته ڊاڪٽر سان رابطو ڪجي.

**فرنٽ لائين ورڪرن جي بچاءُ جو سامان (PPEs)**



**ڪووڊ 19 جي ڪري فوت ٿي ويلن ڪي دفن ڪرڻ لاءِ رهنمائي.**

ڪووڊ 19 جي وبا ماڻهو کان ماڻهو تائين واري ڦهلاءُ، دنيا ڪي پيچي پور ڪري ڇڏيو آهي، باوجود ان جي ته 98% سيڪڙو معمولي بيماريءَ آهي ۽ بچڻ جا امڪان آهن. جنهن مان 80% مڪمل نيڪ ٿي وڃن ٿا % 14 شديد بيمار ٿين ٿا. انهن مان % 5 نازڪ بيمار ٿين ٿا. اهي اسپتالن ۾ انتهائي نگهاشت جون سهولتون گهرن ٿا.

فوت ٿي ويل ماڻهن مان ڪووڊ 19 جي ڦهلاءُ جي سائنسي شاهدي موجود نه آهي، پوءِ به ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي رهنمائي تحت ممڪن ڦهلاءُ جي روڪڻ جي لاءِ عمل ڪرڻ گهرجي.

جيڪو ماڻهو فوت ٿيل جي جسم سان لاڳاپيل آهي ان کي ائين ڪرڻ گهرجي ته هو پنهنجي بچاءُ جا سمورا بهتر اپاءَ جنهن ۾ هٿ ڌوئڻ ۽ پهريائين ۽ بعد ۾ جسم کي جراثيم ڪش ڪري.

پنهنجي بچاءُ جو سامان، گائون، گلوز، ماسڪ، عينڪ يا اکين جي شيلڊ پائي.

پيشاب جي نالي ۽ ٽيوبن کي هٽائي، ۽ جسم تي موجود پاٽيان کي ختم ڪري.

فوت ٿيندڙ جي جسم جي محدود چرپر ڪري.

فوت ٿي ويل جي جسم کي ڪپڙن سان ڍڪي.

فوت ٿي ويل جي جسم ۾وات، نڪ ۽ ڪاڪوس واري جاءِ کي بند ڪري.

فوت ٿي ويل کي ايمبولنس يا ٻئي ڪنهن گاڏي ۾ کڻي سگهجي ٿو. ان لاءِ ڪنهن خاص بندوبست جي ضرورت ناهي.

جيڪو ماڻهو قبر ۾ هيٺ لهي ان کي گلوز پاتل هجن. دفن ڪرڻ کان پوءِ گلوز کي خيال سان لاهي پوءِ صابڻ ۽ پاڻي سان هٿ ڌوئجن.

مائٽن ۽ دوستن جو خيال هوندو آهي ته جسم کي ظاهر ڪيو وڃي ان کي ڇهيو يا چمي ڏني وڃي ان کي روڪجي.

فوتگي جي اجتماع يا جنازي جي مجموعي کي محدود رکيو وڃي.

جيڪو فوتي کي تيار ڪري ٿو ان جا ڪپڙا 60 کان 90 سيٽي گريڊ جي گرمي سان ڊٽرجنٽ سان ڌوتا وڃن.

جيڪو ماڻهو 60 سال جي عمر يا قوت مدافعت جي گهٽ هئڻ وارو آهي اهو فوتي جي جسم کي نه ڇهي.

گهر کي % 0.5 % ڪلورين يا 0.1% بليچ سوليشن سان صاف ڪيو وڃي.

# پاڪستان جي صورتحال



26 فيبروري 2020ع تي هڪڙو شاگرد جيڪو ايران کان ڪراچي واپس ٿيو هو، جنهن ڪي ڪرونا جي ٽيسٽ مثبت ٿي. 18 مارچ 2020ع تي ملڪ جي مڙني صوبن مان ڪووڊ-19 جا مثبت ڪيس اچڻ لڳا، ۽ 17 جون 2020ع تائين ملڪ جي هر ضلعي مان ڪووڊ-19 جا مثبت ڪيس رپورٽ ٿيا. پاڪستان ايشيا ۾ ٽئين نمبر تي ڪووڊ-19 جا وڏ ۾ وڏ ڪيس رپورٽ ڪيا آهن. ان کانپوءِ انڊيا ۽ ايران ڏکڻ ايشيا ۾ ٻئين نمبر تي ۽ دنيا ۾ ٻارهين نمبر تي مثبت ڪيس رپورٽ ڪيا آهن. ان جي باوجود پاڪستان ۾ موت جي شرح گهٽ آهي. جيئن دنيا ۾ 19 جولاءِ 2020ع تائين موت جي شرح 4.1% آهي. پر پاڪستان ۾ 2.12% آهي. 14 جون 2020ع تي پاڪستان ۾ وڏ ۾ وڏ 6825 ڪيس رپورٽ ٿيا. پر ان کانپوءِ مثبت ڪيسن جو تعداد گهٽجڻ لڳو، 3 جولاءِ 2020ع تي 8929 ڪيس صحتياب ٿيا جيڪي مثبت ڪيسن جو 50% آهي، ۽ 9 جولاءِ 2020ع تائين 60% تي پهتي. 23 جولاءِ 2020ع تائين تقريباً 266،000 مثبت ڪيس رپورٽ ٿيا، جنهن مان 208،000 صحتياب ٿي ويا، ۽ 5600 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. سنڌ 114،000 ڪيس رپورٽ ڪيا، پر پنجاب ۾ 2090 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا.

24 مارچ 2020ع تي ايران جي بارڊر ڪان تافتان ڪان آيل 640 زائرين کي سکر جي ليبر ڪالونيءَ ۾ ڏهن ڏينهن جي لاءِ ڪورنتائين ڪيو ويو جن جي حالت تمام خراب هئي. 25 مارچ 2020ع تي مڪمل طور ٽريفڪ کي شهر ۾،ضلع اندر ۽ صوبي کان صوبي تائين بند ڪيو ويو ۽ ان کان سواءِ عام جاين تي ۽ پرائيويٽ جاين تي مڪمل طور مجموعن تي پابندي لڳائي وئي. 28 مارچ 2020 ع تي چين جي فائونڊيشن چائينزبلينيئر جيڪ ما ۽ علي بابا گروپ طرفان ٻيو هوائي جهاز ڪراچي ۾ ورتو ويو. جنهن ۾ 50 هزار ٽيسٽنگ ڪٽس، فيس ماسڪ، وينٽيليٽر ۽ PPEs تقريباً 67 ملين جي ماليت جا مهيا ڪيا ويا.

پنجاب حڪومت 10 بلين جو رليف پيڪيج، 2.5 ملين خاندانن لاءِ روزانو بنياد تي مزدوري ڪندڙن لاءِ اعلان ڪيو. هاڻي مقامي سطح تي وائرس جو ڦهلاءُ شروع تي ويو.

پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل طرفان اين، اي، ڊي (NED) يونيورسٽي جي مدد سان وينٽيليٽر ناهيو ويو.

31 مئي 2020 ع تي ملڪ ۾ 82 نيڪ تي ويا. 26 کي موت جي گهري ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيو ۽ 174 نوان ڪيس رپورٽ ٿيا.

1 اپريل 2020 ع تي 2291 تائين انگ پهچي ويو. 7 اپريل 2020ع تائين 45 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا.

14 اپريل 2020 ع وڌيڪ ٻن هفتن جي لاءِ لاڪ ڊائون کي وڌايو ويو.

16 اپريل 2020 ع تائين وائرس% 58 مقامي آبادي تائين ڦهلجي ويو.

وفاقي حڪومت هڪ دفعو ٻيهر لاڪ ڊائون ۾ وڌيڪ 9 مئي 2020ع تائين اضافو ڪيو.

19 مئي 2020ع تي حيدرآباد ۾ 64 سال جي پوڙهي جو ڪامياب علاج پلازما ٿراپي ذريعي ڪيو ويو

21 مئي 2020ع تائين پاڪستان ۾ مثبت ڪرونا 19 جو تعداد 48 هزارن تي پهچي ويو ۽ فوت ٿيندڙن جو تعداد 1 هزار سترهن تائين پهتو.

ان دوران پاڪستان جي ائير لائين فلائيٽ 8303 22 مئي 2020ع ڪراچي ۾ ڪري پئي جنهن ۾ 97 ماڻهو مري ويا.

رائيونڊ لاهوراندر دين اسلام جي وڏي ۾ وڏو تبليغي جماعتي اجتماع ٿيندو آهي جنهن جي لاءِ اسڪالر بربرامطلف جو چوڻ آهي ته 2 ملين ماڻهوگڏ ٿيندا آهن.

ان ڪرونا 19 جي صورتحال ۾ 539 ڪرونا 19 جي مثبت ٽيستن جو تعلق تبليغي جماعت جي دين جي خدمت ڪندڙ بزرگن مان ٿيو. پنجاب جي اسپيشل برانچ مطابق 70 کان 80 هزار ماڻهو سڄي ملڪ مان ۽ 3 هزار ماڻهو دنيا جي 40 ملڪن مان هن اجتماع ۾شريڪ ٿيا.

رائيونڊ لاهور جي سينٽر ڪي ڪورنٽائين ڪيو ويو پنجاب جي 36 ضلعن ۾ 10263 بزرگن ڪي ڪورنٽائين ڪيو ويو. ايستائين جو حيدرآباد ۾ 38 تبليغي جماعت جا بزرگ ڪرونا 19 جا مثبت سامهون آيا.

20 مارچ 2020ع تي فلسطين جي اندر ٻه ماڻهو ڪرونا ۾ مثبت آيا جيڪي پاڪستان کان سفر ڪري مصر کان غزا پهتا.

28 مارچ 2020ع تي پاڪستان جو اسڪوائش رانديگر اعظم خان لنڊن ۾ ڪرونا 19 سبب لاڏاڻو ڪري ويو.

وفاقي حڪومت طرفان 30 جنوري تي پي آئي اي پنهنجو فلائيٽون چين ۽ پاڪستان وچ ۾ معطل ڪري ڇڏيون. پي آئي اي اسلام آباد، ڪراچي، لاهور ۽ پشاور ايئر پورٽ تي اسڪريننگ ٽيست شروع ڪئي وئي جيڪي ماڻهو چين کان آيا پئي ان ڪانسواءِ ڪراچي ۾ جيڪي ملڪ اندر فلائيٽ هليون پئي انهن جي ٻه اسڪريننگ ڪئي وئي.

13 مئي 2020ع تي ملڪ جي صدر مملڪت عارف علوي عوام کي صلاح ڏني ته وڏين گڏجاڻين ۾ هڪٻئي کي هٿ ڏيڻ کان پاسو ڪن ۽ ان کان سواءِ جيڪڏهن اوهان محسوس ڪريو ته زڪام يا ڪرونا جون علامتون ظاهر ٿيون آهن ته وڏيڪ ڌيان ڏيو.

پاڪستان بين الاقوامي فلائيٽ کي مڪمل بند ڪري ڇڏيو.

13 مارچ 2020ع تي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي گڏجاڻي وزير اعظم عمران خان جي صدارت ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سڀ اسڪول ۽ يونيورسٽيون 5 اپريل 2020ع تائين بند ڪيون وڃن، ڪلاسز آن لائين هلايا وڃن.

وفاقي حڪومت پاران، سنڌ حڪومت کي 10 ملين جي گرانٽ ، مريضن جي خاندانن کي راشن ڏيڻ لاءِ ورلڊ بئنڪ جي ترقياتي پروگرام مان ڏنا ويا.

23 مارچ 2020ع تي قومي ڏينهن کي بنا مجموعي ۽ ملٽري پريڊ ڪانسواءِ ملهايو ويو.

25 مارچ 2020ع تي قومي اسيمبلي جو اسپيڪر گڏجاڻي پارليامينٽ جي اهم اڳواڻ ۽ سينٽ ميمبر جي هن وبا جي تي بحث ڪرايو ويو.

31 مارچ 2020ع تي هن ايمرجنسي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ 10 بلين جو اضافي معاشي پيڪيج ڏنو ويو.

پاڪستان ۽ چين SINO Pharma ڪمپني سان گڏجي ڪووڊ جي ويڪسين جو ٽرائل اپريل 2020ع ۾ شروع ڪيو، جيڪو مڪمل ٿي ويو آهي.

24 مارچ 2020ع تي چيف آرمي اسٽاف جنرل ملٽري جي ميڊيڪل ڪور کي حڪم ڪيو ته سڄي ملڪ ۾، پنهنجا ذريعا استعمال ڪري هن وبا سان وڙهو.

اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان پنهنجي بيان ۾ چيو ته سيني بئنڪن مان ڪرونا 19 جي وائرس کان پاڪ رقم ملندي ۽ سمورين

بئنڪن کي هدايت ڪئي جيڪي پيسا، اسپتالن ۽ ڪلينڪس کان اچن انهن جي بہ ڪورنٽائين ڪئي وڃي.،،

26 مارچ 2020ع تي پاڪستان فيصلو ڪيو تہ هن وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ 3.5 بلين جا قرض ورتا ويندا. وزيراعظم جي صلاحڪار حفيظ شيخ پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو تہ ورلڊ بئنڪ ۽ ايشين ترقياتي بئنڪ قرضن کي وڌايو ويو آهي.،،

27 مارچ 2020ع وزيراعظم نوجوانن جي „ ڪرونا جي بچاءَ جي ٽائيگر فورس ناهڻ جو اعلان ڪيو.،،

وفاقي حڪومت 29 مارچ 2020ع تي فيصلو ڪيو تہ وڏا روڊ ڪليل رهندا تہ کاڌ خوراڪ ۽ ٻين شين جي کوٽ نہ پيدا ٿئي. ان سان گڏ مال گاڏين جي آمدورفت وڌائي وئي.

وزيراعظم صوبائي حڪومتن کي هدايتون جاري ڪيون تہ ذخيره انداز ۽ منافعي خور تي سختي سان ايڪشن ڪنيو وڃي.

30 مارچ 2020ع تي سپريم ڪورٽ طرفان حڪومت کي چيو ويو تہ حڪومت اهڙو حڪم جاري ڪري تہ جيڪي قيدين تي ڪيس هلندڙ آهن انهن کي آزاد ڪيو وڃي.

30 مارچ 2020ع تي وفاقي حڪومت جي وزير ظفر مرزا چيو تہ جيڪو اسڪالر ،سائنسدان، ٽيڪنشن، سامان ناهيندڙ ڪووڊ 19 جي جنگ ۾ گورنمينٽ کي مدد ڪندا تہ ان کي حڪومت طرفان فنڊ مهيا ڪيا ويندا.

وفاقي وزير فهميده مرزا چيو تہ جيڪو رانديگر ڪووڊ مثبت ٿيندو، ان جي علاج جو خرچ حڪومت پريندي.

وزيراعظم جي اسپيشل صلاحڪار فردوس عاشق اعوان 1 اپريل 2020ع تي اعلان ڪيو تي جيڪي صحافي، غير محفوظ علائقن ۽ ڪورنٽائين سينٽرن جي رپورٽنگ ڪندا، انهن کي بچاءَ جو سامان فراهم ڪيو ويندو. هن اهو بہ ميڊيا کي ٻڌايو تہ حڪومت COVID19 CARE جي نالي سان آن لائين لنڪ جوڙي آهي. اهو بہ چيو تہ صحافين جي مدد لاءِ احساس ايمرجنسي ڪيش

پروگرام ۾ انهن صحافين کي رجسٽر ڪيو ويندو، جيڪي ڪووڊ مثبت هوندا.

اسد عمر وفاقي وزير پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ چيو ته وبا کي ڦهلڻ کان بچڻ لاءِ لاڪ ڊائون کي 14 اپريل 2020ع تائين وڌايو ويو آهي.

پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ۽ پاڪستان بار ايسوسيئشن گورنمنٽ کي وارننگ ڏني ته جيڪڏهن لاڪ ڊائون کي ختم ڪيو ته ملڪ ۾ ڪووڊ جي ڪيسن جو ڪوڪو نوڪجي ويندو.

وزيراعظم طرفان 1.2, ٽريلين جو معاشي پيڪيج جاري ڪيو ويو. گهٽ آمدني وارن گروپن خاص ڪري مزدورن کي 150 بلين ڏنا ويا. 280 بلين ڪڻڪ وٺڻ لاءِ رکيا ويا. زراعت ۽ ننڍين فيڪٽرين جي لاءِ فنڊ ڏنا ويا. پيٽرول ،گئس ۽ بجلي جي بلن ۾ صارفين کي رعايت ڏني وئي. حڪومت طرفان احساس پروگرام تحت غريبن ۾5.2 ملين ورهايا ويا، بعد ۾ ان ۾ اجا به واڌارو ڪيو ويو. اسپيشل معاوضو ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊيڪل جي لاءِ منظور ڪيو ويو ته جيڪو ڊاڪٽر يا پيرا ميڊيڪل اسٽاف ڪرونا جي ڪري فوت ٿيندو ان کي شهيد جو رتبو ڏنو ويندو.ان خاندان کي شهيد وارو معاوضو ڏنو ويندو.

31 مارچ 2020ع تي وفاقي ڪابينه طرفان هڪ دفعو ٻيهر معاوضي تي وري نظرثاني ڪري 100 بلين جي سپليمينٽري ڪووڊ جي ايمرجنسي گرانٽ ڏني وئي. ان ڪانسواءِ 12 ملين غريب خاندانن جي لاءِ ڪفالت پروگرام تحت 12 هزار ڏنا ويا. هن پروگرام جي هلڻ سان 1.77 ملين ماڻهو 22 بلين 4 سئو ۽ 66 روپيه کڻي چڪا آهن. اڄ جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان ته پاڪستان ۾ 9 آگسٽ 2020ع تائين ڪووڊ۱۹ جا 284,121مثبت ٿي چڪا آهن. انهن مان 260,248 صحتياب ٿي چڪا آهن. بدقسمتي سان 6082 لاڏاڻو ڪري ويا آهن.

اڳين صف جي، صحت جون خدمتون ڏيندڙ ڊاڪٽر، نرسن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جا ورڪر15% کان 18% ورڪر مبتلا ٿيا آهن، ڪنهن هنڌ ان کان به وڌيڪ مبتلا ٿيا آهن. ڪووڊ جي هن صورتحال ۾، ميڊيا ۽ حڪومت طرفان سلام پيش ڪيا ويا آهن پر حقيقي طور رڳو سڪٽا دلاسا ۽ ڪوڙا سلام آڇيا ويا آهن.

سڀ کان وڌيڪ ۽ سچو سلام 16 جون 2020ع تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويل طارق عزيز جو سلام جيڪو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ کان پهريان اردوءَ ۾ ڏنو آهي .جنهن سچائيءَ ۽ جذبي سان وڊيو رڪارڊنگ ڪئي آهي

,,دیکھتی آنکھوں، سنتے کانوں، پاکستان کے عظیم ڈاکٹر، پیرا میڈیکل اسٹاف اور نرسز، آپ سب کو طارق عزیز کا سلام پہنچے، آجکل جھاں بھی جائو تو ایک بات سننے کو آتی ھے کے کووڈ کب ختم ھوگا۔اس کے بارے میں کوئی بتا نہیں سکتا۔ لیکن جس جواں مردی سے ڈاکٹر، پیرا میڈیکل اسٹاف اور نرسز مقابلا کر رھے ھیں وہ قابل داد ھے۔ انشاءاللہ یے وبا پاکستان سے ختم ھو جائے گی۔ آپ سب مبارک باد پیش کرتا ھوں، آپ جس دل و جان سے لڑ رھے ھو سلام پیش کرتا ھوں۔

سنو اے مسیحا نفسا سنو۔۔۔۔!
رنگوں میں بھیگی تمام موسم گواھی دینگی
وفا کے راستے کے سب مسافر گواھی دینگی۔
کے تم کھڑے تھے، تم کھڑے تھے،
سحر کا سورج گواھی دیگا کے جب اندھیروں کی کوکھ سے نکلنے والے یے
سوچتے تھے کے سب مسیحا مر چکے ھیں، تم کھڑے تھے،

تمھاری آنکھوں کے تابچوں میں ایسی آنکھیں بھی توان آنکھوں نے کم دیکھی ھیں۔

روح کے درد بھی ھوں اور پردہ درد بھی ھوتے ھیں۔ ایسی آنکھیں بھی توان آنکھوں نے کم دیکھی ھیں۔

تمھاری آنکھوں کے تاگچوں میں جلی چراغوں کی روشنی نے کئی مناظر ھمیں دکھائے۔ نئے دیئے ھم نے جلائے سنو اے ھم نفساا ے مسیحا سنو۔



پاڪستان ۾ اڳئين صف جي ورڪرن، ڪووڊ شروع ڪان ئي پنهنجي بچاءُ جي سامان جي جي گهر ڪئي پر حڪومت انهن ڪي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو، جو پهريون ڊاڪٽر اساما رياض گلگت بلتستان نوجوان ڊاڪٽر شهادت جو جام پيتو. ائين اهو سلسلو شروع ٿي ويو جو ڊاڪٽر زبيده گائينالاجسٽ، ڊاڪٽر عبدالقادر سومرو، ڊاڪٽرفرقونل ريڊيولاجسٽ، ڊاڪٽر نواز ڳاهوٽي، ڊاڪٽر طاهر عالماڻي، ڊاڪٽرزهير اسد شيخ، ڊاڪٽر يونس چنا، ڊاڪٽرعلي نذر، ڊاڪٽر ميمونا رانا، ڊاڪٽررابعہ طالب، ڊاڪٽر اڪرم قريشي، ڊاڪٽر اعجاز احسان فزيشن، ڊاڪٽرثنا فاطمہ، ڊاڪٽر سلمان طاهر، ڊاڪٽر نديم اختر، ڊاڪٽر حفيظ مسعود،

ڊاڪٽر منور جاويد ميان، ڊاڪٽر غزاله شاهين، ڊاڪٽر سلمان علي، ڊاڪٽر راحت مسعود، ڊاڪٽر تنوير اڪرم پٽي، ڊاڪٽر آصف رائو، ڊاڪٽر اعجاز خواجه، ڊاڪٽر ضياءُ الحسن، ڊاڪٽرعمر دراز، ڊاڪٽر وسيم مشتاق، ڊاڪٽر محمد جاويد، ڊاڪٽر عظيم خان ٻارن جي ماهر، ڊاڪٽر خانزاده شنواري، ڊاڪٽر اورنگزيب خٽڪ، ڊاڪٽر فنگ چند سنگهه، ڊاڪٽر شاهه ولي، ڊاڪٽر نعيم آغا، ڊاڪٽرمحمد اسلم مگسي، ڊاڪٽر زبير احمد، ڊاڪٽر ولايت گوپانگ، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شيخ، ڊاڪٽر پروين مفتي، ڊاڪٽر محمد حسن اعواڻ، ڊاڪٽر فيصل، ڊاڪٽر ارم ظهور، ڊاڪٽر ظهور، ڊاڪٽر شفيق منگيو، ڊاڪٽر عبدالرزاق ڪنمير، ڊاڪٽر آصف اسلم، ڊاڪٽر مصطفيٰ ڪمال پاشا، ڊاڪٽر عبدالقيوم سومرو، ڊاڪٽر يونس حيدر سومرو، ڊاڪٽر شفيع الله شيخ، ڊاڪٽر فرخ انلحق، ڊاڪٽر وسيم، ڊاڪٽر فرقان الحق، ڊاڪٽر سيد نثار علي، ڊاڪٽر محمد اخلاق خان، ڊاڪٽر انور فيصل، ڊاڪٽر فيصل قريشي، ڊاڪٽر خالد قريشي، ڊاڪٽر نصير حيدر، ڊاڪٽر خالد محمود، ڊاڪٽر سڪندر، ڊاڪٽر حيات الله، ڊاڪٽر سيف الرحمان، ڊاڪٽر گلزار احمد، ڊاڪٽر نعيم خالد، ڊاڪٽر رمضان پٽي، ڊاڪٽر شاهه عالم، ڊاڪٽر باسط غفور، ڊاڪٽر راحت مسعود، ڊاڪٽر وسيم مشتاق، ڊاڪٽر فلق شير، ڊاڪٽر نعيم آغا، ڊاڪٽر اسلم مينگل، ڊاڪٽر نوشاد حيدر، ڊاڪٽر ثناءَ فاطمه، ڊاڪٽر شمس سيال، ڊاڪٽر ارشاد نبي، ڊاڪٽر خالد چودري، ڊاڪٽر گل مرجان ۽ ڊاڪٽر سبطين انور، ۽ نرس مسرت، نعمان احمد، ظفر اقبال، عارف ۽ اڪبر ڪووڊ سان وڙهندي شهادت ماڻي. جو هن وقت پاڪستان جي اندر فرنٽ لائين ورڪرس ڪووڊ 19 جي ڪري 253 شهادت ماڻي چڪا آهن.

پاڪستان ۾ پهريائين غربت جا انگ اکر ٻڌائين ٿا ته 1.7 بلين آدم بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهن. ان جو وڏو سبب آباديءَ جي واڌ، هڪ جيترا وسيلا نه ملڻ ۽ بيروزگاري آهي. ڪووڊ

جي اچڻ کان پوءِ ڊاڪٽر حفيظ پاشا مطابق، چئن مهينن اندر انڊسٽري جي ٻيڙي گهٽتائي تي آهي،،

ٽيڪس جو حدف.5 .5 ٽرئلين مقرر ٽيل هو اهو حاصل ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. پاڪستان ۾ مارچ جي پهرين هفتي اندر 16 ملين ڊالر جو گهاٽو کاڌو. جي ڊي پي% 1.57 رهي. پاڪستان پلاننگ ڪميشن ظاهر ڪيو ته وائرس جي ڪري 0.8 کان 1.3 سيڪڙو جي ڊي پي گهٽجي وئي آهي . غربت 5 .23 سيڪڙو کان وڌي 59 سيڪڙو ٿي وئي آهي. وزارت براءِ پلاننگ جي، پاڪستان اندر هن وبا دوران. 12.3 کان 18.5 ملين ماڻهو بيروزگار ٿيا آهن. پاڪستان جي اندر بيروزگاري ۽ لاڪ ڊائون جي ڪري 11 ماڻهن خودڪشيون ڪيون.

حڪومت 15 سيپٽمبر 2020ع کان اسڪول کولڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

# پنجاب



12مارچ 2020ع تي پنجاب حڪومت جي ڪابينہ جي گڏجاڻي ۾ صحت جي ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي. 22 مارچ تي پنجاب حڪومت طرفان ٻن ڏينهن جي لاءِ دوڪان، شاپنگ مال، مارڪيٽون، پارڪ ۽ عوامي اجتماع ڪي بند ڪيو ويو.

پنجاب جي وزير اعليٰ سردار عثمان بوزدار چيو تہ ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ رهن، سماجي وٿي برقرار رکن ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪن. ميڊيا جي رپورٽ مطابق لاهور جا لوڪل ماڻهو اها پريڪٽس نہ ڪري سگهيا. 23 مارچ 2020ع تي وزيراعلي 14 ڏينهن جي لاءِ لاڪ ڊائون جو اعلان ڪيو. هن اهو بہ ٻڌايو تہ هڪ هزار بسترن جي اسپتال لاهور ۾ قائم ڪئي ويندي. ان ڪانسواءِ پنج ٻيون اسپتالون صوبي ۾ قائم ڪيون ويندون. ايران کان موٽي آيل زائرين کي ديرا غازي خان ۾ ڪورنٽائين ۾ رکيو ويندو.

بسن ۽ گاڏين کي جراثيم ڪش ڪيو ويو. بس سروس ٿوري وقت لاءِ معطل ڪئي وئي. گهرو ڪاتي پاران آرٽيڪل 245 تحت خط لکي فوج کان مدد گهري وئي.

پنجاب يونيورسٽي وڏي پيماني تي بچاءُ جون ڪٽون، سينيٽائزر، جراثيم ڪش ۽ پسيل اينٽي سيپٽڪ ٽشو عوام جي لاءِ ناهيا.

تافتان کان 150زائرين فيصل آباد پهتا جن کي فيصل آباد ۾ ڪورنٽائين ڪيو ويو 450 ٻيا زائرين زرعي يونيورسيٽي ۾ ڪورنٽائين ڪيو ويو.

حڪومت پنجاب ملتان جي انڊسٽري واري علائقي وڏي ۾ وڏو ڪورنٽائين سينٽر قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾زائرين لاءِ ٽي هزار ڪمرن تي مشتمل سينٽر قائم ڪيو ويو. 1247 زائرين ڪورنٽائين ڪيا ويا.

صوبائي حڪومت فيصلو ڪيو ته موٽروي کي بند ڪيو ويندو سواءِ اهي گاڏيون جن ۾ ٻه ماڻهو سوار هوندا.

اين آئي ايچ طرفان هاءِ ڊپنڊيسي يونٽ قائم ڪيا ويا. آئيسوليشن ۽ ڪورنٽائين اسٽاف کي تربيت ڏني وئي.

28 مارچ 2020ع تي وزير اعليٰ اعلان ڪيو ته صوبي ۾ 2.5 ملين روزانو مزدوري ڪندڙن کي 10 بلين ڏنا ويندا.

پنجاب حڪومت 90 ڏينهن جي قيدين کي رعايت ڏيڻ جو اعلان ڪيو .جنهن سان ٽي هزار هڪ سئو قيدين کي فائدو پهتو.

وزيراعليٰ وڌيڪ چيو ته پنجاب حڪومت پاران انفيڪشس بيمارين جي بچاءُ ۽ ڪنٽرول لاءِ هڪ آرڊيننس 2020 جاري ڪيو ويو آهي. هڪ مهيني جي وڌيڪ پگهار صحت جي ورڪرن کي ڏني وئي آهي."

انصاف امداد پروگرام آندو ويو آهي جنهن تحت زڪوات فنڊ مان هڪ لک ستر هزار غريب خاندانن جي اٺ سئو ستر ملين روپيا جاري ڪيا ويا.

هڪ هزار بسترن جي اسپتال ايڪسپو سينٽر مڪمل ڪئي وئي جنهن جي لاءِ 620 ملين لڳايا ويا آهن. جنهن ۾ 8 نئيون ليبارٽريون قائم ڪيون ويون آهن.

اپريل 2020ع جي شروع ۾ روزانو واريون عبادتون معطل ڪيون ويون.

پنجاب جي چيف سيڪريٽري ٻڌايو ته ٻه اسپتالون هڪ راولپنڊي ۽ ٻي جهلم ۾ شروع ڪئي پئي وڃي.

10 اپريل 2020ع تي بصرت راجه وزير قانون، پارليامينٽ افيئر ۽ سماجي چيو ته 35 سئو قيدين کي جتي وڏيڪ قيدي آهن انهن کي ٻين جيلن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو.

پنجاب جي انفارميشن جي وزير فضل احسن چيو ته جيڪو صحافي ڪووڊ جي ڪري فوت ٿيندو ان کي هڪ ملين ڏنو ويندو ۽ سندس گهرواريءَ کي 10 هزار ماهوار سندس جيري هجڻ تائين پينشن ڏني ويندي. جيڪڏهن ڪو ميڊيا جو ماڻهو ڪووڊ مثبت ٿيو ته ان کي هڪ لک روپيا ڏنا ويندا.

هڪ هزار ست سئو ماڻهو مختلف علائقن مان آيل ملتان ۾ ڪورنٽائين ڪيا ويا، جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان ته پنجاب ۾ 9 آگسٽ 2020ع ڪووڊ جا 94,223 ٿي چڪا آهن.جنهن مان 86266 صحتياب ٿي چڪا آهن.

آدم 2169 فوت ٿي چڪا آهن.

# بلوچستان



بلوچستان حڪومت 14 ماڻهن تي مشتمل ٽيڪنيڪل ڪاميٽي جوڙي جيڪا هن وبا کي منهن ڏيندي. اسڪولن کي 31 مارچ 2020ع تائين بند ڪيو ويو.

بلوچستان جي وزير سردار يار محمد رند چيو ته اُنهن اسڪولن تي ايڪشن ڪنيون ويندو جيڪي ان فيصلي تي عمل نه ڪندا. ميٽرڪ جي امتحان کي پوئتي هٽايو ويو.

ٻين صوبن جيان آرميءَ جي ڊيوٽي لڳائي وئي. 24 مارچ 2020ع تي7 اپريل 2020ع تائين بلوچستان حڪومت مڪمل لاڪ ڊائون ڪيو . عام ماڻهن جي گڏجاڻين، سماجي ۽ مذهبي اجتمائن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي. صرف هڪ ماڻهو کي اجازت ڏني وئي ته هو پنهنجي گاڏي ۾ سفر ڪري سگهي ٿو. ميڊيا جي ماڻهن کي مڪمل ڇوٽ ڏني وئي. بئنڪن، کاڌي پيتي جون شيون ناهيندڙ، بچاءُ جو سامان ناهيندڙ، دوڪاندار، پيٽرول پمپ ۽ سماجي ڪم ڪندڙ تنظيمن کي مڪمل اجازت ڏني وئي. 24 مارچ 2020ع کان پنجن ضلعن ۾ ايمرجنسي لڳائي وئي جن جا ٻاڊر ايران سان مليا

تي. 30 مارچ 2020ع تي سينٽرل جيل ڪوئٽا ۾ اسپري ڪيو ويو. جراثيم ڪش مشينون سمورن ضلعن ۾ ورهائيون ويون. 31 مارچ 2020ع تي حڪومت پنج سئو ملين روپيا ڪورنٽائين سينٽر ڪوئٽا، چمن، تافتان ۽ ٻين هنڌن تي ناهڻ لاءِ ڏنا. 2 اپريل 2020ع کان لاڪ ڊائون ڪي 14 کان 21 اپريل 2020ع تائين وڌايو ويو.

فنانس وزير ظهور بليدي ڏيڍ ملين ٽيڪس جي رعايت ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان تہ بلوچستان ۾ 9 آگسٽ 2020ع ڪووڊ جا 11884 ڪيس ٿي چڪا آهن انهن مان 10326 صحتياب ٿي ويا ۽ 137 ماڻهن پنهنجون زندگيون وڃايون آهن.

## خيبر پختونخواهه



حڪومت خيبرپختونخواهه تعليمي ادارا 5 اپريل 2020ع تائين بند ڪري ڇڏيا عوامي گڏجاڻيون معطل ڪري ڇڏيون 22 مارچ 2020ع تائين ضلعن اندر ستن ڏينهن لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ کي بند ڪري ڇڏيو. محدود لاڪ ڊائون ٽن ڏينهن لاءِ لڳايو ويو. 24 مارچ 2020ع تي پشاور هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو ته 28 مارچ 2020ع تائين سڀ ڪورٽون بند رهنديون. 27 مارچ 2020ع تي داخل ۽ ٻاهر نڪرڻ واري رستن تي اسڪريننگ ٽيمن کي مقرر ڪري هر ايندڙ ويندڙن جون ڪووڊ اسڪريننگ ٽيسٽون شروع ڪيون ويون.

صوبائي وزير علي محمد خان اعلان ڪيو ته هڪ هزار تي سئو ڊاڪٽر ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي مريضن جي نگهداشت لاءِ ڀرتي ڪيا ويندا . خيبرپختونخواهه ۾ پبلڪ سروس ڪميشن 635 ڊاڪٽر ڪميشن ذريعي ڀرتي ڪيا، جيڪي پڻ صحت جي ورڪ فورس ۾ شامل ٿي ويندا.

29 مارچ 2020ع حڪومت 32 بلين رپيا هن ڪووڊ جي ڪرائيسس ۾ ماڻهن ۽ بزنس ڪميونٽي کي ڏنا. انفارميشن جي وزير اجمل وزير اعلان ڪيو ته اٽويهه ملين غريب خاندانن ۾ ساڍا ٻارهن بلين رپيا ڏنا ويندا. ٽي هزار احساس پروگرام ۾ ڏنا ويندا.

۾ هزار KP حڪومت ورهائيندي ۽ بزنس ڪميونٽي کي پنج بلين جا ٽيڪس معاف ڪيا ويندا.

3 مارچ 2020ع تي آڪسيجن ڪارڊيڪ مانيٽر، انفيوين پمپ، ڊاليسس ڪيٽٽر ۽ ٻيون PPEs سڀني ضلعن ۾ هڪ جيتريون ورهايون ويون.

صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ جي طرفان 50 هزارN-95 ماسڪ، 8 هزار سرجيڪل ڪٽ، 750 لٽر سينٽائيزر ۽ پنج هزار ٽيسٽنگ ڪٽ اپريل 2020ع ۾ مهيا ڪيا ويا.

هي سٽون جڏهن لکي رهيو آهيان ته ڪووڊ جا اڄ تائين 9 آگسٽ 2020ع ۾ 34635 ڪيس رپورٽ ٿيا جنهن مان 31542 مڪمل صحتياب ٿي ويا ۽ 1230 ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويا.

# گلگت بلتستان



حڪومت 12مارچ 2020ع کان ميڊيڪل ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي، تعليمي ادارا 5 اپريل 2020ع تائين بند ڪري ڇڏيا ساڳئي طرح اسلام آباد ۾ قلم 144 لڳائي ڇڏيو. حڪومت 23 مارچ 2020ع تائين لاڪ ڊائون ڪري ان تي عمل ڪرڻ لاءِ پيراملٽري فورس جو استعمال ڪيو ويو. 27 مارچ 2020ع تي چين گلگت بلتستان حڪومت کي 5 وينيلٽر، 2 هزار N-95 ماسڪ، 2 لک فيس ماسڪ ۽ 2 هزار ٽيٽنگ ڪٽ مهيا ڪيون پر پوءِ ٻه وڏيڪ ڪيس ظاهر ٿيڻ لڳا. 21 مارچ 2020ع تي قلم 144 لاڳو ڪيو ويو.

حڪومت فيصلو ڪيو ته تافتان کان موٽندڙ زائرين جون ٽيسٽون ڪيون وينديون. لوڪل حڪومت 5 اپريل 2020ع تائين اسڪولن کي بند ڪري ڇڏيو. عالمي اداره صحت جي طرفان وفاقي حڪومت جي هدايتن تي ڊيٽا مينيجمينٽ ضلعي سطح تي شروع ڪئي وئي.

وفاقي حڪومت هدايت ڪئي ته 2 اپريل 2020ع جا 14 اپريل 2020ع تائين لاڪ ڊائون برقرار رکيو وڃي. ان لاڪ ڊائون کي وڌايو 21 اپريل 2020ع تائين وڌايو وڃي.

جيستائين 9 آگسٽ 2020ع تاريخ تائين هي سٽون سرجي رهيو آهن ڪووڊ جا 20321 مثبت ڪيس ٿيا آهن
انهن مان 1902 صحتياب ٿي ويا آهن ۽ 55 فوت ٿيا آهن.

# آزاد ڪشمير

14مارچ 2020ع جي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي گڏجاڻي ۾ صحت جي ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي.

تعليمي ادارا بند ڪيا ويا ۽ سيڪنڊري جا امتحان ملتوي ڪيا ويا وزيراعظم راجا فارق حيدر اعلان ڪيو تہ 11 پوئنٽن تي ٽيسننگ جون سهولتون ڏنيون پيون وڃن. جيڪي 10 ضلعن ۾ موجود هونديون. ٽن ڏينهن جي لاءِ لوڪل ٽرانسپورٽ ملتوي ڪيون ويون. 21 مارچ 2020ع تي صوبي اندر ۽ ٻاهر ٽريفڪ ڪي مڪمل بند ڪيو ويو. 23 مارچ 2020ع کان ٽن هفتن جي لاءِ لاڪ ڊائون جو اعلان ڪيو.

عباس انسٽيٽوٽ آف ميڊيڪل سائنسز مظفرآباد ۾ ڪووڊ جون ٽيسٽون شروع ڪيون.

وفاقي حڪومت جي هدايتن سان 14 اپريل 2020ع تائين لاڪ ڊائون ڪيو.

جنهن تاريخ 9 آگسٽ 2020ع تي هي سٽون لکي رهيو آهيان ڪووڊ جا 2134 پازيٽو ٿيا، انهن مان 1883 صحتياب ٿي ويا ۽ 58 جنم تان هٿ ڪنيو.

## اسلام آباد وفاقي دارالحڪومت



اسلام آباد ۾ 21 مارچ 2020ع تي 15 ڏينهن لاءِ قلم 144 لڳايو ويو ۽ اهو اعلان پڻ ڪيو ته ان جي جيڪو خلاف ورزي ڪندو، ان ڪي قانوني ڪاروائيءَ ڪي منهن ڏيڻو پوندو. 23 مارچ 2020ع تي لوڪل يونين ڪائونسل بارا ڪئو ڪي سيل ڪيو چو ته اتان 11 شڪي ڪيس ظاهر ٿيا هئا. اسلام آباد جون هوٽلون ۽ شاپنگ مال بند ڪيا ويا. اسلام آباد جي ڊپٽي ڪمشنر حمزا شفيع نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ته لوڪل شهر اندر ۽ ٻاهر مڪمل طور ٽريفڪ بند هوندي. پر سماجي وٿيءَ جي اصول سان ميٽرو بس هلنديون. ان سان گڏ عوامي ۽ سماجي گڏجاڻيون مڪمل طور تي بند هونديون. 25 مارچ 2020ع تي وفاقي دارلحڪومت سمورين اسپتالن جي او-پي-ڊي بند ڪرائي ڇڏي..

لاڪ ڊائون 2 اپريل 2020ع کان 14 اپريل 2020ع تائين وفاقي حڪومت جي هدايتن تي لاڪ ڊائون لڳايو ويو.

ڪووڊ 19 جڏهن آئون هي سٽون لکي رهيون آهيان جيڪا تاريخ 9 آگسٽ 2020ع ۾ مثبت ڪيس 15241 ٿيا، صحتياب ڪيس 12914 ٿيا جڏهن ته 171 ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويا آهن.

## سنڌ



سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ صاحب ڪووڊ جي هن عالمي وبا ۾ اڳئين صف جي مسيحا جھڙو ڪردار ادا ڪيو آھي. پھريون ڪيس ڪراچي ۾ ظاهر ٿيو تہ هن مرد مجاهد هر طرف ڪان هن وبا جي بچاءَ جا هيلا هلائڻ شروع ڪري ڏنا. سيني ڪاتن جي عملدارن، سياسي تنظيمن، مذهبي رهنمائن، سماجي تنظيمن، واپاري تنظيمن، لوڪل گورنمنٽ چئرمين ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن سان گڏجاڻيون ڪري، سڄي سنڌ کي ڪووڊ جي وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ آواز ڪري ڇڏيو. 1 مارچ 2020ع تي سڄي سنڌ جي اسڪولن کي 13 مارچ 2020ع تائين بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

سنڌ جي وزير اعليٰ پنھنجي ڪابينہ خاص ڪري، ڊاڪٽر عزرا فضل پيچوهو، سعيد غني خاصخيلي ۽ سيد ناصر شاھ، کي متحرڪ ڪري ڇڏيو. ايم. پي. ايز، ڊويزن ۽ ضلعن اندر ڊپٽي ڪمشنر سان گڏجي متحرڪ سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون. هوائي جهازن ذريعي آيل ماڻھن کي پتي (ايڊريس) ذريعي ڳولڻ ۽ انهن کي محدود ڪرڻ جي لاءِ صحت کاتي ذريعي ريپڊ ريسپانس ٽيمن کي فعال ڪري اها ڪوشش ڪئي تہ وبا لوڪل ليول تي نہ ڦھلجي. 12 مارچ 2020ع تي سنڌ حڪومت PSL جي رهيل ميچن جي لاءِ اعلان ڪيو تہ اهي بند دروازي ۾، نيشنل اسٽيڊيم

ڪراچي ۾ ڪيون وينديون. تعليمي ادارا 30 مئي 2020ع تائين بند ڪيا ويا عارضي طور شادي هالن، مزارن ۽ ميلن تي پابندي لڳائي وئي. 20 مارچ 2020ع تي سنڌ حڪومت هڪ هزار بسترن تي آئيسوليشن وارڊ ۽ ٽريٽمينٽ فليڊ اسپتال ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ قائم ڪئي.

21 مارچ 2020ع تي سنڌ حڪومت، سڄي سنڌ ۾ 14 ڏينهن جي لاءِ لاڪ ڊائون جو اعلان ڪري 24 مارچ 2020ع تي سموري ٽرانسپورٽ، مارڪيٽون، آفيسون، شاپنگ مال، هوٽلون ۽ عوامي هنڌ بند ڪري ڇڏيا.

سنڌ حڪومت اهو به اعلان ڪيو ته جيڪي ملازم لاڪ ڊائون دوران موڪلن تي هوندا انهن کي پگهارون ڏنيون وينديون. 24 مارچ 2020ع تي سنڌ حڪومت جي هدايتن تي پاڪستان جو پهريون ڪورنٽائين سينٽر ليبر ڪالوني سکر ۾ قائم ڪيو، جنهن جي ذميواري ڪمشنر سکر شفيق مهيسر کي ڏني وئي، جنهن جي ٽيڪنيڪل مدد ڊاڪٽر علي اڪبر گهانگهري ڪئي. هن ڪورنٽائين سينٽر تي بسن ذريعي تافتان کان 1137 سئو زائرين آئسوليٽ ڪيا ويا. مڙني جا سيمپل ورتا ويا جيڪي هوائي جهاز ذريعي ڪراچي موڪليل ويا. جنهن مان 273 مثبت آيا. بهترين انتظامن ذريعي سڀ جا سڀ زائرين مڪمل صحتياب ٿي پنهجي گهرن ڏانهن موڪليا ويا. هن وقت ليبر ڪالوني ۾ ڪووڊ جي علاج جي اسپتال موجود آهي جتي ڪووڊ جي مريضن جو علاج ڪيو پيو وڃي ۽ سکر ۾ ڪووڊ جي ٽيسننگ پڻ ڪئي پئي وڃي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ ۽ ميڊيم ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوھو صحت جي وزير سان گڏ آغا خان يونيورسٽي جي انفيڪشن ڪنٽرول جي پروفيسر ڊاڪٽرفيصل آگاھي جي پريس ڪانفرنس ڪئي تہ پنھنجي وزيراعليٰ جي سيٽ پروفيسرڪي ڏني ۽ پاڻ پاسي ۾ ويھي عظيم انسان جو ڏيک ڏنو.

سنڌ جي وزير اعليٰ جو پيٽيويو سيد مھدي شاھ سابق ڊپٽي ڪمشنر نوشھروفيروز ڪووڊ ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ لاڏاڻو ڪري ويو.

صحت جي عالمي اداري ووھان ڪان پوءِ سنڌ جي وزير اعليٰ سيد مراد علي شاھ جي ڪيل انتظامن ڪي مجيو جو چين جي حڪومت بہ جھاز، بچاءُ جي سامان، وينٽليٽر ۽ ميڊيڪل جو سامان فراھم ڪيو جنھن جي ماليت 67 ملين ھئي.

25 مارچ 2020ع تي سنڌ حڪومت جي ٽاسڪ فورس جي گڏجاڻي وزير اعليٰ جي صدارت ھيٺ ٿي گڏري جنھن ۾وڌيڪ اثرائتا قدم کنيا ويا. پرچون جا دڪان، فارميسي، ميڊيڪل جو سامان ۽ ضرورت وارين شين جا دڪان صبح جو 8 بجہ کان شام جو8 بجہ تائين کليل رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

چيف سيڪريٽري ۽ ڪراچي جي ڪمشنر حڪم ڏنو ته وڏيون فيڪٽريون بند رهنديون ۽ بئنڪن جون ضروري برانچون کليل رکن ته جئين لاڪ ڊائون کي برقرار رکيو وڃي.

جناح پوسٽ گريجوئيٽ سينٽر ۾ 8 ڪلاڪن اندر مفت ٽيسٽون شروع ڪيون ويون.

سنڌ جو وزير اعليٰ سيد مراد علي شاهه روڊ رستي سکر پهچي، اتي گڏجاڻي ڪري، آفيسرن کي سخت هدايتون ڏنيون. ائين پئي لڳو ڀٽ جي گهوٽ شاهه صاحب جي هن بيت جي سراپا تعبير ٿي رهي هجي، جنهن ۾ فرمايو اٿن ته،

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرين جو.
(شاهه)

سيد مراد علي شاهه ڪووڊ جي خلاف سينو تاڻي رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو آهي. سيد جي سچائي جو اهو وڏو مثال آهي جو سندس ساٿي تعليم جو وزير سعيد غني خاصخيلي ڪرونا ۾ مبتلا ٿي پيو.

25 مارچ 2020ع تي صحت کاتي جي طرفان وزير اعليٰ جي هدايتن تي ڪووڊ جي ڪيسن جي نقشابندي ڪئي وئي. ان سان اهو به حڪم ڏنو ويو ته سيمپلن وٺڻ جو صحيح طريقو ڪيو وڃي. اندس اسپتال جون 18 گاڏيون مفت ۾ گهران سيمپل گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا.

گمبٽ ميڊيڪل ۽ سائنس انسٽيٽوٽ طرفان پڻ ٽيسٽون شروع ڪيون ويون هن اداري ۾ ٽريٽمينٽ ۽ آئيسوليشن وارڊ قائم ڪيو ويو.

لمس حيدرآباد ۾ پڻ ڪووڊ جي ٽيسٽ جي سهولت مهيا ٿيڻ لڳي..

وڏي وزير 341 ملين زائرين کي بهتر سهولتون ڏيڻ لاءِ ضلعي عملدارن کي جاري ڪيا.

14 اپريل 2020ع تي آمريڪا جي بين الاقوامي ڪميشن اعتراز واريو تہ هندو ۽ ڪرسچن واري اقليتن تي ڌيان نہ پيو ڏنو وڃي. جنهن ڪانپوءِ ايڌهي فائونڊيشن، JDC ويلفيئر آرگنائيزيشن ۽ جماعت اسلامي اڳتي وڌيا ۽ اقليتن تي توجہ ڏيڻ لڳا.

10 اپريل 2020ع تي سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار اجمل وزير ٻڌايو تہ سنڌ حڪومت بزنس ڪميونٽي کي ٽيڪس کان آجيو ڪيو آهي ۽ نوڪري پيشہ جي نوڪرين کي بچائڻ لاءِ 17.5 ملين رکيا آهن. 8 بلين ضلعي اسپتالن جي بهتري لاءِ ڏنا ويا آهن.

29 مارچ 2020ع 4000 قيدين کي ڪووڊ جي ڦهلاءُ جي بچڻ لاءِ ضمانت تي آزاد ڪيو ويو.

30 مارچ 2020ع تي سنڌ جي وڏي وزير عام ماڻهن کي فائدو ڏين لاءِ موبائيل گاڏين ذريعي سندن درن تي راشن پهچايو.

ڪراچي جي ميئر ڪووڊ جي فوت ٿيندڙ ماڻهن جي تدفين لاءِ 5 سينٽر قائم ڪيا.

31 مارچ 2020ع تي اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ جيڪي ملازم فيڪٽرين ۽ پرائيويٽ ادارن ۾ ڪم ڪن ٿا انهن ۾ پگهارون ورهايون وڃن.

ڊاڪٽرن ۽ صحت سان لاڳاپيل ڪووڊ ۾ مبتلا کي بهتر سهولتون ۽ سفر لاءِ گاڏيون مهيا ڪيون وينديون.

صحت کاتي سنڌ طرفان ڇهرين انفيڪشن بيمارين جي اسپتال ۽ ريسرچ سينٽر ڊائو يونيورسٽي هيلٿ سائنس جي گڏيل تعاون سان گلشن اقبال ويجهو نيپا چورنگي ۾ اسپتال قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ڪووڊ 19 جي نازڪ مريضن جو علاج ڪيو ويندو. هن اسپتال ۾ 400 بسترن جي سهولت موجود هوندي. شروعاتي طور 16 بسترا ICU، 34 بسترا HDU (High Depandecy Unit) ۽ 8 بسترا ER (Emergency Room) لاءِ شروع ڪيا ويا آهن، ۽ جولاءِ جي آخر ۾ ان کي وڌائي 32 بسترا ICU ، 88 بسترا HDU (High Depandecy Unit) ڪم ڪرڻ شروع ڪندا.

پروفيسر ڊاڪٽر طاهر شمسي جيڪو هيماٽالاجسٽ نيوز ڪانفرنس ۾ ٻڌايو آهي تہ ڪراچي جي 40% آبادي جولاءِ 2020ع جي آخري هفتي تائين ڪووڊ 19 ۾ مبتلا ٿي چڪي هوندي ۽ سيپٽمبر جي پهرين هفتي ۾ ڪراچي جي 65% کان 70% آبادي ۾ ڪووڊ 19 جا انٽي باڊيز موجود هوندا. ان جو مطلب پاڪستان تيزي سان Herd immunity ڏانهن وڌي رهيو آهي، جنهن جي ڪري پاڪستان ۾ ڊرامائي انداز ۾ ڪووڊ 19 جا مثبت ڪيس گهٽيا آهن، ۽ اسپتالن ۾ ڪووڊ 19 جي ڪري موت پڻ گهٽيا آهن. جنهن جي لاءِ هي ٻڌائي ٿو تہ سارس ڪووڊ 2، جي انٽي باڊيز ٽيسٽ 2200 کان 2300 ماڻهن جي مختلف هنڌن تان ورتي وئي جنهن مان 40% ماڻهن ۾ ڪووڊ 19 جا انٽي باڊيز موجود هئا.



شهيد بينظير آباد جي پي ايم.سي.ايچ اسپتال ۾ هڪ سئو بسترن تي مشتمل آئيسوليشن وارڊ ۽ ليبر ڪالونيءَ نواب شاه ۾ فليڊ اسپتال ۽ آئيسوليشن سينٽر ڊاڪٽر محسن شاه ڪمشنر شهيد بينظيرآباد مسٽر ابراراحمد جعفر ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ، ڊاڪٽر معين الدين شيخ سابق ڊي. ايچ. او جي گڏيل ڪارشن سان ڊاڪٽر گلشن ميمڻ وي سي پمس، پبلڪ اڪائونٽس

ڪميٽي جي چئيرمين غلام قادر چانڊيو ۽ ڊاڪٽر دولت جمالي فوڪل پرسن ڪووڊ جي ڪري بهترين اسپتال قائم ٿي. ڊاڪٽر سڪندر ميمڻ ٽيڪنڪل آفيسر صحت ڪاتو ۽ ڊاڪٽر عاشق شاهه ھي فليڊ اسپتال وزٽ ڪئي ۽ نهايت خوشيءَ جو اظهار ڪيو.

هن فيلڊ اسپتال ۾ آئيسوليشن ۾ تبليغي بزرگن کي ڪورنٽائين ڪيو ويو جو هو صبر ۽ تحمل سان پنهنجو ٽائيم ڪڍي ويا پر لوڪل پازيٽو ماڻهن کي رکيو ته انهن احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ حڪومت کي خيال آيو ته پازيٽو ڪيسن کي گهرن ۾ آئيسوليٽ ڪيو وڃي.

موجوده ڊسٽرڪٽ هليٿ آفيسر شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر آصف رضا بروهي سيمپل ڪليڪشن جون ٽيمون وڏايون ۽ هيلٿ ٽيڪنشن جي ٽريننگ ڪرائي. ان ڪانسواءِ ڪووڊ جي هن صورتحال ۾ جديد موبائيل ڪلينڪ پڻ قائم ڪئي وئي آهي ۽ پي ايم سي ايڇ ۾ هاءِ ڊپنڊيسي يونٽ قائم ڪيو آهي.

سنڌ جو واحد وزير اعليٰ سيد مراد علي شاهه صاحب آهي جو روزانو وزيراعلي هائوس ۾ ڪووڊ جي بريفنگ ڏيندو آهي هڪ ڏينهن ڪووڊ جا ڪيس ۽ موت گهٽا ٿيا جو اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيس ۽ هٿ ٻڌي عوام کي ايلاز ڪرڻ لڳو......



غريب خاندانن کي جيڪي روزانو روزي ڪمائڻ وارا هجن ٿا انهن کي معاوضو ڏيڻ لاءِ راشن جا ڪٽا ورهائڻ جي لاءِ سڄي سنڌ ۾ بندوبست ڪيو ويو. ڪنهن حد تائين غريبن ان معاوضي مان فائدو حاصل ڪيو پر سفيد پوش ماڻهو فوٽو سيشن ڪان لنوائين پيا ان ڪري هو فاقا ڪشي واري زندگي بصر ڪرڻ لڳا. لوڪل گورنمينٽ طرفان موبائيل وين سروس سڄي سنڌ لاءِ هلائي وئي.

سنڌ جي وزير اعليٰ 3 سئو 41 ملين ضلعي حڪومتن ۾، زائرين کي بهتر سهولتون ڏيڻ لاءِ ڏنا.

لوڪل گورنمينٽ جي چئيرمينن کي احڪام ڏنا ويا ته هو يونين ڪاؤنسل جي آبادين ۾ مفت صابڻ ورهائين پر چئيرمينن صاحبن اڌ صابڻ ڪري ٻن ٽن ماڻهن کي اڌ صابڻ ڏئي تصوير ڪيدرائي سوشل ميڊيا تي شئير ڪيا.

گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل ۽ هليٿ سائينس ۾ ڪووڊ جي ٽيسٽ جي سهولت مهيا ڪئي وئي. ان سان گڏ هتي ڪووڊ جي علاج ۽ وينٽيليٽر جون سهولتون پڻ مهيا ٿيڻ لڳيون آهن.

ڪراچي ۾ ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي ايس آءِ يو ٽي اداري طرفان مفت ڪووڊ جون ٽيسٽون ۽ علاج شروع ڪيو ويو آهي.

سول اسپتال ڪراچي ۾ پڻ ڪووڊ جون ٽيسٽون ۽ علاج شروع ڪيو ويو آهي.

انڊس اسپتال ۾علاج ۽ ٽيسٽن جون سهولتون موجود آهن.

ڪراچي جي پرائيويٽ اسپتالن ۾، وينٽيلٽر جي روزاني فيس هڪ لک 50 هزار تائين مقرر ڪري ٻنهي هٿن سان ڦريو پيو وڃي. سائوٿ سٽي اسپتال ۾ وينٽيليٽر جو معاوضو 25 لک مقرر آهي.

27 مارچ 2020ع تي سنڌ حڪومت بزنس ڪميونٽي کي 17.5 بلين رپيا ڏنا، جيڪي ڪٽڪ جي خريداري لاءِ رکيل هئا، ته جئين ملازمن کي پگهارون ڏين ۽ 8 بلين جي ماليت ضلعن جي اسپتالن کي ڏنا.

لاڪ ڊائون ڪي وڊايو ويو. سنڌ حڪومت کي چين طرفان 5 لک N-95 ماسڪ مهيا ڪيا ويا.

29 مارچ 2020ع تي جيلن ۾ ڪووڊ جي ڦهلجڻ کان بچڻ لاءِ چار هزار قيدين کي آزاد ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

ليکڪ ۽ دانشور ڊاڪٽر سيد ارشاد ڪاظمي ايم ايس چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال لاڙڪاڻو، ڪووڊ جي هن صورتحال ۾، تمام وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. 80 بسترن تي آئيسوليشن وارڊ، 22 بسترن تي وينٽيليٽرن سان گڏ وارڊ، 60 بسترن تي هاءِ ڊپنڊيسي يونٽ ۽ ڪووڊ جي پي سي آر ٽيسٽ کي ممڪن بڻايو آهي.

ڪووڊ جي حوالي سان سنڌي چينلن تي روزانو ٽي وي ٽاڪ شو، خبرون، اخباري ڪالمن ۾ شاعرن جون پنهنجون نڪور لکڻيون شايع ٿينديون رهن ٿيون. ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شاعري، رخسانه پريت چنڙ ۽ بيوس علي بخش چانڊيو، لاڪ ڊائون کان وٺي اڄ تائين ڪووڊ جي حوالي سان نڪور شاعري شيئر ڪندا رهن ٿا.

سنڌ جي صحافت ۾ مزاحمت ۽ سنڌ جي ثقافت اجرڪ جو پٽڪو ٻڌي سنڌ جي سجاڳي، ٽن ڪتابن جو ليکڪ سيد علي محمد شاهه لکياري ڪووڊ ۾ مبتلا ٿي لاڏاڻو ڪري ويو.

ان ڪانسواءِ ڪيترن سنڌي فنڪارن ڪووڊ جي حوالي سان گيت پڻ ڳايا آهن.

تاريخ 9 آگسٽ 2020ع هي سٽون لکجن پيون ته سنڌ ۾ 123546 جا ڪيس ٿي چڪا آهن.انهن مان 115415 صحتياب ٿي چڪا آهن۽ 2262 اسان کان هميشه جي لاءِ وڇڙي ويا آهن.

# خواهشون

(ڪهاڻي)



ڪرونا وائرس جي پسمنظر ۾ لڪيل هڪ پر اثر تحرير

"نزلو اچانڪ اچي ٿيو آهي هاڻي تہ متي ۾ بہ سور شروع ٿي ويو آهي "

خير آهي شينهن چاپ گوري ڪائي ڇڏ " مڙس چيس

"بخار سان گڏ ڪنگهہ بہ شروع ٿي پئي آهي "

ڪاڙهو آڻي ٿو ڏيان" مڙس ڪڇيو

"هاڻي تہ تيز بخار ڪنگهہ سان گڏ سيني ۾ سور بہ ٿي پيو آهي."

ٻنيءَ تان ڪم ڪري توکي ڏاهي ڏانهن وني ٿو هلان" مڙس چيو

چار ڏينهن ٿي ويا آهن بخار نٿو گهٽجي سڪي ڪنگهہ سمهڻ نہ ٿي ڏي. ڇاتي ۾ سور بہ آهي ۽ هاڻي تہ ساهہ کڻڻ ۾ بہ تڪليف پئي ٿئي منهنجو ڪجهہ ڪر.

تنهنجي ننڍڙي نينگر روئي باهہ ٿي پئي آهي .

"پرواهہ نہ ڪر ٻڪري ڪپائي وڏي ڊاڪٽر ڏي هلون ٿا پر خبر پئي آهي ' ڪرونا جيوڙو آيو آءِ جو شهر بند آهن."

مڙس ڳالهايو•

وڏي شهر ۾ ڊاڪٽرن وٽ مشڪل سان پهتا'

ڊاڪٽر تپاسي پڇيوته "تون ويجهر ۾ ڪنهن ٻاهرين ملڪ مان آيل ماڻهوءَ سان تہ نہ مليو آهين "

"ها منهنجو بابا عمرو ڪري آيو هو ڪيس مبارڪ ڏيڻ لاءِ وئي هيس سڄو ڏينهن بابي جي گهر رهي هيس "

"جلدي ڪيو هن مريض کي آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪرايو مريض کي ڪرونا جو شڪ آهي"

سندس مڙس جا پير نڪري ويا هوش خطا ٿي ويس فيصلو نہ پيو ڪري سگهي تہ هاڻي ڇا ڪريان ـ

"جلدي ڪريو هيءَ بيماري وچڙندڙ آهي ٻين کي بيمار نہ ڪري وجهي هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرايو"، ڊاڪٽر ڇڙٻ ڏيندي چيس.

ڪرونا جو مريض آيو آهي پري ٿيو جڻ تہ ڪو راڪاس اچي ويو هجي

مريض کي آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو هاڻي هوءَ دنيا جهان کان ڪٽجي وئي

سندس علاج تہ پري جي ڳالھ آهي پر ڪيس پاڻي ۽ ماني ڏيڻ لاءِ بہ ڪير تيار نہ هو هڪ ڪمري ۾ ڪيس قيد تنهائي ۾ رکيو ويو. مڙس کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ تون ۽ تنهنجي گهر جا فرد هڪڙي جاءِ تي محدود ٿي وڃو ٻي صورت ۾ سڄو ڳوٺ هن بيماريءَ ۾ وچڙي ويندو

هن جي هاڻي ڪو ويجهو اچڻ لاءِ تيار نہ هو. هڪ طرف بيماريءَ جي تڪليف ٻي طرف هر ماڻهو ڪيس نفرت سان ڏسڻ لڳا هن سوچيو تہ هل اهي بہ ڏينهن هوندا هئا جو منهنجي سونهن ڏسڻ لاءِ ماڻهو واٽون نهاريندا هئا اڄ تہ ڪير اک کڻي نهاري بہ نٿو، سندس تڪليف وڌڻ سان گڏ رپورٽ ۽ ايڪسري اچي وئي تہ ڦڦڙ بہ ختم ٿي چڪا آهن ساھ بہ نہ پئي کڻي سگهي.

آڪسيجن لڳائي علاج شروع ڪيو ويس هن جي ويتر طبيعت خراب ٿيندي پئي وئي.

ٻئي طرف سندس مڙس ڪٽ اونڌي ڪري ويهي رهيو ڪين ڪوبہ آٿت ڏيڻ وارو نہ رهيو . هر ماڻهو ڪين گهر واريءَ جي موت جو پيغام ڏيندو رهيو هاڻي تہ ڪيس وينٽيليٽر تي رکيو ويو هن هڪ نرس کي چيو" مان پڇي نہ سگهنديس منهنجي مرڻ کان پهريان ڪجھ خواهشون آهن اهي پوريون ڪيون وڃن" . نرس ساڻس اکيون ملائي نہ سگهي.

منهنجي پهرين خواهش آهي تہ مونکي هتان آزاد ڪيو وڃي تہ جيئن صبح ساجهر پکين، جهرڪين ۽ تترن جا ٿهوڪا ٻڌان

منهنجي جيڪا مينهن ڪتراڳ ڪري ٿي ان کي ڏهي پنهنجي ٻچڙن کي کير پياريان.

"اهو ممڪن ناهي، ان سان بيماري ڦهلجي ويندي"

نرس ڳالهايو.

پلاهي خواهش پوري ڪيو مون کي آزاد ڪيو. منهنجو مڙس لاباري تي هوندو آ سندس اک منهنجي رستي ۾ هوندي آهي مان سندس لاءِ ماني کڻي ويندي آهيان.

"اهو بہ ممڪن ڪونهي"، نرس جواب ڏنو.

هڪڙي خواهش پوري ڪئي وڃي جو مان ۽ منهجو مڙس لاباري کان ٿڪجي پوندا آهيون تہ ٻير جي ڇانو ۾ ساهہ پٽيندا آهيون تہ مون کي پنهنجا ٻار ياد ايندا آهن مڙس کي ٻير ڏوڙڻ لاءِ چوندي آهيان ۽ هو ٻير ڏوڙيندو آهي ٻيرن سان پٽ ڳاڙهو ٿي ويندو آهي مان ڳاڙها ٻير ميڙيندي آهيان هڪ دفعو ٻير ميڙڻ ڏنا وڃن هڪڙي ڳالهہ منهنجي بہ رکو موت تہ منهنجي ويجهو آهي مان ۽ منهنجو مڙس لابارو ڪري ڪري جڏنهن شام جو ول جا گڏا ٻڌندا آهيون تہ ڪڏنهن ڪڏنهن ٽڪرائجي ويندا آهيون ۽ پوءِ منهنجو مڙس مون کي پيار وچان هڪڙي چمي ڏيندو آهي جنهن سان اسان ٻنهي جا ٿڪ لهي ويندا آهن مون کي هڪڙي چميءَ جي اجازت ڏيو

"اهو بہ ممڪن ناهي ان سان بيماري ڦهلجي ويندي"

ڊاڪٽر جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا .

منهنجي آخري خواهش پوري ڪئي وڃي جو مان پنهنجي آخري ٽڃ پنهنجي ڪونج کي ڏيان .

ماحول ڏکارو ٿي ويو اتي موجود ماڻهن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا

هن هڪ دفعو متي نهاريو ۽ اباسي ڏئي هميشه جي لاءِ اکيون ٻوٽي ڇڏيائين .

# چري

(هڪ سچي ڪهاڻي)



مان آفيس کان موٽيو هيس. جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيس ته ڏٺم ته منهنجي زال ۽ ڌيءُ روئي رهيون هيون.

“ڇاڳالهه آهي؟ اوهان روئي ڇو رهيون آهيو؟” ڪو به جواب نه مليو.

روئڻ ۾ شدت وڌي وئي.

“ڳالهه ڪيو آخر ٿيو ڇا آهي،؟.”

ٻئي ڄڻيون اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳيون.

"آخر ڪهڙي ڳالهه تي اوهان روج راڙو مچايو آهي.؟!!!"

منهنجي زال سڏڪندي ٻڌايو “سيمي جي ماءُ چري ٿي وئي آهي!”

“بابا! توهان کي ته خبر آ ته سيمي منهنجي دوست آهي. اسين يونيورسٽيءَ ۾ گڏ پڙهنديون هيون سين. سندن گهر ۾ پيءُ اڪيلو ڪمائڻ وارو هو. گذريل سياري ۾ کيس دل جو دورو پيو هو ۽ هو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندن ڪو به سهارو نه رهيو، ان ڪري سيمي مجبورن يونيورسٽيءَ مان پڙهائي ڇڏي گهر ويهي رهي. سندس ماءُ گهرن ۾ مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي رهي هئي.” منهنجي ڌيءُ ٻڌايو ۽ وري ٻئي وڏيون اوڇگارون ڏيڻ لڳيون.

”توهان کي ته خبر آهي ته هاڻي سندن گهر ۾ ڪو به مرد ڪمائڻ وارو نه هو. هن کي ننڍڙيون معصوم ٻارڙيون آهن. مٿان عيد پئي اچي. سندن ڪپڙا ڪٿان ايندا؟ هاڻي ته گهر ۾ ڪائڻ لاءِ به ڪجھ ڪونه اٿن!“ منهنجي ڏيءُ سڏڪندي ڳالھ ڪئي.

”الله پلي ڪندو! جيڪو اسان وٽ آهي اهو کين ڏئي ڇڏيو. پر هوءَ چري ڇو ٿي؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”بابا مڙس جي مرڻ کان پوءِ هو غمگين رهندي هئي. مار پوي ڪرونا کي جو هن جي اچڻ ڪانپوءِ ماڻهن کيس گهرن ۾ مزدوري ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيو. هوءَ گهر ۾ ويهي وئي، ٽي وي تي ڪرونا 19 جي موتن جو خبرون ٻڌي ٻڌي، پنهجا حواس وڃائي ويٺي!“ ڏيءُ ڏک واري انداز ۾ ٻڌايو.

”اوهان کي ڪئين خبر پئي ته هوءَ چري ٿي وئي آهي؟“

”ابو، سيمي ٻڌايو ته، سٺ ڏينهن جي لاڪ ڊائون دوران ڪڏهن ڪڏهن امڙ جلان ڦلان ڳالهائيندي هئي. اڄ آڌي رات جو امان رڙيون ڪيون ته مون کي بچايو...بچايو.. ...مون کي ڪرونا ٿي وئي آهي. پوليس، رينجرس ۽ ڊاڪٽر مون کي ڪٽي وڃي گولي هڻي ماري ڇڏيندا..... مون کي بچايو..... بچايو..... منهنجا ننڍڙا ٻار بک مري ويندا..... مري ويندا..... پوءِ هوءَ ڪپڙا ڦاڙڻ لڳي.... امان جي هي حالت ڏسي، اسان به ريهون ڪرڻ لڳيون سين. پاڙي وارا گڏ ٿي ويا. امان کي پڪڙي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيائون ۽ اسان جي مٿي تي هٿ رکيائون“ منهنجي زال ۽ ڏيءُ اوڇگارون ڏئي روئڻ لڳيون.

”ابو سيمي ٻڌايو ته امي هاڻي به رڙيون ڪري ٿي ته مان مري ويندس ته منهنجي لاش کي پلاسٽڪ ۾ بند ڪري بنا غسل ۽ جنازي جي نماز جي دفنايو ويندو ڪو مون کي بچائي...“.منهجي ڏيءُ ٻڌايو.

منهنجي اکين مان ٻه ڳوڙها اوتجي پيا. “مون ڪي حڪم ڪريو مان سيمي وارن جي لاءِ ڇاڪيان؟”

“اسان اوهان کان پوري زندگي ۾ ڪڏهن به ڪجھ نه گهريو آهي، بس سيمي کي نوڪري ونئي ڏيو.” منهنجي زال ڳالهايو.

“ها دل سان ڪوشش ڪيان ٿو ۽ اهو منهنجو فرض به ٿئي ٿو.” مون وراڻيو.

مون ان ئي وقت فون گهمائي ڪيترن صاحبن مون کي ڪتو جواب ڏنو. مون کي هڪڙو مسيحا دل رڪندڙ آفيسر سجهندو هو. ڪيس مون هيءَ سورن واري کهاڻي ٻڌائي ۽ مدد جي لاءِ واڏو هٿ ادب جا ٻڏي عرض ڪيو.

ٻئي ڏينهن تي سيميءَ جو انٽرويو ڪرايو.

مون کي ان عظيم مسيحا تي پڪو ايمان. آهي ته هو عيد کانپوءِ سيميءَ کي روزگار سان لڳائيندو. جو هوءَ پنهنجي چري ماءُ جو علاج به ڪرائيندي، معصوم ننڍڙن کي پيٽ ڪوت به ڪرائيدي ۽ ايندڙ عيد تي نوان ڪپڙا به ونئي ڏيندي.....

# مسيحا .........!

## (هڪ معصوم گڏڙيءَ جي ڪهاڻي)



“چاچا ايران کان زيارتون ڪري آيو آهي. هلو ته ڪيس مبارڪون ڏئي اچون. ميارون پيو موڪلي.”

"ها امان ٻه فون ڪئي آ ته ڇو نه ٿا اچو؟"

زال وراڻيو.

"تيار ٿي وٺو، مان گاڏي ۾ تيل وجهرائي اچان ٿو."

“بابا ،ناني ڏي مون کي ٻه وٺي هلو.” پري ضد ڪرڻ لڳي.

"پري تون ڏاڏي وٽ رهه، تنهنجي لاءِ شيءَ وٺي ايندا سين."

پڻس ڳالهايو.

“نانو منهنجي لاءِ رانديڪا وٺي آيو آهي مان ضرور هلنديس.”

" پري تون ضد نه ڪر." ماڻس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"نه امان نه مونکي نانيءَ ٻه ڇيو آ." پري روئڻ لڳي. زال مڙس بيوس ٿي ويا.

“نيڪ آهي پري تون ٻه تيار ٿي.” پڻس نيٺ مجبور ٿي ڇيو.

پري خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي. هوناني جي گهر پهچي ويا.

پري ناني ۽ ناني کي چنبڙي پئي "نانا .. منهنجي لاءِ ڪهڙا رانديڪا وٺي آيو آهين؟ جلدي جلدي ٻڌاءِ!.... " پري ناني کي ڳراٽڙي پائيندي چيو.

"اڙي! جلدي پري کي گڏي ۽ جهاز ڪڍي ڏي." ناني زال کي چيو.

"ها بس ماني ٿاهي وٺان ٻچڙا بکيا آيا آهن." نانيءَ جواب ڏنو.

پريءَ کي ماني ئي نہ پئي وڻي رانديڪن جي خوشيءَ ۾.

"ناني مون رانديڪا ڏيکار!" هوءَ نانيءَ کي تنگ ڪرڻ لڳي.

"ان جي ڪري تہ توکي وٺي ڪونہ پئي اچان." پريءَ جي ماءُ ڳالهايو.

"امان پريءَ کي ڪجهہ بہ نہ چؤ هوءَ منهنجي دادلي آ." نانيءَ ڳالهايو.

نانيءَ گڏي ۽ جهاز پري کي ڪڍي ڏنو. پري خوشيءَ مان جهومڻ لڳي. .... "واه جي گڏي آ. گانا بہ ٻڌائي ٿي....۽.. ڳالهائي بہ ٿي....جهاز تہ ان ڪان سنو آ ناني ريموٽ تي اڏامي بہ ٿو..... ناني مان راجو کي هٿ بہ نہ لائڻ ڏيندس. ...."

پريءَ نانيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو.

"تنهنجي ناني راجوءَ جي لاءِ الڳ رانديڪا آندا آهن." نانيءَ ڳالهايو.

"اڇا تہ پوءِ راجو ۽ مان گڏجي کيڏنداسين. "پري چيو.

شام تائين ناني جي گهر وينا رهيا. شام ٿي تہ نياٽي ۽ ڏيءَ موڪلايو. پر سس چانهن پيئڻ ڪانسواءِ نہ ڇڏيو.

"پري هاڻ گهر هلون؟" ماڻس چيو.

" پريءَ کي رات ڇڏي وڃو. ٻئي ڏينهن مامس کي چونديس، تہ ڇڏي وينديس " نانيءَ ماڻس کي چيو.

"نيڪ آ ڇڏي ٿا وڃونس." پڻس موڪلائيندي چيو.

پري سڄي رات ناني ڪان پري نہ ٿي .سندس پيٽ تي ۽ ڪڏهن پيٽ مٿان ڦرندي رهي.

صبح ٿيو ڊاڪٽر جون ٽيمون اچي ويون. “چاچا تون ايران مان ٿي آيو آهين. تو ۾ ڪرونا جو شڪ آهي. تنهنجي ٽيسٽ ٿيندي.”

ڊاڪٽر ٽيسٽ وٺڻ ڪانپوءِ ڪيس هدايت ڪئي “هاڻي پاڻ کي گهر تائين محدود رک ڪنهن سان بہ ملڻ جلڻ ڇڏي ڏي. جيستائين رپورٽ اچي.”

اها خبر اچڻ ڪانپوءِ سڄي ڳوٺ ۾ مايوسي ڇانئجي وئي ٻئي ڏينهن سندس رپورٽ اچي وئي ڪرونا جي تصديق ٿي ويئي. پوليس جي گاڏي اچي وئي. "جلدي ڪر توکي ڪرونا ٿي پيو آهي توکي آئيسوليشن وارڊ ۾ د اخل ڪرڻو پوندو." ڊاڪٽرن ڪيس چيو ۽ ٽيم ڪيس ڪنيي وارڊ ۾ وجي ڦٽو ڪيو. سڄي ڳوٺ ۾ پوليس جو ڪڙو چاڙهيو ويو تہ ڳوٺ ۾ ڪير نہ اچي. باقي رهيل گهر ۾ رهندڙ ۽ جن سان سندس ملاقات ٿي هئي، انهن جي ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ ٻئي ڏينهن وري ڊاڪٽرن جي ٽيم آئي. سندس گهروارن، ڌيءُ، پريءَ ۽ نياڻي جون ٽيسٽون ورتيون ويون. ڪين پابند ڪيو ويو تہ سندن چرپر مڪمل بند آهي. چوٿين ڏينهن ڪيل ٽيسٽن جون رپورٽون آيون تہ پريءَ جي رپورٽ ۾ تصديق ٿيو تہ ڪرونا آهي. سڄي گهر جا ياتي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳا... هي اسان سان ڪهڙو ظلم ٿي ويو.....

"پري بابا ڇا ٿيو آهي.....!!"؟ پوليس جي گاڏي اچي ويئي. “پري اسان جي حوالي ڪريو تہ جيئن آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪري سگهجي.” پوليس واري ڳالهايو.

صحت کاتي جي ٽيم، هدايتون ڏيندي چيو تہ " نينگر کي ماسڪ پهرايو."

“هيءَ معصوم ٻارڙي آسوليشن وارڊ ۾ ڪئين رهندي؟” پريءَ جي پيءَ ڳالهايو.

"اسان مجبور آهيون. بالا آفيسرن جو حڪم آهي." پوليس آفيسر ڳالهايو.

"ڪجهه به ٿي پوي، اسان پريءَ کي اڪيلو ڪونه ڇڏينداسين." پريءَ جي چاچي جواب ڏنو.

"اسان جو اهومقصد هرگز نه آهي ته اوهان کي پريشان ڪيون. اسان جو مقصد اهو آهي ته هن موت مار بيماري کان اوهان کي، ڳوٺ کي، علائقي کي ۽ سماج کي بچايون." ڊاڪٽر سمجهائيندي چيو.

"ننڍڙو ٻار آهي. اڪيلو وارڊ ۾ ڪيئن رهندو." پيءُ ڳالهايو.

"اوهان پرواه نه ڪريو. وارڊ ۾ ٻيا ٻار به داخل آهن ۽ عملو چوويهه ڪلاڪ موجود آهي." ڊاڪٽر سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ٻار اڪيلو وارڊ تائين ته ڪونه هلندو."

"ان جو به حل ڪيون ٿا. اسان اوهان کي هڪ خاص قسم ڊريس ڏيون ٿا. اها پائي، پريءَ جو پيءُ ساڻس گڏ هلي. وارڊ ۾ ڇڏي پوءِ شئي وٺي اچڻ جو بهانو ڪري، نڪري اچي. وڌيڪ اسان پاڻ ڏسنداسين." ڊاڪٽر ڪين تجويز ڏيندي چيو.

"اسان جو دادلو ٻار آهي. وڌيڪ لاءِ اوهان کي پارت آهي."

پيءُ غمگين ٿيندي چيو.

"اوهان مطمئن ٿي وڃو مريض اسان کي اولاد کان به وڌيڪ پيارو هوندو آ."ڊاڪٽر چيو.

پريءَ جي ماءُ ۽ پيءُ خاص ڊريس پائي، پريءَ سميت ايمبولينس ۾ وينا. سڄي ڳوٺ جا ماڻهو اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳا.

"امي ڇا ٿيو آ؟ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو اوڇنگارون ڏئي روئن پيا ۽ اوهان به روئو پيا؟"

پريءَ عجيب محسوس ڪندي چيو....!!؟

"بس ڪجهه به نه ٿيو. اسان جو مقدر خراب ٿيو آ....." ماءُ سڏڪا ڀريندي چيو.

ايمبولينس هلڻ لڳي، سندس پيءُ جي ذهن ۾ هزارين سوال، وسوسا، پريشانيون ۽ خيال ڊوڙڻ لڳا...... ايمبولينس، آئسوليشن وارڊ تي پهچي وئي. پريءَ جي ماءُ ۽ پيءُ جون اوچنگارون تيز ٿيڻ لڳيون. ايمبولنس ۾ ويٺل ڊاڪٽر ۽ عملو به روئڻ لڳو.

"آءُ خدا! تون هيٺ لهي آ، پنهنجو جوڙيل ڏيهه ڏسي وڃ.......!!؟" پريءَ جو پيءُ چپن ئي چپن ۾ پٽڪڻ لڳو.

"پري! راڻي! تون هن ٻارن سان کيڏ، اسان تنهنجي لاءِ رانديڪا وٺي اچو ٿا......" پٽس روئيندي چيو.

"نه ابو نه! مونکي هتي ڊپ ٿو لڳي.....مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هلو...."پريءَ روئڻ لڳي."

جلدي واپس ٿجو منهنجي لاءِ سنا رانديڪا وٺي اچو......" پريءَ راضي ٿيندي چيو.

ڊاڪٽر، پريءَ کي وارڊ ۾ وٺي ويو. پري، وارڊ ۾ ٻين ٻارن سان راند کيڏڻ لڳي.... ٻن ڪلاڪن کان پوءِ پريءَ کي بک لڳي. " مون کي بک لڳي آهي ابو ۽ امان ڪاڏي ويا. منهنجا رانديڪا به نه آندا اٿن. مون کي منهنجو بابو ۽ امان ڳولي ڏيو "

پري ڪيترن ڪلاڪن تائين وارڊ ۾ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ لاءِ روئندي رهي. آخرڪيس ننڊ اچي وئي. پري رات جو جاڳي ته کيس اچي رنگ جا جبا پهريل هڪ عورت ۽ مرد نظر آيا.....خوف وچان دانهون ڪرڻ لڳي ته " بچايو .... بچايو... جن اچي ويا آهن."

"پري، اسان جن ناهيون اوهان جي حفاظت جي لاءِ مقرر ٿيل ڊاڪٽر ۽ نرس آهيون. تنهنجي لاءِ ماني کڻي آيا آهيون."

" ابو ۽ امي ته نه آهيو. مون کي ڊيجارڻ جي لاءِ هي ويس ڪيو اٿو...."پري خوف وچان ڳالهايو.

"ها اسان تنهنجا ابو، امان آهيون تنهنجي لاءِ ڪيترو فروٽ وٺي آيا آهيون."نرس ڳالهايو."

منهنجا رانديڪا.ڪٿي آهن؟".پري پڇيو.

"رانديڪا وارن جا دڪان بند ٿي ويا هئا جو نہ مليا. "ڊاڪٽر ڳالهايو.

پري کي ننڊ اچي وئي.

صبح ٿيو پري ڊاڪٽر کي ابو ڪري سڏيو.

"پري ڇا کپي.؟ "نرس پڇيو.

"امي، بسڪٽ ۽ چانهہ ..!!"

"ديرنہ ٿيندي." ڊاڪٽر جواب ڏنو

پري چانهن ۽ بسڪٽ کائي ٻارن سان راند ۾ مشغول ٿي وئي. پري وارڊ ۾ رلي ملي وئي هئي. جيڪي شئي ڪٽيس ٿي تہ ڊاڪٽر ۽ نرس کي امي، ابو چئي گهرڻ لڳي.

سندس ماءُ ۽ پيءُ فروٽ ۽ رانديڪا روزانو وٺي، ڊاڪٽر ذريعي پهچائڻ لڳا هئا. پري جو حال احوال وٺڻ لڳا. ڊاڪٽر، پريءَ جي وڊيو ناهي، مائٽن ڏانهن موڪلڻ لڳو.

پري ڊاڪٽر ۽ نرس کي پنهنجي ماءُ، پيءُ سمجهڻ لڳي هئي. روزانو ٽافين، چيگمن ۽ آئيس ڪريم جون فرمائشون ڪرڻ لڳي ۽ هو سندس فرمائش پوريون ڪرڻ لڳا. جئين ڊاڪٽر ۽ نرس وارڊ ۾ آيا، تہ پري ضد ڪرڻ لڳي، "جيڪڏهن منهنجا ابو ۽ امي آهيو ، تہ پنهنجي منهن تان، ٻوٿاڙو لاهيو ؟."

ڊاڪٽر ۽ نرس هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا.

"اسان کي اجازت ناهي." نرس جواب ڏنو.

مون کي پنهنجي جهولي ۾ چو نٽا ويهاريو. مونکي ڪلهي تي چاڙهي چو نٽا گهمايو ۽ مونکي گڏ چو نٽا، سمهاريو. توهان منهنجا ابو ۽ امان ناهيو....."

ڊاڪٽر نرس ڏانهن نهاريو. نرس اشارن جواب ڏئي ڇڏيو.

ڊاڪٽر ٿوري دير لاءِ سوچڻ ۾ گم ٿي ويو. ممڪن آ ٻار جي ويجهو ٿيان ته مون کي به ڪرونا ٿي وڃي. .....!!؟...!!؟
ڊاڪٽر جو مسيحا وارو جذبو جاڳيو.
"پري تون آچ آئون توکي جهوليءَ ۾ ٿو ويهاريان. اچ ته توکي سيني سان لڳايان. زندگيءَ ۾ بس تنهنجي زندگيءَ ۽ خوشيون آهن. جيڪڏهن تون نيڪ ٿي وئين ته مون سڄي ڪائنات کٽي ورتي."
پريءَ کي پنهنجي سيني سان لاتو ۽ پريءَ کي ننڊ اچي وئي. پري ڊاڪٽر جي آگوش ۾ سمهي پئي.
پري کي وارڊ ۾ اچ چوڏهن ڏينهن پورا ٿيا. ٽيسٽ ورتي وئي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته پريءَ مان ڪرونا ختم ٿي ويو آهي.
اها خبرمائٽن، ڳوٺ، سماج ۽ خصوصن ڊاڪٽر لاءِ خوشي جي وڏي خبر هئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ وري پريءَ جي ٽيسٽ ٿي جنهن ۾ به ٻڌايو ويو ته پري مان ڪرونا مڪمل ختم ٿي ويو آهي.
آچ آئسوليشن وارڊ اڳيان خوشيءَ وارو سماع هو. وڏي خوشي ڊاڪٽر کي هئي.
پري جا مائٽ ڊاڪٽر ۽ عملي جي لاءِ سوکڙيون ۽ منايون کڻي آيا هئا.

# لاڪ ڊائون
(ڪهاڻي)



" سڄي گهر جو راشن ختم ٿي ويو آهي ۽ پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪجهه به نہ بچيو آهي. ڪجهه ڪر، مهراڻ ڪي به آٽت ڏئي سمهاريو اٿم، جاڳي پيو تہ روئيندي بس ڪونہ ڪندو. پاڻ تہ وڏا آهيون، بک سهي ويندا سين، پر مهراڻ تہ چپ ئي نہ ڪندو"

" توکي خبر آهي تہ شهر ۾ لاڪ ڊائون آهي، ڪٿي بہ مزوري نہ ٿي ملي. مان ڇا ڪريان، ڪو رستو نظر ئي نٿو اچي "مڙس ڳالهايو.

"ڪوشش ڪر ڪٿان راشن وٺ؟"

"توکي خبر آهي تہ آئون صبح مزدوريءَ جي لاءِ نڪري ويندو آهيان، پر سڄو شهر بند آهي ۽ وري نہ مون ڪي چاپلوسي ايندي آ، نہ ئي ڪو ڪائونسلر، چئيرمين يا ٽپيدار مونکي راشن ڏيندو. مڙس جواب ڏنو.

"وري بہ ڪوشش ڪر، متي وارو مدد ڪندو".

"ڪالھ مان چئيرمين ۽ ٽپيدار ڏي ويو هئس، ٻنهي جواب ڏنو". مڙس وراڻيو.

"ڪارڊ تي پيئسا ملن ٿا، ان جي ڪوشش ڪر".

"اها بہ ڪوشش ڪري چڪو آهيان، ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو آهي" مڙس جهيڻي آواز ۾ ڪڇيو.

"پاڻيءَ چڪو ڏي بک ۽ اڄ ۾ پاھ تي ويو آهيان"..... مڙس زال ڏانهن نهاريندي چيو.

مهراڻ کي بک جي ڪري، پيٽ ۾ ولهوڙا پوڻ لڳا. روئڻ شروع ڪيائين.”امان بک لڳي آهي، ماني ڏيو.....ساهه ٿونڪري... او بابا.... ڪجهه ڪريو نه ته مان مري ويندو سانءِ..."

ماڻس ۽ پڻس جي اکين مان ڳوڙها شروع ٿي ويا.

"ماريا همٿ ڪر مون کان ته مهراڻ جي حالت برداشت نه ٿي ٿئي. پاڙيواري کان ڪو سڪل ٽڪر وٺي اچ.

هن پاڙيواري جو دروازا کڙڪايو، پر ڪنهن به دروازو نه کوليو.

ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ ماحول کي ڪو نانگ سراپي ويو هجي... مهراڻ سڄي رات ماني ماني ڪندو رهيو... سڏڪا پريندي....بيهوشي طاري ٿي ويس.....!!!؟ سندس ماءُ ۽ پيءُ بيوس ۽ لاچار هئا. ڪجهه ڪري نه سگهيا هئا...

فجر جي آذان جو وقت ٿي ويو.

"مهراڻ جي ماءُ منهنجي نظر ۾مهراڻ ۽ اسان جي بچڻ جو هڪ رستو رهيو آهي ته شهر ڇڏي ڳوٺ ۾ هلون....!!؟ اتي ڇپري ناهي ويهي رهنداسين ۽ ماني ڳپيو گهري وٺنداسين. ڳوٺ وارا ڏئي ڇڏيندا. هن شهر جا واپاريءَ ماڻهو ته انسان کي انسان نه ٿا سمجهن". مڙس ڳالهايو.

"ها، بلڪل صحيح فيصلو ڪيو اٿئي ، جئين ئي روشني ٿئي نڪري ٿا هلون....."

"مهراڻ کي ڪلهي تي کڻ مان رڳو ڪپڙا ئي کڻان ٿي".

شهر جون گهٽيون ويران لڳيون پيون هيون. انسان ميلن تي نظر نه پئي آيو. هر طرف ويراني ڇانيل هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ واسينگ نانگ سراپي ويو هجي.

"ٿوري ساهي پٽيون هاڻي ته جسم ۾ طاقت ئي ناهي رهي".

"بس اسٽاپ ٽي ميل پري آهي. ڪا سواري به نظر نه پئي اچي. گهٽيون سنسان آهن. رستن تي ماڻهو پوءِ به نه آهي. ڳهلجي

سهلجي بس اسٽاپ تي پهتا. بسن جون قطارون ڏسي،ڪين اميد پيدا ٿي.

مهراڻ جي ماءُ مون کي پاڻي چڪو پيار ۽ مهراڻ کي به پاڻي پيارڻ جي ڪوشش ڪر.

هن مڙس کي نادي مان پاڻي جو گلاس ڏنو، جيڪو گندو هو پر پوءِ به هڪ ساهي ۾ پاڻي گلاس پئي ويو، ۽ زال به پاڻي پيتو. مهراڻ جيڪو نيم بيهوشي واري حالت ۾ هو واڇن مان پاڻي وهي ويو هوس.

ڪيترا ڪلاڪ انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ سندن اميد هار ڪاڏي جو لاڪ ڊائون جي ڪري گاڏيون مڪمل بند هنيون. هاڻي ڇا ڪرڻ ڪپي....!!!؟

مڙس زال کان سواليا نشان ۾ پڇيو.

ٻنهي جي مٿي تي هٿ اچي ويا. جياپي جا رستا سوڙها ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا......

"مهراڻ جا پيءُ هڪڙي ٻي ڪوشش ڪري ڏسون ٿا. هتان پنڌ هلون ٿا من ڳوٺ تائين پهچي وڃون."

"هاڻي ته جسم ۾ ساهه ئي نه رهيو آهي".

"مهراڻ جي صدقي ڪوشش ڪر ".

مهراڻ کي ڪلهي تي ڪڻي روانا ٿي ويا. اڌ ميل ئي پنڌ ڪون ڪيائون جو مهراڻ جي پيءُ کي چڪر اچي ويو مهراڻ هٿن مان ڇڏائجي ويس. مهراڻ روڊ تي ڪريو. واتان رت اچي ويس .. هڪڙي رڙ ڪيائين او بابا.. او امان ...ماني ڏيو، بک.....بک...لڳي....آ ۽ دم ڏني حوالي ڪيائين. ماءُ ۽ پيءُ رڙيون ڪرڻ لڳا ته مهراڻ کي بچايو.... بچايو ..

پوليس جي گاڏي اچي وئي .

پيغام شروع ڪري ڏنا ته ٻار ڪرونا جي ڪري مري ويو آهي.

ماءُ ۽ پيءُ دانهون ڪرڻ لڳا ته ٻار بک جي ڪري مري ويو آهي.

پر هنن جي ڪنهن نہ ٻڌي. ايمبولينس ۽ اسپري جي مشين اچي وئي لاش کي پوليس پنهنجي تحويل ۾ ورتي اڻ ڄاتل هنڌ وڃڻ لڳا. ماءُ ۽ پيءُ رڙيون ڪندي بيهوش ٿي ويا.

“اسان سچ پئي چيو تہ ٻار ڪرونا جي ڪري فوت ٿيو آهي هاڻي هي ٻئي زال ۽ مڙس بہ ڪرونا جي ڪري بيهوش ٿيا آهن. انهن کي بہ ايمبولينس ۾ وجهو.”

پوليس آفيسر ڳالهايو.

ٿوريءَ دير ڪان پوءِ چينلن تي تصويرن سان خبر هلڻ لڳي تہ ڪرونا جي ڪري ٽي ماڻهون فوت.....!!؟؟

## سنڌ جي واليءَ ڪي، ٻالڪ جا هٿ ادب جا ٻڏي عرض تاثر



"سونهاريءَ سنڌ جا واليءَ مرشد سائينءَ مراد علي شاهه صاحب.

مان طالب علم سومر خان ڪورائي جتي 500 سئو طالب علم پڙهندا آهن، فيبروريءَ کان اسان جو اسڪول بند آهي. پنهنجا پتڪڙا هٿ ادب جا ٻڏي عرض ٿو ڪريان ته مان گهر ۾ ويهي، بور ۽ نراس ٿي ويو آهيان

**منهنجا مرشد......**

منهنجي ٻالڪپڻ جون رانديون، اٽي ڏڪر، بلور، لڪ لڪوٽي راند ڪيڏڻ جي لاءِ ڪو به ناهي، اسڪول واري گرائونڊ ۾ پڻ ڪو به ڏسڻ نٿو اچي، گهر جا ڀاتي مون مان تنگ اچي ٿيا آهن. مون جهڙيون شرارتون ڪرڻ تي، شيلا ڪي چاچي گوليون هٽي، قتل ڪري ڇڏيو آهي، مون رڳو باغ مان انبڙيون چاڙيون ته باغائي، ڪيترن ڪلاڪن تائين مون ڪي، ابتو ٽنگي ڇڏيو هو.

وحشي وڏيري، هڪ معصوم ڪي ڪتي رتو رت ڪري ڇڏيو آهي. هر ڏينهن تي اسڪول ويندو آهيان ڪلاس رومن جا در بند

ڏسي، مايوس ٿي، واپس گهر موٽي ايندو آهيان، گهر ۾ ڪو ٻار مون سان راند ڪرڻ وارو ناهي.

آڄ آئون ٿنهڻ اس تي ويهي، ڪتاب کولي لکڻ شروع ڪيو آهي، ڪوئي ناهي جو مون کي سبق پڙهائي. مون کي ڪٺ، ونڊ، ضرب ۽ پاڃي ٻڌائي، انگ ۽ ڪوڙا ٻڌائي. مون به اهو وچن ڪيو آ ته هن ٿنهڻ اس تان نه اٿندس، جيستائين منهنجي اسڪول جو در نه کلندو.....

سائين سهڻا اوهان آل رسول آهيو، هٿ ڪٽي ٻاڏايو ته پنهنجي آقا جي صدقي، شهيد ڪربلا جي صدقي. سڄي عالم تي رحم فرمائي، هن وبا مان جان آجي ڪرائي.....

سائين سهڻا...

مالڪ مهر جو مينهن وسائي، جو وري هر گهر، ڪٽنب، واهڻ، وستن، ڳوٺن، شهرن ۽ عالم خوف جي ڪيفيت مان جان آجي ڪرائي.....

اسان جهڙن پتڪڙن هٿن تي مالڪ رحم فرمائي. جو اسان جو اسڪول کلي پوي پوءِ پنهنجن، دوستن سان رانديون ۽ تعليم پرايون، خوش ٿي اچاريون الف ۽ بي اسڪول ۾".

واڏوهٽ ادب جا

**عرضدار طالب علم**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ ڪي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**

